مهراڻ

نئين ٽُل جا پراڻے گُل

از: نظام الدين کوسو

SINDHI ADABI BOARD
سنڌي ادبي بورڊ



Alhaj Mir Nizam-ud-Din Khan Khoso

08/10/1931 ------------ 09/09/1998

نظامالدين ڪوسو

نئين ٽُل جا پُراڻا ڳُل

(اُنڙواهہ ريلوي اسٽيشن جو احوال)

اڻويهين صديءَ ختم ٿيڻ سان ئي انگريزن اُتر سنڌ فرنٽيئر ضلعي ۾ جيڪب آباد کان ڪشمور تائين ريلوي جي ڇوٽي لائين تيار ڪري وڏو احسان ڪيو هو. آمدرفت جي وڏي سهوليت ڪري ڇڏي هئائون. موٽر لارين جو زمانو ڪونہ هو. سفر لاءِ گهوڙا ڪم ايندا هئا، پر ڪشمور کان جيڪب آباد تائين وهٽن، تي ويهي اچڻ وڃڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ هئي. ريل جاري ٿيڻ تي وڏي آسائش ٿي پيئي. جيڪب آباد مان هڪڙي ٽرين صبح سان هلندي هئي ۽ ڪشمور تان بہ هڪڙي گاڏي سويل ئي رواني ٿيندي هئي. انهن جون انجڻيون ڪوئلي تي هلنديون هيون. ڪوئلو پاڻيءَ کي ٻڙڪائي ٻاڦ تيار ڪندو هو، جنهن وسيلي انجڻ جا ڦيٿا ڦرندا هئا.

انهن ريلن جي رفتار ڏهاڪو ميل في ڪلاڪ هوندي هئي. پاڻيءَ جون وڏيون ٽانڪيون هونديون هيون انجڻين جون، جن جي دوباره ڀرڻ لاءِ ڪنڊڪوٽ ۽ ٽل اسٽيشنن تي بندوبست هوندو هو. انجڻ کي پاڻيءَ جي گهرج جلدي ٿيندي هئي جو ٻاڦ ٿيڻ سبب سندن پاڻي کپيو پئي ويو. انجڻ ۾ ڪوئلي جو گهرج آهر ذخيرو وجهندا هئا، پر ٻهر جا بُند ٽڪر ڪري؛ اُهي بہ علحده انجڻ جي خاص حصي ۾ رکندا هئا، جو ٻهر جي بُندن مان تيار ٿيل ٻاهہ تکي ٿيندي هئي ۽ ٻاڦ جلدي پيدا ٿئي تہ ريل جي رفتار ۾ ڪجهہ اضافو ٿيندو هو. هي ريل گاڏيون "سُرنديون پُرنديون" ۽ "منڊڪ منڊڪ" ڪنديون، "ڪوڪان" چڙهينديون، اچي "ٽيشڻ" تي رسنديون هيون. ٻروچن ريل جو نالو ئي "منڊي ريل" رکيو هو. ٻروچ ٻوليءَ ۾ "ٽيشڻ" تي ڪافي دير بيهنديون هيون ۽ ساهي پٽي پوءِ روانيون ٿينديون هيون. هر گاڏي صبح جو ماڳ نڪري شام جو وڃي منزل پڄندي هئي. هلندي تہ آهستہ آهستہ رفتار سان پر پُڄائي ڏينهڪ. ڪڏهن بہ رڻ ۾ رولو ڪونہ ڏيندي هئي، نڪي وقت کان پوءِ پُڄندي هئي. اها ٽرين هميشہ مناسب تعداد موجب مسافرن جي ګاڏن واري هوندي هئي. سوڙهہ ۽ هڪٻئي مٿان لٽون رکي مسافر ڪونہ ويهندا هئا. منجهس هڪ بوگي فرسٽ ڪلاس ۽ سيڪنڊ ڪلاس تي مشتمل هوندي هئي. هڪ طرف فرسٽ ڪلاس تہ ٻئي طرف سيڪنڊ ڪلاس، انهن تي چڙهڻ لاءِ دروازا گيلري ۾ هوندا هئا. اڄ ڪلهہ جي ڊٻن وانگر در ٻاهران ڪونہ هوندا هئن. آبرومند انسانن لاءِ ڀريائين گيلري يا برآمدي نموني نهيل جهنگلي وارو حصو هوندو هو. ڀوتار ڀريائين ڏاڪي تي پير رکي انهيءَ گيلري نما جاءِ تي پهچي ساهي ڪري پوءِ اندر گهڙي جاءِ والاريندا هئا. ساهي ضرور ٻاهر پٽي پوءِ اندر ٿيندا هئا، جو اندر اڳ ۾ ويٺل مسافر سڀ آڌرڀاءُ لاءِ اٿي بيهندا هئا. تنهن آيل کي هرهڪ سان ڀاڪرين پئي ملڻو پوندو هو، جنهن لاءِ سندس تازو توانو هجڻ لازمي هو. انهيءَ بوگي کان پوءِ هڪ تمام ڊگهو ڊٻو "انٽر ڪلاس" جو هوندو هو. اهو بہ نهايت ڪشادو، آرامده سيٽن وارو هوندو هو. ان ۾ اٽڪل سانيڪو ماڻهن جي لاءِ ڪشادگي هوندي هئي. انهيءَ گاڏي سان بلڪل ګڏ ٻي بوگي هوندي هئي، جنهن جا ٻہ حصا هوندا هئا، جنهن جو انٽر ڪلاس وارو حصو لازمي هن انٽر ڪلاس سان مُلحق هوندو هو. اهو حصو "زنانہ انٽر ڪلاس" لاءِ مقرر هو. ان جي ٻاهران هڪ عورت جي تصوير اڪريل هوندي هئي پر ڏاڍي سينگاريل ۽ خوبصورت، ۽ انهيءَ جي ٻئي پاسي وارو حصو "ٿرڊ ڪلاس زنانہ" هوندو هو. اُن جي در ٻاهران بہ عورت

جي تصوير اکريل پر غريباڻي حال واري صورت سان. انهن خاص بوگين کان پوءِ به وڏا ڊگها چکڙي نموني گاڏا ڪاٺ جي تختن سان "ٿرڊ ڪلاس" جا هوندا هئا. سامان، ٽپال، مال يعني ساهه واري جانور وغيره کان علاوه گارڊ جي ويهڻ لاءِ به هڪ ئي بوگي ۾ بندوبست هوندو هو. سامان لاءِ سائو، ٽپال لاءِ ڳاڙهو ۽ ساهه وارن لاءِ سيخن لڳل رنگ دار جُدا جدا حصو هوندو هو. پوليس جو اُن زماني ۾ گاڏو وغيره ڪونه هوندو هو، نڪي ڪو پوليس وارو ٽرين سان هلندو هو. ٽرين لاءِ هڪ گارڊ ڪافي هو. سندس رعبدار وردي ۽ ٽوپيءَ جو وڏو ڏڪ هوندو هو. جهنڊي ۽ سيٽي سندس هٿيار هئا. اها هئي انهي جيڪب آباد ڪشمور هلندڙ ريل جي صورتحال. ايترن مختصر ڊبن سان هلي پوندي هئي. اها آرامده صورت سن ١٩٤٠ع تائين قائم رهي، تهان پوءِ انگريزن کي "جنگ جي پيڙ" ۽ آزاديءَ جي آوازن "ڪئٽ انڊيا" وغيره هٽي هيٺو ڪري وڌو. پوءِ ريل جي به اُها رفتار نه رهي، نه ڪي ٽڪيٽن وٺڻ جي عادت رهي. ماڻهو بنا پڇا جي، بنا ضابطي جي ريل ۾ چڙهڻ لڳا. خود ريلوي نظام ۾ خرابي پيدا ٿي. انجڻيون پراڻيون ٿي دڳ تي بيهڻ لڳيون. ڪڏهين وري ڊرائيور ۽ گارڊ کي ڪاٺين جي پريءَ تي ريل رستي تي بيهارڻ پئجي ويندو هو. ڊرائيور ۽ گارڊ به آخر انسان هئا. ڪين رڌپچاءُ لاءِ لڪڙ جي گهرج پئجي ويندي هئي. ٻڪريءَ يا ڳئون لاءِ گاهه پَني جي ضرورت اُن کان علاوه، سو ماڻهن به محسوس ڪري وڌو هو. "ڪاٺي جي پري" يا "گاهه گنڊو" ڏيکاري هر جگهه اسٽاپ ڪرائي وجهندا هئا. اهو سڄو ڪهاند آزاديءَ جي آواز اُٿڻ کان پوءِ شروع ٿيو. سيڪو چُڙواڳ ۽ آزاد ٿيڻ لڳو.

اُنڙواهه ريلوي اسٽيشن انهيءَ لائين جي درمياني ريلوي اسٽيشن هئي. ٻنهيءَ گاڏين جو "ڪراس" هميشه منجهند مهل ان اسٽيشن تي هوندو هو. اُن زماني ۾ اسٽيشن تي ڪي اسٽال ڪونه هوندا هئا، جنان کاڌ خوارڪ جي چيز مُيسر ٿئي. سرڪاري طرح فقط نل ۽ ڪنڊڪوٽ اسٽيشنن تي پڪوڙا ۽ مانيءَ جو ريڙهيون رکڻ جي اجازت هئي. "ٽي اسٽال" جو دستور ڪونه هو. عوام جو گذر سفر "پڪوڙا ماني" يا "خيراتي ڪوهرن" تي ته ٿي پوندو هو پر اميرن ۽ شُرافن لاءِ "پڪوڙا" ۽ "ڪوهر" کائڻ "معيوب" هوندو هو. اهي يا ته گهران ڪجهه ساڻ کڻندا هئا يا ٻُکون ڪندا وڃي منزل پهچي کاڌو کائيندا هئا. منهنجي والد صاحب جا دوست واقفڪار جڏهين انهيءَ ريل ۾ سفر ڪندا هئا ته هڪ به ڏينهن اڳ ۾ اطلاع ڪندا هئا. پوءِ مقرر تاريخ تي ابو مرحوم، گهران ماني تيار ڪرائي اسٽيشن تي موڪليندو هو. ڪڏهين پاڻ به دوستن سان "چار چشمي" ڪرڻ لاءِ ويندو هو. ٻنهي گاڏين ۾ سفر ڪندڙ اهڙن دوستن لاءِ ماني چڱي موڪليندو هو. اسٽيشن اسان جي زمينن ۾ ئي آهي ۽ ڳوٺ کي به ويجهو، سو پنڌ پري ڪونه لڳندو هو. ماڻهو جهٽ پلڪ ۾ ماني پهچائي ڏيندو هو. ان زماني ۾ موجوده ٽفن باڪس جهڙا ٿانو نه هوندا هئا، سو وڏي دسترخوان ۽ کُٽ جا وڏا ڏاڪوان ٻوڙ لاءِ ۽ ٽامَ چينيءَ جون بيضوي نموني ڊگهيون ڏڪ سان پليٽون چانورن لاءِ مستعمل هونديون هيون. برڪت ڀريو زمانو هو، موڪليل طعام سيني کي ڪافي ٿي پوندو هو. هيئي گاڏيون چڱو وقت بيهنديون هيون، جو جيڪب آباد مان مني پاڻيءَ جي ٽانڪي هر روز ايندي هئي. هڪ ٽرين اها آڻيندي هئي ۽ ٻي ٽرين مان خالي ٿيل ٽانڪي واپس نيڻ لاءِ انجڻ کي ڪڍي ٽانڪي چڪي آڻڻي پوندي هئي. ٽانڪي چڙهڻ ۽ ڳنڍڻ لاءِ ٻئي انجڻيون ڪم ڪنديون هيون، جت "گئنگ مين" يا عام بروچ ماڻهو چوندا هئا ته "ريل پئي چنڊ ڪريندي هي." انهيءَ "چنڊ" ۾ وڏو وقت لڳي ويندو هو، سو ڪاڏي جا ٿانو به انهيءَ عرصي اندر خالي ٿي ويندا هئا. ماڻهو ٻنهي گاڏين لاءِ ڏار ڏار موڪليل هوندا هئا سي سنڀاري ٿانو کڻندا هئا.

پاڻي پيارڻ لاءِ هر اسٽيشن تي معقول بندوبست هوندو هو. مسلمان مسافرن لاءِ "مسلمان بهشتي" ۽ هندو مسافرن لاءِ "هندو بهشتي" ريلوي طرفان ملازم رکيل هوندا هئا. پاڻيءَ جو ذخيرو ته سيمينٽيڊ ٽانڪيءَ ۾ هروقت

موجود رهندو هو. اُن مان پاڻي ڪڍي ٿڌي ڪرڻ خاطر خاص قسم جي گهڙامنجين تي رکيل وڏن مٽن ۾ وجهبو هو. اهي مٽ به خاص ريلوي کاتي جي آرڊر تي دادو ۾ سڀي مان ٺهي ايندا هئا. اُن تي N.W.R جو مونوگرام ٺپو ٿيل هوندو هو.

اهي مٽ سڀي ۾ دادوءَ جي خاص مٽيءَ مان ٺهرائبا هئا، جو انهيءَ مٽيءَ ۾ پاڻيءَ کي جلد ٿڌي ڪرڻ جي خاصيت هئي. قدرت اُن مٽيءَ ۾ اهڙو اثر رکيو هو. في زماني اهو اثر به زائل ٿي چڪو آهي. انهن مٽن مان بالٽيون پري ريلوي جا اهي "بهشتي ماڻهو" هر مسافر کي گاڏي ۾ ويٺي ئي پاڻي پهچائيندا هئا. بالٽين مان پاڻي ڪڍڻ جو دستي سان لوٽو صاف هوندو هو. گلاسن کي پاڻي مان وري وري ڌوئي هر ماڻهوءَ کي پوءِ پياريو ويندو هو. گلاس سنئون سڌو بالٽين مان ڪونه بوڙبو هو. گرميءَ جي موسم ۾ برف ۽ سوڊا ليمن بوتلن جو بندوبست به گاڏيءَ ۾ ريلوي کاتي طرفان ٿيندو هو. ريلوي جو هڪ "پورٽر" برف ۽ مشروب جون بوتلون وڪڻندو هلندو هو.قوت خريد رکندڙ ڏوڪڙ ڏيئي "لمليٽ بوتل" وٺي نوش جان ڪري وٺندو هو. اهي بوتلون اهڙيون ته سنيون هيون جو ڪي ڪلاڪ اندر مان اوگراين سان گلاب جي سڳنڌ پيئي نڪرندي.

اُن زماني ۾ هر زميندار، اشراف سان هڪ نه اڙدلي به ساڻ ضرور هوندا هئا، پر سگهٽي هٿ فقط سندن بغل ۾ هڪ چمڙي جي ٿيلهي جنهن ۾ هڪ چلڪڻو ۽ گلڪاري ڪيل گلاس پيل هوندو هو. ڪن گلاسن تي ته شعر به اُڪريل هوندا هئا. گهڻو ڪري هن قسم جا:

جام شربت کا پیجئے صاحب!

دست نازک سے لیجئے صاحب!

انهن اڙدلين جا هٿ نازڪ ته ڪونه هوندا هئا، پر هٿين خالي بي ضرر قسم جا ضرور هوندا هئا، با ادب با ملاحظه هوشيار قسم جا حاضر باش مصاحب. اڄ ڪلهه جي باڊي گارڊن جي هٿن ۾ ڪلاشن ڪوف ۽ منهن مهانڊن ۾ خطرناڪ "ويڙهسان ويڙهسان" ڪرڻ جهڙا بلڪل ڪونه هوندا هئا. معصوم صورت، ادب سان "جي سائين" چوڻ آکڻ وارا "اصلي انسان" هوندا هئا. اهڙا اڙدلي هر اسٽيشن تي پنهنجي "ٿرڊ ڪلاس" يا "سرونٽ ڪلاس" مان لهي اچي پوتار کان پڇندا هئا ته "سائين ڪو حڪم." پوتار کي پياس لڳل هوندي ته بغل ٿيلهي مان گلاس ڪڍي ڌوئي بهشتي کان ٿڌو پاڻي وٺي پوتار کي بنهي هٿن سان ڀريل گلاس پيش ڪري وٺندا.

ريلوي ذريعي پاڻيءَ جي پاڪائيءَ تي وڏو ڌيان ڏنل هوندو هو. بالٽين تي به ڍڪ هوندو هو. ڏولڻي ذريعي پاڻي ڪڍي گلاسن ۾ وجهبو هو. مجال جو ڪنهن جو هٿ يا برتن وغيره بالٽين سان لڳندو هجي. بهشتين کي به نيري رنگ جي "وردي" ريلوي وٽان مليل هوندي هئي، جيڪا روز ڌوپبي هئي. پاڻي وارن ملازمن کي اهڙيون ڪيئي ورديون سال ۾ ملنديون هيون. اهي بهشتي وڏي آواز "مسلمان پاڻي" " هندو پاڻي" پُڪاريندا هئا ته جيئن مسافرن کي خبر پئجي سگهي نه ته بي خبري ۾ "مٽان نه مٽان" جو انديشو ته هيوئي! ريل جي مسافرن کي ريل مان لهي پاڻي پيئڻ يا پکوڙن وٺڻ جي تڪليف ڪانه ڪرڻي پوندي هئي. بهشتي کي سڏ ڪندا ته هڪدم حاضر. ريڙهي واري کي سڏ ڪندا ته اهو ريڙهو سوري آڻي پر ۾ بيهاري حڪم جي پيروي ڪندو. پاڻيءَ لاءِ هڪ پري ڪان پڌرو هيو به نشان هوندو هو. مسلمانن لاءِ گلاس سفيد جست جو ۽ هندن لاءِ پٽل جو ڳاڙهو گلاس، پري ڪان ئي نشانبر هوندو هو.

تنهن زماني ۾ ريلوي اسٽاف ۾ تمام احتياط سان شريف خانداني ماڻهو ڀرتي ڪندا هئا. اولين زماني ۾ ته گارڊن ۽ انجڻ ڊرائيورن جو "اينگلو انڊين" هجڻ ضروري هو ۽ پوئين دؤر ۾ گهڻو ڪري "قادياني" رکبا هئا. قادياني

گارڊ يا قادياني ٽڪيٽ چيڪر عموماً رشوت کان پري ڀڄندا هئا. اول زماني ۾ اسٽيشن ماسٽر بہ عموماً هندو هوندا هئا، جيڪي نهايت هوشيار، نهايت نماڻا، نهايت ملنسار ۽ شريف الطبع هوندا هئا. آزاديءَ کان ٿورو اڳ مسلمان اسٽيشن ماسٽر تيار ٿيندا پرتي ٿيا. اسان جي انڙواهہ اسٽيشن تي غالباً ١٩۴۴ع ۾ پهريون مسلمان اسٽيشن ماسٽر آيو، جنهن اچڻ سان مسيت سڀوري بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مون کي بہ انگريزي پڙهڻ لاءِ مدد ڪيائين. پهريان هڪ بہ سبق هن کان ورتم. اهو ڏينهن ۽ اڄوڪو ڏينهن، بس اُهي بہ سبق پڙهيم، جن سان انگريزي اکر سڃاڻڻ ايندا اٿم، باقي ٿيو سڀ خير. ماڻهو منهنجا اکر ڏسي سمجهندا آهن تہ آءٌ ضرور ڪنهن ڪاليج جو ڪڙهيل آهيان، پر حقيقت ۾ انهيءَ بابو صاحب جي ڏنل ٻن سبقن کان وڌيڪ پڙهيوئي ڪونہ آهيان. خير هيءَ ڳالهہ تہ ائين درميان ۾ ڳالهوڙو ٻڌائي رکيم.. پر اصل ڳالهہ تہ ريل جي بابو صاحبن جي هئي تہ ان زماني ۾ تعليم ۾ هندو اڳيرا هئا. مسلمان مسيت منجهان پڙهي نڪرندا هئا. مدرسن جو رواج بہ ڪونہ هو، مسلمانڪا ٻار مسجد جي اندر پڙهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن آخوندن کي "مسيت" ڏوارٽي پئجي ويندي هئي.

اسٽيشن تي ريلوي جي وڏي يعني هيڊ کي "بابو صاحب" سڏيو ويندو هو. ٻيو عملو ڪجهہ هن طرح جو هوندو هو: بہ ڪانٽي وارا، هڪ صفائيءَ وارو (سُويپر)، هڪ چابيءَ وارو، بہ پاٽيءَ وارا (هڪ هندو ڀشتي ۽ هڪ مسلمان ڀشتي) ۽ هڪ جهليءَ وارو. اهو سمورو عملو گهڻو ڪري ٻاهران جا ماڻهو ايندا هئا. ان دؤر ۾ مقامي ماڻهو کي فقط "گئنگ مئن" ڪري ڪٽندا هئا، باقي اسٽيشن جي عملي لاءِ مقامي ماڻهو کي ناموزون (اڻ فٽ) سمجهبو هو. ابتدائي دؤر ۾ اسٽيشن ماسترن جي رهائش لاءِ اسٽيشن جي آفيس سان گڏوگڏ ڪواٽر ٺهيل هوندو هو. آفيس ۽ رهائش جي درميان فقط هڪ در اندران هوندو هو. ٻنهي ريلن جي وڃڻ کان پوءِ بابو صاحب واندو هوندو هو. ڪڏهين ڪا تار ايندي هئي تہ اول ان لاءِ گهنٽي وڄندي هئي تہ بابو صاحب گهران نڪري اچي تار کي ٽِڪ ٽِڪ ڪري پنهنجي موجودگيءَ جو پيغام پڄائيندو هو. هندو اسٽيشن ماسٽر فرصت ۾ دوا درمل جو ڪم بہ ڪندا هئا. اهو ڏنڌو ڏوڪڙن ڪمائڻ خاطر ڪونہ ڪندا هئا. هو آيرويدڪ ستيون ڦڪيون رکندا هئا. ڪو ماڻهو مريض ٿيندي وٽس دوا گهرڻ ايندو هو تہ اُن دوا کي "دان" ڪري ڏيندا هئا. "ميان مسلمان! چاق ٿي دعا ڪجانءِ." چئي روانو ڪري ڇڏيندا هئا. ننڍي لاڪون مون کي ڪن ۾ ڏاڍو سور پوندو هو. ڪجهہ سال تڪليف ۾ هوس. هڪ دفعي ڪو ڄاڻو بابو بدلي ٿي آيو. منهنجو سئوٽ مون کي ڪنهن شهر علاج لاءِ وٺي هليو تہ ريل ذريعي ڪنهن طرف وڃجي. سور ڏاڍو هو سو مون پئي رنو. اسٽيشن تي بہ رئندو رهيس. بابو صاحب پڇيو تہ هي ڇو ٿو روئي؟ ادي چيس تہ هن جي ڪنن ۾ سور آهي. ڪن پڄي پيا اٿس، گند بہ وهيس ٿو. اهو ٻُڌي بابو صاحب چيو تہ اڄهو ٿو هن جو سور ختم ڪريان. گهر وڃي ٿوري دير کان پوءِ ڪپهہ ۾ ڪا دوا ٻوڙي ڪٽي اچي مون کي بئنچ تي سمهاري ٻنهي ڪنن ۾ اها ڪپهہ نپوڙي دوا وڌائين. اُن مهل ئي اتي جو اتي سور ختم ٿي ويو. مون کي بئنچ تي ننڊ وٺي وئي. ادو مون کي واپس گهر وٺي آيو. بابو جي ڏسيل دوا هڪ بہ ڏينهن استعمال ٿي تہ سڄو روڳ لهي ويو! دوا ڪهڙي هئي؟ سا هيءَ تہ ڄانيي جو ڪڙو تيل ڏيئي ۾ وجهي ڪپهہ جي وٽ ناهي، ان کي تيل ۾ رکي، ٻاهہ ڏيئي، تيل کي سَهڻ جهڙو گرم ڪري ڪن ۾ وجهي آرام ڪجي. مان اڄ بہ گهڻن ٻارن کي اهو استعمال ڪرائيندو آهيان، کين آرام اچي ويندو آهي.

اسٽيشن ماسٽر صاحب جي رهائش جاءِ کان پوءِ انهيءَ آفيس بلڊنگ کان ڪجهہ وِٿيرو هڪ دڳهي پر تمام دڳهي جاءِ ٺهيل هئي. اُن ۾ هڪ يا ٻن ڪمرن جا لاڳيتا ٺهيل ڪوارٽر ٺهيل هئا. ٻيو سڄو عملو انهن ڪوارٽرن ۾ پنهنجي ٻارن سوڌو رهندو هو. انهيءَ سڄي ڊگهي جاءِ جي اڏاوت اهڙي نموني جي ٺهيل هئي جو اونهاري ۾ نهايت ٿڌي

آرامده رهندي هئي. ٻاهرين تپش اندر اصل ڪانه پهچندي هئي.

انڙواهه ريلوي اسٽيشن ڪي ڪراسنگ سبب اهميت هئي. اتي منهنجي والد صاحب پنهنجي لوڪلبورڊ جي ميمبري ذريعي هڪ عاليشان پڪي عمارت مسافرخاني لاءِ لوڪل فنڊ مان نهرائي هئي، جنهن کي وڏو ڪوٽ ۽ وڏو دروازو به ڪمپائونڊ وال لاءِ ڏنل هو. گهٽي عرصي کان پوءِ مون به چيئرمن جي حيثيت ۾ به دفعا ان جي مرمت ڪرائي. اُن وقت ريلون رات جو به هلڻ لڳيون هيون، سو مون مسافرن جي سهوليت لاءِ ڪتولا، ٻتيون ۽ تڏا به رکايا هئا.

انڙواهه تي پهريون مسلمان اسٽيشن ماسٽر شڪارپور جو شيخ غلام محمد صاحب مقرر ٿي آيو، جنهن جو ذڪر مٿي آيو آهي. سندس نهرايل مسجد شريف اڃ به چڱي حالت ۾ آهي. ٻروچ پري کان ٻيهي هٿ ٻڌي "مائي مسيت پڙدو ڪجانءِ" چئي پوءِ ريل ڏانهن ڏسندا آهن. مسجد سڳوري وري به الله سائينءَ جو گهر آهي، سا سلامت آهي، باقي مسافرخاني جو حال هاٿي ڏاڍو هيٺو آهي، پر اجان ڏِک ڏيون بيٺو آهي. جي مرمت ٿئيس ته اجا به ڪي سال وري ڀيا به بيٺو رهندو.

انڙ واهه تي ريلوي جي تار پبلڪ تار آفيس جو ڪم ڏيندي هئي. پبلڪ ٿوري خرچ سان اُن مان فائدو وٺندي هئي. هتان جي تار هڪدم پهچندي هئي. ريلوي وارن جو اهڙو انتظام هو جو اها تار بروقت ۽ جلدي سان وڃي مالڪ کي پڄائيبي هئي. اُن ۾ ڪو وقت گهٽو ڪونه لڳندو هو، وڏ ۾ وڏ ٻن ڪلاڪن اندر اها تار سڄي ملڪ ۾ پهچندي هئي ۽ جلد ۾ جلد مالڪ وٽ به پُڄندي هئي. ٻروچ چواٽي: "واه ڦلنگي! تنهنجو هُنر، جو چوڏا به ڀيا ڳالهائين!" اسٽيشن ماسٽر به علائقي جو "وڏو هڪسير" سمجهبو هو. بنا اجازت سندس آفيس ۾ ڪوبه لنگهي ڪونه ويندو هو. ماڻهن ۾ سندس عهدي جي وڏي عزت هوندي هئي.

اسٽيشن انڙواهه تان تَر جا چڱامڙس ريل ۾ چڙهڻ لاءِ پهچندا هئا ته اسٽيشن ماسٽر اُنهن جي عزت ڪري ڪين آفيس اندر وٺي وڃي ڪرسين ۽ بئنچن تي ويهاريندو هو. ڪين مانائتي نموني پڪي (جهلي) هيٺ ويهاري، پاڻ ۽ پاٽي پيش ڪندو هو. پاٽي "سچي مصري" جي "تونٻارن" سان ضرور مِنو ٿيل هوندو هو. چانهه ۽ بسڪوٽ جهڙي مهانگي مهماننوازي جو دستور ئي ڪونه هو.

انڙواه تي ريلوي طرفان پاٽيءَ جي بندوبست جو ذڪر اڳ ئي چڪو آهي. ان کان علاوه ڪن "هندو داني پُرشن" پاران به مَٽن ۽ "ڪوهرسيا" جو بندوبست هوندو هو. هُو ڪنهن اعتبار جوڳي مسلمان کي چٽا حوالي ڪندا هئا ته هو روزانه ريلن جي مهل تي "ڪوهر" ڪري اڃي مسافرن ۾ ورهائي. ان لاءِ ڪيس معقول مزوري به ملندي هئي. اهو ڪم هندن طرفان ٿيندو هو. مُسلمان کي اجان توفيق ڪانه ملي هئي، جو پنهنجي پيٽ پالڻ کان وڌيڪ ڪجهه هجيس ته وٺي خيراتون ڪندو.

جيڪب آباد کان ڪشمور تائين ريلوي لائين سان گڏوگڏ لوڪلبورڊ جي ڪچي سڙڪ به هوندي هئي، جنهن جي سنڌاري لاءِ بورڊ طرفان بيلدار مقرر ٿيل هئا. بيلدارن کي ڪوڏر، جهنبي ۽ پاهوڙو ساڻ رکڻو پوندو هو. بورڊ طرفان سڙڪ تي ڪک وڇائڻ لاءِ سَرن جي پَنن جون گاڏيون پري آڻي رکڻ لاءِ هرسال ٺيڪا ڏبا هئا. بيلدارن کي حڪم هو ته اُنهن ڪکن جي حفاظت ڪن ۽ سال تائين آهستي آهستي ڪري سڙڪ جي جهاڪن ۽ مٽيءَ جو بچاءُ ڪرڻ واسطي اهي ڪک وڇائيندا رهن.


انڙ واهه تي لوڪلبورڊ جي ريسٽ هائوس سبب ڪڏهن ڪڏهن بورڊ جو چيف آفيسر صاحب به اچي منزل انداز ٿيندو هو. چيف صاحب جو دؤرو اوچتو ٿيندو هو، سو بيلدار هميشه حاضر رهندا هئا ۽ رستي کي سُٺي حالت ۾

رکيون ايندا هئا. انهيءَ سڙڪ سان لاريون بہ هلنديون هيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن سردار يا گُردار (جنهن وٽ موٽر هجي تہ) جو بہ پنهنجي مَوٽر تي گذر ٿيندو هو. بيلدار ڪين پري کان ڏسي سلام لاءِ نوڙي بيهندا هئاءِ موٽر جي گذري وڃڻ کان پوءِ سڌا ٿي بيهندا هئا. ڪين اهو ڏر هوندو هو تہ متان پريزيڊنٽ صاحب پاڻ موٽر ۾ اچن پيا، يا ڪو بورڊ جو مکيہ "مُمبر صاحب" نہ هجي، سو ادب ۽ خيال ضروري آهي. سڙڪ جي حالت آزاديءَ تائين سٺي رهي. سياسي ليڊر عوامي دؤرن تي نڪرندا هئا تہ سڙڪن جي سُٺي حالت سببئون موٽرن تي نڪري پوندا هئا. پنڊت جواهرلعل نهرو بہ هڪ دفعي جيڪب آباد کان ڪشمور موٽر ذريعي هن سڙڪ سان سفر ڪيو هو. هڪ دفعي صوبہ سنڌ ڪانگريس جي صدر ڊاڪٽر چوئٿرام بہ انهيءَ سڙڪ سان سيٺ ماڌوَ داس سان گڏ سفر ڪيو هو. شجري بگٽي موٽر جي ڊرائيونگ ڪري رهيو هو. اتفاقً سان مان بہ اسٽيشن انڙواه تي بيٺو هوس تہ هنن اچي موٽر جهلي. لهي "هندو مٺن" مان پاڻي پيتائون. شجري سندن واقفيت مون سان ڪرائي. ڊاڪٽر صاحب ڏاڍي پيار ۽ چاهہ سان ڀاڪر پائي مليو. مون کي چيائين تہ "چڱو ٿيو جو تون ڪونہ پڙهين، نہ تہ تون بہ پاءُ [محمد امين کوسي] وانگر وتين ها ڳوٺ ڳڙيون جنگيون ڪندو!"

زماني جا ڦيرا آهن. انڙواه جو پنهنجو نالو بہ زماني جي دستبرد کان بچي نہ سگهيو. ٻروچن کي موقعو مليو تہ هٽي نالوئي مٽائي ڇڏيائونس. نالو مٽيو تہ حالت بہ تبديل ٿي ويئي. ٻروچڪو نالو پنهنجو اثر جلدي ڏيکارڻ لڳو. انڙواه جو اڳيون اوڄ سڄو ختم ٿي ويو. نڪي اُهي ٿڌا مٽ، نڪي تار، نڪي ٽپال جو ڪو بندوبست، نڪي ٽيليفون سسٽم صحيح -مطلب تہ سڄو سلسلوئي هڪ سَٽ سان پساهہ پورو ڪري ويو!

حقيقت ۾ آزاديءَ کان پوءِ هن لائين سان ريلوي جو سڄو نظام درهم برهم ٿي چڪو آهي. لائين سان هلندڙ ٽرين خساري ۾، گاڏين جي حالت خستہ، رفتار ۾ بہ ڪا رواني ڪانہ، نہ وقت نہ ويلو. آمدرفت "اڻ جاٽايل" ۽ "بي يقينو" ۽ "بي مهلو". ڪڏهن چار ڪلاڪ تہ ڪڏهن چوڏهن گهنٽا ليٽ. انهيءَ حالت هيٺ ڪهڙو اشراف ريل چڙهڻ لاءِ اسٽيشن تي ايندو؟ اسٽيشن جي آفيس اوباشن جي آماجگاه، اسٽيشن ماسٽر پاڻ ٽيبل تي اوڪڙو ويٺل آزار ۾، سندس ڪرسيون ميزون اوباشن جي حوالي. فقط ٽيبل واندي اُن تي بابو صاحب ويٺو هوندو. نہ ٽڪيٽ وٺڻ وارو نہ ٽڪيٽ پڇڻ وارو. نہ "ٿڌا گهڙا" نہ "گهڙا منجي"، ٽانگي بہ ڪربلا وارو ڏيکاءُ ڪيون پئي آهي. هاڻ هن "ٽيشڻ" تان اويل سويل فقط هتان جا گولا قوم جا ماڻهو ريل چڙهڻ لاءِ ايندا آهن. گهٽو ڪري ايندا ٽولا ٽولا ڪري ۽ زالين مُڙسين. ريل پل چار ڪلاڪ ليٽ هجي پر گولا ٻي سواريءَ جا عادي نہ آهن. اهڙين ويگنن ۽ ڊاٽسنن ۽ لارين جهڙين سهنجين مگر مهانگين سوارين ڏي واجهائين بہ ڪين. ريل جو سپاهي سهنجو لڳندو اٿن. روپيو ڏيڍ اُن کي ڏيئي ڪُڪڙ سوڌو چڙهي پوندا ريل ۾. وڃي منزل رسندا. ڪُڪڙ جا پيسا ڪائي ڪپائي وري واپسي ساڳيءَ ريل ۾ ڏيڍ روپئي ۾، پوءِ هروڀرو ڏهہ روپيہ ڏيئي ڊاٽسن تي ڇو چڙهن! ريل ۾ ٽن روپين مان ڪُڪڙ سوڌو اوٽ موٽ جو سفر ڪين سهنجو لڳندو آهي.

ڊراءِ بئٽريءَ تي ريڊيو نئون نئون نڪتو هو. اُنڙواهہ جي اسٽيشن ماسٽر اهڙو سيٽ وٺي آڻي رکيو. مون وٽ ريڊيو ڪونہ هو (حضرت امين الملت رح جي اجازت نہ هئي)، سو مولانا احتشام‌الحق ٿانوي جي روز نشر ٿيندڙ درس قرآن ٻڌڻ لاءِ روزانہ صبح جو پنڌ ڪري وڃي اهو ٻُڌندو هوس. اسٽيشن ان زماني ۾ نهايت عاليشان حالت ۾ هئي، هينئر ويرانو پيئي نظري. مون کي ڪي سال ٿيا آهن جو اسٽيشن تي ڪونہ ويو آهيان، حالانڪ ڳوٺ کان ٻن ميلن جي پنڌ تي آهي. مون کي هينئر اها خبر بہ ڪانہ پوندي آهي تہ اسٽيشن ماسٽر ڪير آهن، گهٽا آهن، ڪٿان جا آهن، نڪي



"امين الملت"، خان محمد امين خان کوسو

اُنهن جو بہ رابطو رهندو آهي. معلوم ٿيندو آهي تہ هو هميشہ اسٽيشن تي رهندا بہ ڪونہ آهن، پوءِ ڪم الائي ڪيئن هلي ٿو، سا خبر بہ ڪانهي.

"ڇوٽي لائين" وڏي پٽي تي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جلدي ٿي. ان تي وڏي انجڻ هلائڻ جو افتتاح وقت جي ريلوي وزير سردار بهادر خان ڪيو هو. هو صاحب عليگڙھ ۾ حضرت امين الملت محمد امين کوسي جو ڪلاس فيلو هو. افتتاح واري ڏينهن هن سيلون ذريعي جيڪب آباد کان ڪشمور ريل وسيلي سفر ڪيو هو. حضرت امين الملت رح ڪيس انڙواه اسٽيشن تي نيرن پهچائي هئي، جيڪا سادي ٻروچڪي سِجي ۽ ٻوڙ مانيءَ تي مشتمل هُئي. سردار بهادرخان ڏاڍو خوش ٿيو. سيلون جي دروازي تي اچي بيٺو، عام ماڻهن سان هٿ ملايائين. مون کي چيائين تہ "بهائي! اچها کيا جو نہ پڑها، ورنہ تم پر بهي بهائي جيسا اثر هوتا. اب گاؤن کو سدهارو، زمينون پر اچها کام کرو. امين صاحب، ميرے ليڊر کي مدد کرو." وغيره وغيره.

ريلوي جي وڏي لائين ٺهڻ سبب هينئر مال سڌو ڪراچي وڃي پهچي سگهيو ٿي. تنهن زماني ۾ سِم ۽ سيڪ نہ هئڻ سبب هن علائقي ۾ چڻن جي پيداوار ڏاڍي سٺي هوندي هئي. واپاري هتان ئي چڻا خريد ڪندا هئا يا زميندار پاڻ گاڏا ڀرائي T. P.X جي بِلٽي ڪڍائي اها بلٽي هتي جو هتي وڪڻندا هئا. جڏهن سِم، سيڪ ۽ مٽري جو مرض شروع ٿيو تہ چڻن جي پوک کي بہ نقصان رسيو. انهن مرضن جي ماري سبب واپار بہ گهٽجي ويو، پر ڪي سال انهيءَ سلسلي هلڻ سبب هتان جا زميندار ڪافي آسوده حال ٿي ويا هئا. واپارين پڻ چڱو ڪمايو ۽ اسٽيشن ماسٽرن جي "مُڇ مَڪائي" بہ سٺي ٿيندي هئي.

ريل جي وڏي پٽي ٺهڻ سان ريل ڪوئيٽا کان سڌو لاهور هن لائين سان بہ هلڻ لڳي، ان سهوليت سبب ڪوئيٽا ۽ لاهور طرف بہ واپار جو سلسلو شروع ٿيو ۽ اسمنگل ٿيل مال بہ پُهچڻ لڳو. ڪوئيٽا ۾ چمن ۽ تفتان ذريعي اهو مال اچڻ لڳو ۽ لاهور ۾ وري پشاور ٻاڙا طرفان ڪجهہ مال جو اچڻ آسان ٿي لڳو. انهيءَ ڪاروبار ۾ خاص ڪري بلوچستان جي واپارين گهڻو ڪجهہ ٿي ڪمايو.

اُن وقت ريل جي ذريعي "ڪُريزي مال" جي آٽ تي ايڏي سختي ڪانہ هئي. هن تر ۾ خاص طرح ريشمي ڪپڙو ۽ جرمني جون لالٽين بتيون عام جام ٿي مليون.

مان جڏهن خيرپور ڊويزنل ڪائونسل جو ميمبر هوس، تڏهن ريلوي جو ڊويزنل سپرنٽينڊنٽ مسٽر عمر محمدمختار منهنجو واقف ٿيو. انڙواه تي "مال گدام" ۽ چوڪ ڳوٺ سامهون "هالٽ" ڪائنس منظور ڪرايم. هڪ دفعي اسپيشل ٽرين تي هن لائين سان آيو تہ سندس مان ۾ انڙ واهہ اسٽيشن تي تنبو طولان هٽي دعوت ڪيم ۽ ٻئي دفعي انهيءَ مسافرخاني ۾ ڪيس چانهہ پياريم. عجيب ۽ بي طمع آفيسر هو. مون کي بہ اهڙي ايماندار آفيسر جي آدرياءَ ڪرڻ ۾ خوشي ٿي هئي. پاڻ چوندو هو تہ "سندس ملازمت ۾ هن قسم جي دعوت، جيڪا ريلوي کاتي کان ڪجهہ بہ نفعو حاصل نہ ڪندڙ ماڻهو طرفان ڪيس ملي آهي سا مثالي آهي. بر ۾ بازار لڳائڻ (بنا مطلب جي) ڪا سُتري ۽ سولي ڳالهہ ڪانهي. اهو ڪم ڪو مخلص دوست يا چريو ماڻهو ڪري سگهندو."

پاڪستان کان اڳ هڪ دفعي جيڪب آباد ضلعي جو انگريز ڊپٽي ڪمشنر، تنگوائي منزل انداز ٿيو. اُتان صبح جو گهوڙي تي چڙهي انڙواه طرف سڙڪ سان پڙتال ڪرڻ نڪتو. انڙواهہ تائين آيو. اُن مسافرخاني ۾ لهي حضرت امين الملت جي چانهہ پي واپس وريو. رستي سان جيڪي بہ آباد نمبر ڏٺائين، تن سڀني جي معافي ڊل ڏيوڻ ويو. صاحب بهادر گهوڙي سواريءَ جو ماهر هو. رڪيب ۾ پير وجهڻ کان سواءِ لانگ ورائي لهي پيو ۽ وري سوار ٿيڻ وقت بہ هني

تي هٿ رکي ٿپ ڏيئي بنا رڪيب جي سهاري چڙهي ويندو. ۽ پڙتال ڪرڻ جو به وڏو چاٽو هو. نڪتو ته تپيدارن جي چوري پڪڙڻ لاءِ هو، پر ايڏو ته اشراف جو انڙواهه ۾ تنگواني درميان تپيدارن جي ڪا چوري ڪانه ڏٺائين، پر پوڪن جي حالت ستي نه ڏسي معافيون ڏيئي ڇڏيائين. اِها هئي آفيسري، جو حالت ڏسي پاڻمرادو انصاف ڪري ڇڏيائين.

ڳالهه هلي ٿي انڙواهه اسٽيشن جي، وچ ۾ انگريز ڊپٽي ڪمشنر جي رحمدليءَ جو ذڪر اچي ويو. حقيقت ۾ ريلوي انتظام به انگريزن ڏاهيو هو. انجڻيون ۽ گاڏا ۽ لوهي پٽڙي به انگريزن جي هنر سان تيار ٿيا، ان ذريعي سفر ڪرڻ شانائتو ٿي پيو هو. انگريزن وئي پُڄاڻا ريلوي جو انتظام اهڙو نه رهيو آهي، خاص ڪري اسان واري لائين جو ته ڊانچو ڦري ويو آ. ريل جا گاڏا پراڻا ٿي ويا آهن، منجهن نه در سلامت نه دري پنهنجيءَ جاءِ تي. نڪي گرمي، ۽ سردي کان بچڻ جو ڪو بلو. انجڻيون به بلڪل پراڻيون ٿي، هلندي هلندي بيهجي وينديون آهن. اهو روز جو معمول ٿي پيو آهي.

هاڻي هر ٽرين سان حفاظت خاطر مُسلح محافظ دستا هلندا آهن، ورنه مسافرن جي ڦرجڻ جو خدشو رهندو آهي. ڪيترائي واقعا ٿي چڪا آهن. وقت وقت جي ڳالهه آهي. برانچ لائين جو بُرو حال ٿي ويو، سنو ۽ اعتبار وارو دؤر انگريز پاڻ سان گڏ پورو ڪيون ويا.

جيڪب آباد-ڪشمور لائين سان ته هاڻ نسورو ناحق آهي. ڪوبه شريف انسان ريل ۾ سفر ڪندي ڪونه ڏسبو. ڪنهن زماني ان لائين سان سفر ڪندڙ ضلعي جا معتبر، سردار ۽ اشراف ماڻهو ئي هوندا هئا. مهيني اڌ ۾ هڪ به دفعا انهن چڱن مُرّسن جو ديدار انڙواهه ريلوي اسٽيشن تي ٿي ويندو هو ۽ اهي سفر ڪندڙ ملوڪ ماڻهو پاڻ ۾ ريل جي سفر دؤران "حالي احوالي" ٿيندا هئا. مطلب ته سڄي ضلعي جون خبرون، ڏک سک، شادين غمين جا معلومات ۽ موقعا پيا ملندا هئا. مون انٽر ڪلاس ۾ سفر ڪندڙ سياڻن انسانن کي پاڻ ۾ "خوش دُراهه" ڪندي ڏٺو ۽ "حالي احوالي" ٿيندي ڊٺو. ڪشمور کان ايندڙ ٽرين ۾ خانصاحب علي بلاول خان ڊومبڪي، حاجي شاهمراد خان ڊومبڪي، نجم الدين خان مزاري، خانبهادر چاڪرخان سُهرياڻي، سردار اسلام خان بگٽي، ولي محمدخان ڪوسو، سردار مير بلوچ خان ڊومبڪي ۽ سندس فرزند مير تاج محمد خان ڊومبڪي، مير قيصر خان گولاٽو جهڙا ماڻهو سفر ڪندي انڙواهه تي ڏسبا هئا. انڙواهه تان وري حاجي دليل خان بنگلاڻي، سردار دوست محمد خان جکراڻي، حاجي محمد رحيم خان ڪوسو، خانبهادر سعيد خان رند، سردار عمر حيات خان لاشاري ۽ ابي مرحوم حاجي عبدالعزيز خان ڪوسي جهڙا مکڻ ماڻهو ريل ۾ سوار ٿيندا هئا. اڳتي ٻين اسٽيشنن تان مير بهادرخان ڪوسو ۽ سندس فرزند خانبهادر دلمراد خان ڪوسو جهڙا وڏا زميندار به انهيءَ ٽرين ۾ چڙهندا هئا. اهي سڀ موتي داڻن جهڙا ماڻهو چڙهندا "انٽر ڪلاس" ۾ هئا، ڇاڪاڻ ته "سيڪنڊ ڪلاس" ڪامورن لاءِ هوندو هو ۽ "فرسٽ ڪلاس" فقط "فرنگي حاڪمن" لاءِ مخصوص ٿيل هوندو هو. جڏهن لائين تي وڏي پٽي تيار ٿي تڏهن اها "منڊي گاڏي" به پنهنجي تاريخ پوري ڪري وئي. وڏي لائين ٿيڻ کان پوءِ زميندار طبقو به سيڪنڊ ڪلاس ۾ سفر ڪرڻ لڳو، ڇاڪاڻ ته نئين ٽرين جي انٽر ڪلاس گاڏن ۾ سفر ڪرڻ عزت جهڙي ڳالهه نه رهي هئي. هي سڄو قصو ان زماني جو آهي، جنهن وقت امن امان هو، هرڪو هرڪنهن کان خوش هو: ڪنهن کي به ڪنهن سان شڪايت ڪانه هئي، "اليڪشني عذاب" اڃا ڪونه آيل هو. دليون انهيءَ "عذابي رنجشن" کان خالي هيون. ڪنهن جو ڪنهن سان ووٽن جي واسطي وارو تڪرار ڪونه هو، ڪا خودغرضي ڪانه هئي. سڀيئي ساده مزاج ۽ صافدل بروح هئا، سو ريل ۾ سفر ڪندي "ياڪرين پوڻ" ۽ "حالي احوالي" ٿيڻ لاءِ ڪا چيز مانع ڪانه هئي. نهايت صُلح ۽ امن واري ماحول ۾ مجلسون ڪندا، چرچا گهبا ڪندا، سفر کي پورو ڪندا هئا. منزل

پڇي هڏ ٻئي ڪان موڪلائي ريل تان لهي اُن زماني جي "شڪارپوري مندم چاپ" ٽانگن تي چڙهي پنهنجي ماڳ تي رسندا هئا.

چوٿي لائين جي ئي زماني ۾ هڪ دفعي ريل ۾ سفر ڪندي مون کي پنهنجي والد مرحوم جي پڳ مٽ يار قاضي عبدالغني صاحب جي زيارت نصيب ٿي. هو ڪنڊڪوٽ کان اچي رهيو هو. مان انڙ واهه تان چڙهيس ته مون کي ڏسي پُڇيائين ته تون ڪنهن جو پُٽ آهين. مان ابي جو نالو ورتو ته اچي ڀاڪر پاتائين ته تون ته منهنجي مرحوم يار جي نشاني آهين. قاضي صاحب ڪنهن زماني ۾ هتان جي ضلعي جو تعليم کاتي ۾ ايڊمنسٽريٽو آفيسر هو. هتي ڳوٺ ۾ ڪيترائي گهمرا آيو هو. مان اُن زماني ۾ ننڍو هوس. قاضي صاحب ڏاڍي قرب سان مليو ته مون کي سندس هتي اچڻ جو وقت ياد اچي ويو. قاضي صاحب ٻڌايو ته هو هينئر زميندارن جي پٽن کي انگريزي تعليم زوري ڏيارڻ لاءِ سڄي سنڌ تي مقرر ٿيل آهي؛ سندس هي سفر انهي سلسلي ۾ آهي. ريل جڏهن چوڪ ڳوٺ سامهون پهتي ته ڳوٺ جي ڳاڙهي بنگلي ڏي اشارو ڪري ٻڌايائين ته ڪنهن رات هن بنگلي ۾ رات جو ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي صاحب سان گڏ رهيا هئاسون. ڊاڪٽر صاحب ولايت مان پڙهي آيو هو ته سنڌ مدرسةالاسلام جي سُڌاري لاءِ سڄي سنڌ جي دؤري تي نڪتو هو ته مسلمان زميندارن کان چندو وٺي مدرسي جي حالت سڌاري وڃي ته جيئن مسلمان به تعليم ۾ "اڳيرا" ٿي سگهن. ڪشمور کان موٽر ذريعي نڪتل هئا، رات ٿي ويئي هُين. ڪين معلوم ٿيو ته خانبهادر آدم خان ڪوسو پاڻ ڳوٺ ۾ موجود آهي. خانبهادر قاضي صاحب جو واقف هو، سو ڊاڪٽر صاحب کي صلاح ڏنائين ته اوير ٿي ويئي آهي، لڙي ٿا وڃي خانبهادر جا مهمان ٿيون ۽ رات اتي گذاريون. ڊاڪٽر صاحب به رات جي ڪري وڏيڪ سفر تي هلڻ مناسب نه ڄاتو، سو سڙڪ کان لڙي سامهون انهيءَ بنگلي وٽ پهتا. خانبهادر آدم خان ڪوسي سندن وڏو آدر ڀاءُ ڪيو. قاضي صاحب ٻڌايو ته هُن ڀهراڙي نموني جي نهايت عاليشان مهماني ڪئي. نهايت اعليٰ درجي جي ماني ڪارائي. ماني بعد ڪچهري شروع ٿي. هيڪاندا ٿي فقط ٽي ڄڻا ويناسون. سياري جي رات هئي. بخاري ۾ ٻير جي بندن سان مچ ٻري پيو. خانبهادر کي خبر پئي ته ڊاڪٽر صاحب ولايت مان پڙهي آيو آهي ته ڪائنس ولايت جي ٻُڌل ڳالهين بابت پڇڻ لڳو ۽ ولايت جي "مندمن" جي "آزاد خياليءَ" بابت پڇيائين. ڊاڪٽر صاحب نيڪ انسان هو. اول ته اهي سوال ٻڌي حيرانگيءَ ۾ پئجي ويو، پر مون کيس انگريزيءَ ۾ چيو ته هن جي اها ڳالهه دل ۾ نه ڪريو. هي ساده طبع بروچ آهي، وٽن اهڙيون ڳالهيون معيوب نه سمجهيون وينديون آهن. پوءِ ڊاڪٽر صاحب به کلي ڏنو ۽ چيائين ته "خانبهادر! آءٌ غريباڻو ٻار هوس ۽ ولايت پڙهڻ ويو هوس. اتي پڙهڻ کان ئي واندڪائي ڪانه رهي ۽ نڪي مون وٽ ڪو پئسو به وافر هو، جو ان طرف ڌيان ڏيئي سگهان. سو اُتان جي ماحول جي ڪا خبر ڪانه رکيم." خانبهادر پاڻ کُلي پيو ته ڪيس ڪراچيءَ ۾ "مندمن سان ملاقاتن" جا موقعا مليا، پر ڏاڍيون ڦڪيون ۽ بي سواديون نڪتيون. سندس ملڻ مان ڪو مزو ئي ڪونه آيو. قاضي صاحب چوڪ جي رهائش واري رات جو قصو پورو ڪيو ته مون کيس عرض ڪيو ته ابو مرحوم انهيءَ چوڪ جي جامع مسجد شريف پرسان مدفون آهي. مون کي انگريزي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي، پر مون کي موقعو نه ٿا ڏين. مائٽ چون ٿا ته تون نظام الدين جي نالي سان "اولياءُ" پيو سڏجين، سو توکي "مولوي" ٿيڻ گهرجي. سو اوهان بندوبست ڪريو ته آءٌ به انگريزي پڙهان، پوءِ مولوي ٿيڻ ۾ به ڪا رڪاوٽ ڪانهي. پر اڳتي هلي قاضي صاحب جي انهيءَ عهدي به مون کي ڪو فائدو ڪونه رسايو، نڪي مولوي به ٻڻجي سگهيس. فارسيءَ ۾ به هڪ اڌ بيت جون معنائون هنريت سيکاريائون ته:

ڪريمان جا بُجڪا ڪٽي ويا چهه چور،
ٻه انڌا ٻه مندا ٻه سنڌي لغور!

بسم الله يعني شروعات ئي غلط. فارسي وارن سنڌين کي "لغور" سڏي روح ئي ڪڍائي ڇڏيو پارسي پڙهڻ کان.

مان ريل ۾ عموماً سيڪنڊ ڪلاس ۾ سفر ڪندو هوس، ان ڪري چڱن ماڻهن سان واقفيت ٿي. قاضي صاحب سان بہ انهيءَ ڪلاس ۾ سفر سبب نيازمندي حاصل ٿي. مان "چورو آپ زورو" ڪونہ ٿيس. قدرت منهنجي طبع ۾ نياز، نوڙت ۽ نيڪيءَ جا آثار وڌا هئا. پڙهي ڪونہ سگهيس، پر "لانگڙلاهہ جاهل" بہ نہ بڻيس. ڪجهہ ساڄاهہ جي سُٺي پيتل هئي، سو ان ڪري قدرت منهنجي سڄي زندگي پنهنجي ڪرم سان ڏاڍي سهڻي هلائي.

صدر ايوب خان پنهنجي مارشل لا جي دؤر ۾ بلوچستان وارن سان ڏاڍا ڏاڍ ڪيا. بلوچن جي بادشاهہ، اعليٰ حضرت خان احمد يار خان آف قلات کي قيد ڪيائين ۽ ٻين بلوچ سردارن سان بہ وڏا ڪلور ڪيائين. سو انهيءَ ظلم جي دؤر ۾ ڪجهہ ٻروچ سرڪار جي اڏاوت انڙواهہ اسٽيشن تي ڪاهي آيا. گاسليٽ هاري تيلي ڏيئي سڄي بلڊنگ ساڙي ڇڏيائون. انهيءَ باهہ مان سڙيل انڙواهہ اسٽيشن وري سنڀري نہ سگهي. انڙواهہ زمانن کان عوامي اسٽيشن هئي، سو "عوامي" لاءِ ڪهڙو ليڊر سرجوشي ڪندو؟ انهيءَ عوامي J.K.R سڄي لائين جي حالت خستہ ٿي ويئي. زبون ٿيل ٽرين ۾ ڪير سفر ڪري! انگريزن جي جاري ڪيل هيءَ ريلوي لائين جيڪب آباد کان ڪشمور تائين ڪنهن نہ ڪم جي رهي آهي. سڄو نظام ويراني جهڙو ٿي ويو آهي!

انڙواهہ کي زبون حالي کان بچائڻ لاءِ اسان جي خاندان وڏا وس ڪيا. ابي مرحوم پنهنجي دؤر ۾ مسافرخانو ٺهرايو. اسٽيشن ماسترن جي سار سنڀال لڌي ۽ سڄي عملي جي حفاظت ڪئي، پر آزاديءَ کان اڳ ۾ ئي اٽر ريلوي تي پئجي چڪو هو. اسٽيشن ماستر هليا ويا، ٽرين کي هلائڻ وارا سڀ هنرمند پارت هليا ويا تہ ريل ئي بند ٿي ويئي. سال ڏيڍ کان پوءِ جڏهن پاڪستان ريلوي منسٽر سردار عبدالرب نشتر ٿيو، تڏهين حضرت امين الملت کيس خط لکيو تہ انڙواهہ ريلوي کي کوليو وڃي ۽ ريل چالو ڪئي وڃي. سردار صاحب نهايت شريف انسان هو، سو هڪدم اسٽيشن کولڻ ۽ ريل جاري رکڻ جا احڪام صادر ڪيائين. هي تہ هڪ وقتي طور تي بلو ٿيو. سالن پڄاڻا مسلمان والٽن ٽريننگ لاءِ تيار ٿيا، تڏهن وڃي ريل جا مسلمان بابو بڻيا، سي بہ پنجاب کان آيل. سنڌي ويچارا لاهور کي پرديس سمجهي سکيا لاءِ ڪونہ ويندا هئا.

انڙواهہ تي ڪن سالن کان پوءِ ٽرينڊ اسٽيشن ماستر آيو، تنهن اچي تار وغيره جو ڪم ڪيو. پنجاب مان آيل ويچارن اسٽيشن ماسترن کي هتان جي ٻولي ڪانہ ايندي هئي. ٻروچن وري سندن پانڌا چورائڻ شروع ڪيا. بهرحال ڏکيو سکيو رهي بہ انهن پنجابي ماڻهن ڪم کي اڳتي وڌايو. مين لائين جي حالت ۾ سڌارو آيو، پر J.K.R برانچ لائين ۾ ڪا وڏي تبديلي وري بہ ڪانہ آئي، هيءَ لائين بہ غالباً هڪ صدي پوري ڪرڻ تي آهي.

انگريز هئا تہ "غير مُلڪي غاصب"، پر هتي جو وقت حڪومت ڪيائون تہ حاڪم ٿي گذاريائون. ملڪي ماڻهن تي ضابطو رکي امن امان قائم ڪيائون. پنهنجي جوڙجڪي نظام جو تحفظ ڪيائون. ريلوي لائين کي سلامتيءَ سان هلائڻ لاءِ تار سسٽم کي پروسي جهڙو رکيائون. ان جي روانيءَ ۾ تسلسل رکيائون، ڪڏهن بہ ڪو نقص پيدا ڪرڻ نہ ڏنائون. تڏهن تہ ريل مقرره ٽائيم تي پهچندي رهي ۽ ٽپال بہ انهيءَ ذريعي ٽائيم اندر ماڻهن جي گهرن تائين پهچندي رهي. ٽڪڙي تار بہ هڪدم مالڪ تائين پهتو ٿيندي هئي. مطلب تہ هر ڪم ٽڪڙو ۽ پروسي جهڙو ٿيندو هو. انگريزن وئي آزادي تہ ضرور آئي آهي، پر اهو اعليٰ انتظام وارو سلسلو انگريزن سان گڏ انگلينڊ وڃي پهتو. ڪم از ڪم انڙواهہ تي تہ اهو حال آهي.

هاٿي انڙواهه تي نالو ٻه ٻروچڪو ته ڪم ٻه ٻروچڪا. نڪو ڪو ٽڪيٽ وٺي، نڪو ٽڏو مٽ باقي هوندو، نڪي تار نه ٽپال جو ڪو بندوبست، رڳو دڪانن تي اوباشن جون چانهه تي جُلهون. انهيءَ بهاني شام جو اچي گڏبا، صلاحون ٿينديون ته اڄ رات ڪنهن جو جهڳو "مسيت" ڪرڻو آهي.


تازو ايشيا بئنڪ ذريعي روڊ نهڻ سبب بسن جا اسٽاپ به تيار ٿيا آهن. اتي اسٽارٽرن جو ڪم شروع ٿيو آهي. في ويگن تي ٥ رپيا هر اسٽارٽر جي "ڀٽي"، سو اسٽارٽرن چانو لاءِ مَنهه ۾ چانهه لاءِ چلها ناهيا آهن. تن جي پري ڪان وَسنوَ انڙواهه جي "لُڪي ۾ ساهه" وڌو آهي، نه ته اسٽاف ۾ اسٽيشن ماسٽرن جي ڪوارٽرن ۾ ڇپون اچي جايون آڪيرا ڪن ها.

ڪنهن زمانيءَ ۾ اسٽيشن تي گئنگ مين به آڪهه سوڌو رهندا هئا. هن علائقي جا "گئنگ مين" يا "گئنگ ميٽ" گهڻو ڪري جت قوم جا هلندا اچن ٿا. علي بخش لاشاري نالي هڪ گئنگ مئن به اسٽيشن جي اسٽاف ڪوارٽر مان هڪ ۾ وينو هو. سندس به گهر واريون هيون. هڪ ته پنهنجي جنٽي هيس، ٻي وري لنگهي قوم مان شوق ڪري پيسا خرچي پرڻيو هو. ريلوي لائين سان ڪچي سڙڪ به تنهن زماني ۾ چڱيءَ حالت ۾ هوندي هئي. ان سان هڪ ڏينهن ڪا ڄڃ اچي گذرڻ لڳي. پنج ڇهه بيل گاڏيون هجن. ٻهراڙيءَ جي عورتن جي عادت هوندي آهي ته شادي مرادي ۾ ڄڃ سان وينديون ڪا وَسنوَ ڏسنديون ته "ڪاڪڙو ڦاڙي" سهرو ضرور چونديون آهن. سو انهيءَ ڄڃ جي ماڻن به اسٽيشن ڏسي پنهنجو "وارو وڄايو." سندن آواز تي علي بخش جون ٻئي گهر واريون ڪوارٽر مان ٻاهر اچي ڄڃ جو لقاءُ ڏسڻ لڳيون. جنٽي مائي چوڻ لڳي: "اڙي او ادي لنگهي! اڄ تيڪون مُظرا ڏيکاوان." ايهي گاڏيان ڦاٽڪ ڪنون ٽپ ڳيان ته پڇهين ميڏا نا لڳن، جي اورون ڪجهه ٿيا ته آک ته ميڏا لڳا." قدرت خدا جي، جيئن بيل گاڏيون ڦاٽڪ تي چڙهڻ لڳيون، تيئن سندن پاڃارين جون ڪليون پڇي پيون ۽ نٽ نڪري ويا. گاڏيون سڀيئي اُبيون ٿي ويون. منجهن وينل عورتن ڪي ڏاڍا ڌڪ لڳا. مرڻ ڪان بچي ويون، مگر ماڳ تائين رت ڳاڙينديون ويون. هيءَ ته هئي هڪ مائي جنٽي جي ڳالهه، پر جت مرد پاڻ به ڪي گهٽ ڪونه هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ هوڏ ڪري وجهندا هئا ته هلندڙ ريل ڪي به بيهاري ڇڏيندا هئا. اهي گُنگ مين جت "ڪار زبانا" به سڏبا هئا، ڪن کي "وڄلا" سڏيندا هئا. "ڪار زبانن" جي ڳالهه ڪاري رکندي هئي، پر "وڄلن" جي واتان شل چڱي نڪري، اصل ماري رکندا هئا. ريل جي سڄي لائين تي گهڻو ڪري اهي جت لائين جا بيلدار آهن، پر هاڻ سندن زبانن ۾ اهو اثر نه رهيو آهي. شايد سندن حلال لُقمن ۾ ڪو ڦيرو آيو هوندو. حرام جي اثر پوڻ تي اصلي جوهر جهڪا ٿي ويندا آهن، سو اڄ ڪلهه جي ڪنهن "وڄلي" ۾ وڄ جهڙو اثر ڪونهي.

ڪنهن زماني يعني ١٩٥٤ع تائين مال ۽ ٽپال جو سلسلو موڪلڻ جو ذريعو ريل هوندو هو. ٽرڪن يا N.L.C جي ٽريلرن ذريعي مال ڪونه ويندو هو، نڪي ٽپال لاءِ ڪي سوزڪيون ايجاد ٿيون هيون. هر ٽرين سان ٽپال ۽ لگيج لاءِ جدا ڊٻو لڳل هوندو هو. وڌو ۽ گهڻو بار ته مال گاڏين ذريعي نقل و حرڪت ۾ ايندو هو. مون کي ياد آهي ته اخبارون "مدينه" بجنور مان، "الجميعته" دهليءَ مان، "منادي" دهليءَ مان، "هندو" ڪراچيءَ مان، "الوحيد" ڪراچيءَ مان، روزانه تازه به تازه انڙواهه پهچي وينديون هيون. اهڙيءَ طرح هفتيوار رسالا يا ماهناما به پنهنجن مقرره تاريخن اندر پهچندا هئا. "شباب" اردو، "نيرنگ خيال" اردو، "بلوچي دنيا" اردو، "مهراڻ" تماهي، "نئين زندگي" سنڌي وغيره وغيره به اسان وٽ ٽپال ذريعي پهچندا هئا.

خان عبدالصمد خان اڇڪزئي جو وڏو ڀاءُ حاجي عبدالسلام خان گلستان مان اونهاري موسم ۾ سبزي ۽ ميوو بلتي ڪندو هو. اهو ٽوڪرو ٻئي ڏينهن جو هتي انڙواهه پهچي ويندو هو. جيستائين ائين ٿيندو رهيو ۽ مال سلامت پهچندو رهيو، اوستائين حاجي صاحب اهو سلسلو جاري رکيو آيو. جڏهن انتظام ۽ امانت ۾ رخنو پيو، تڏهن اسان ٻه هتان دانهن ڪئي ته حاجي صاحب! هاڻ مال نٺو پهچي يا اڌورو پيو پڙ پوي، سو اهو سلسلو بند ڪجي ته بهتر ٿيندو.

اڄ ڪلهه ٽپال ٻه ريل ذريعي ونڻ موڪلڻ بند ڪيو اٿن، سڄو سسٽم ويگن حوالي ٿيو آهي. انڙواهه جو هڪ دڪاندار ٻه ٽي ڏينهن رکي نل ويندو آهي ۽ ٽپال ڪٺي ايندو آهي. اسان لاءِ جو روزانو مطالعي جو مصالحو ايندو هو سو بند ٿي چڪو آهي. ٽڪلي ۽ لفافا ٻه نل تان گهرائبا آهن. اخبارون ٻه شهر کان "پراڻيون ۽ پاروٿيون" پهچنديون آهن. باقي ڪتابن گهرائڻ يا نون شايع ٿيندڙ ڪتابن جو اچڻ وارو در بند ٿي چڪو آهي، يا پارسلن جا بار ڪير کڻي، ڪير پهچائي؟ قصوئي ڪوتاهه ٿي چُڪو!



نظامالدين ڪوسو

نئين ٽُل جا پراڻا گُل

دليل پور ۽ ڀرپاسي جو احوال

هن سلسلي جو پهريون ڀاڱو انڙ واهه ريلوي اسٽيشن ۽ ريلوي لائين جي باري ۾ هو، جو "مهراڻ" (۱۹۹۵/۱ع) ۾ ڇپجي چڪو آهي. هينئر هي سلسلو انڙ واهه کان ڏکڻ طرف لاءِ شروع ڪجي ٿو.

انڙ واهه ريلوي اسٽيشن کان ڏکڻ طرف انڙواهه ڪئنال وهندو هو، جيڪو درياءَ کان ٿوڙي بنگلي وٽان نڪرندو هو. انڙ واهه جو منهن سنئون سڌو درياءَ کان هو. ڪنهن ڦاٽ يا ڍنڍ مان ڪونه هو، ٿوڙي بند ذريعي درياءَ جو پاڻي انڙ واهه جي منهن تائين هو. اُن تي نهايت مضبوط ريگيوليٽر ۱۹۰۱ع جو ٺهيل هو. آبڪلاٽي جي چاڙهه ۾ ٿوڙي بنگلي وٽان درياءَ سنڌ جي ڇولين جو نظارو نهايت خوش منظر هوندو هو. اُن وقت جي قداور ماڻهو جهارو ڀيو جو نشان به بنگلي تي اڃا لڳل آهي. ڇون ٿا ته عالم چنا کان به ڊگهو هو. انڙ واهه ڪئنال جي ۲۴ ميل تي انڙ واهه ريلوي اسٽيشن هئي. اُن جي ڀرسان هڪ عاليشان پڪسرو انسپيڪشن بنگلو ٺهيل هو، جيڪو ڪلاس مطابق سيڪنڊ ڪلاس هو. ان ۾ جدا اصطبل ۽ سرونٽ ڪوارٽر به ٺهيل هئا. نهايت هوادار ۽ مٽي ٿلهي تي ٺهيل هو. چوڌاري پڪي چؤديواري هيس. اندر نلڪو ۽ گلن جا ٻوٽا ۽ گهاٽا وڻ به هوندا هئس. مون جنهن زماني ۾ انهيءَ بنگلي کي ڏٺو ته اُن وقت نهايت عاليشان ۽ آباد سرڪاري بنگلو ڏسبو هو. حضرت امين الملت جڏهن علي ڳڙهه مان ايندو هو ته ڪنهن شام جو ٽانگي تي چڙهي انهيءَ پاسي بنگلي وٽان رستي سان وڃبو هو. اسان جي هڪ عزيز حاجي ايوب خان جو ڳوٺ انهيءَ بنگلي واري ديهه ۾ هو، سو ايندي ويندي بنگلي جو نظارو ٿيندو هو. بنگلي جي اڳيان گُلن جو چمن هوندو هو ۽ پاسي سان گهاٽا ڊگها وڻ هوندا هُئس. ڪڏهن ڪڏهن موسم آهر اتي وَهيا به اچي ويهندا هئا ته اسان به شڪار خاطر بندوق جي هڪ ڪارتوس سان ويهارو وهيا ماري وجهندا هئاسون. بنگلي لاءِ خاص چوڪيدار رکيل هو يا نه سا خبر ڪانهي، باقي اسان کي ڪڏهن بنگلي اندر يا ٻاهر ماڻهو ڪونه نظر ايندو هو. بنگلي جي ڀرسان ڪئنال جي ٻئي پاسي ڀرچونڊي شريف جي جماعت وارن فقيرن جا گهر هوندا هئا. پير صاحب جي آمد تي هزارين فقير اچي اتي گڏ ٿيندا هئا. پر مجال آهي جو ڪنهن فقير انهيءَ بنگلي سان ڪؤنس ڪئي هجي. فقيرن لاءِ ته اهو ٽڪرو ڄڻ ممنوعه علائقي وانگر هو. انهيءَ جماعت جا فقير ڏاڍا ارڏا هوندا آهن پر انهن ڪڏهن به ڪئنال يا بنگلي جي ڪنهن وڻ تان ڪو ڏنڊڻ به پٽيو هجي. ڪئنال سان ٻيرن جا گهاٽا ۽ ڊگها وڻ هوندا هئا. انگريزن جو دؤر هو، باقاعده انهيءَ جي شجر شماري ٿيندي هئي. ڪنهن ڪمي بيشيءَ تي بيلدارن جي پگهار ڪٽبي هئي. داروغا، اوورسيئر، اسسٽنٽ انجنيئر باقاعده مهيني ۾ هڪ اڌ ڀيرو ڪئنال جي انسپيڪشن ڪندا هئا. ڪئنال تي ٺهيل انسپيڪشن پاٿ جي ايڏي ته حفاظت هوندي هئي جو باقاعده ٻُهاريل هوندي هئي ۽ ڪنهن کي به اُن تي پير گهمائڻ جي اجازت ڪانه هئي. هميشه لوڙهي سان بند هوندي هئي. جڏهن ڪو عملدار انسپيڪشن لاءِ اچڻو هوندو هو ته ۲۴ ڪلاڪ اڳ ۾ ڪئنال وائر ذريعي اطلاع ٿيندو هو، پوءِ اهي لوڙها کولي ٻهارو ڏبو هو. سڄي حد جا بيلدار پنهنجي ’ڪوڏر‘ ۽ ’پانوڙي‘ سان حد اندر حاضر رهندا هئا. موٽرن جو زمانو ڪونه هو.. عموماً عملدار "مَهريءَ" تي سواري ڪندا هئا. اهي اٺ نهايت تيز رفتار ۽ ڏاڍا سهنجو هلڻ وارا هوندا هئا. اهي اُٺ سرڪاري هوندا هئا. انهن جي واڳ هلائڻ وارا شتر سوار به سرڪاري طرح هميشه جي پگهار تي مقرر هوندا هئا، جيڪي عموماً جت قوم جا ڀرتي ٿيندا هئا، جن کي "گل

ڦان" سڏبو هو.

ڪئنال جي ڪڙ ۽ ڪڙين جي وڏي حفاظت هوندي هئي. موريءَ جي مقرره ماپ کان رکڻ ڏوهه هو. باقاعده ڏنڊ جا فارم ڇپرايا هئا. اهو ڏنڊ ڀل وانگر زوري وصول ٿيندو هو. انگريزن پنهنجي ملازمن جي حفاظت لاءِ "نوڪري اٽڪاءَ" جهڙو قانون به ناهيو هو، تنهنڪري ملازمن کي نوڪري ڪندي ٻئي ڪنهن پبلڪ جي مداخلت جو خطرو ڪونه هوندو هو: سو ڪئنال جا ڪڙ، ڪڙيا، وٽڪار ۽ اهلڪار سڀ پبلڪ جي ڪوُنس کان محفوظ هئا. انهيءَ قانوني سختي جي ڪري ڪئنال مان پاڻي جي تقسيم به منهن کان پڇڙيءَ تائين يڪسان ۽ مُسلسل ۽ آبڪلاٽيءَ جي موسم ۾ مڪمل ٿيندي هئي. هر ڪنهن کي ايراضي آهر پاڻي ميسر رهندو هو. اڻ واهه جي ۲۵ ميل ريگيوليٽر تي هميشه فل سپلاءِ گيج تي اٺ فوٽ پاڻي هوندو هو. ڪئنال سان گشت ڪندڙ عملدار بلا خوف رات جو به سفر ڪندا هئا. چاڪاڻ ته اونهاري جي موسم رات جو معتدل هئڻ ڪري ڏينهن کان وڌيڪ گهمڻ لاءِ موزون سمجهبو هو. اڻ واهه جي خاص ڪري مذڪوره ٽڪرَي تي ٻن ٽن ميلن تي رات جو وسنڌ سمان رهندو هو. بنگلو به اتي هو ته وري فقيرن جا گهر به ميلن جي ديگهه ۾ نهيل هئا. مغرب کان عشاءَ تائين ذڪر جو آواز پيو ڪڙ ڪان ٻڌبو هو، ۽ خاص ڪري اُسر مهل ته گهر گهر جا سڀيئي ڀاتي اُٿي ذڪر ۾ مشغول ٿيندا هئا. الله تعاليٰ جو منو نالو پيو ڪنين پوندو هو. پرچوندي شريف جا فقير ذڪر جي پابندي اُن زماني ۾ ضروري ڪندا هئا. ذڪر الاهي جي 'پڙلاءَ' سبب انسپيڪشن بنگلو هميشه محفوظ رهيو. ڪنهن به فقير يا ڪنهن به ڪاموري ان ڏانهن غير نگاه نه وڌي. بنگلي واري سڄي ديهه برڪت ڀري هوندي هئي. "پرچوندي شريف جي پلارن" جي آمد سبب هر طرح محفوظ ۽ آباد هئي. آزاديءَ جي اچڻ تائين اها برڪت ڀريئي حالت سلامت رهي، پوءِ فرض شناس آفيسرن جي وڃڻ کان بعد اڻ واهه ڪئنال جي حالت تمام خسته ٿيندي وئي. جتي ۸ فوٽ فل سپلاءِ گيج هوندي هئي اُتي هاڻ اڌ فوٽ به پاڻي نٿو اچي. وُٽن جي پاڙ پٽجي وئي. بنگلي کي ڪنهن سب ڊويزنل آفيسر صاحب جيڪو "لڪڙ هضم پٿر هضم" قسم جو ماڻهو هو، تنهن 'پاڙون پٽائي' ڇڏيو. آئرن جون سرون به وڪڻي ڇڏيائين ۽ هاڻي ان بنگلي واري جاءِ تي "حُر مجاهدن" جو ڳوٺ آهي. هوڏانهن وري ٻئي پَر پرچوندي شريف جي فقيرن جا ڳوٺ آهن، باقي اڻ واهه ڪئنال جو نشان آهي نه اڻ واهه انسپيڪشن بنگلي جو ڪو نشان - رڳو يادون وڃي رهيون آهن. بنگلي ۾ منزل انداز ٿيندڙ آفيسر جو دٻدٻو، ڪامورن، بيلدارن جي ڪار گذاري به ڪنهن ڪنهن ڪُراڙي ماڻهو کي ياد هُجي ته هجي نه ته نئين نسل جي ماڻهن کي خبرئي ڪانهي ته انهيءَ ٽڪري ۾ به ڪڏهن ڪو حڪومتي رُعب رهيو هوندو. اڻ واهه ڪئنال ۽ اڻ واهه بنگلي جي ياد ۾ ٽڏا شوڪارا ڀريندي انهيءَ ساڳي ديهه جي ڪن ماڳن جو ذڪر ڪجي. ديهه دٻلي ۾ سؤ سال اڳ ڏکڻ طرف حاجي دليل خان بنگلاڻي پنهنجي ڏاڏاڻي ڳوٺ مان لڏي هتي اچي ڳوٺ ٻڌو. هڪ وڏو ڪوٽ ڪيائي اندر لانديون جوڙائي ڳوٺ کي آباد ڪيائين. هي اهو دؤر هو جنهن ۾ سنڌ اندر انگريزن زمينن جي نئين سروي ڪرائي هئي. سروي نمبر ماپ موجب ناهي ديهن جا نقشا تيار ڪيا هئائون. جن زمينن تي اڳ ۾ ئي ماڻهن جو قبضو هو تنهن "والار" کي قبول ڪري لئنڊ رجسٽر نمبر ڀرين ۾ انهيءَ ايراضي جي سروي نمبرن کي انهيءَ "قبضه دار" جي نالي پڪي طرح ڪاتو داخل ڪيائون. اڻ واهه ڪئنال جي اُترئين طرف اسان جي ڏاڏي امين خان کي به زمين ملي جيڪو ان وقت پوليس عملدار هو. ڏاڏي مرحوم اها زمين انگريزن کان قسطن تي حق مالڪاڻه سان خريد ڪئي هئي. ڏاڏو ايماندار آفيسر هو. هُن پوليس جهڙي ڪاتي ۾ نوڪري ڪندي به پنهنجي دامن کي حرام جي ڪمائي کان بچائي رکيو. هو هتي ۱۸۸۰ع ۾ اچي رهيو. ڳوٺ ۾ به رهندو هو ته ٽاٽي ٽل تي به رهندو هو. سروي ۱۸۸۴ع ۾ ٿي. ڏاڏو سروي کان به اڳ هتي آيو. انگريزن ڪيس انعام ۾ ديهه سعدو ڪوٽ ۾ به اڻ سروي ٿيل زمين به ڏني هئي (جيڪا پوءِ خان بهادر کهڙي جي ليگي حڪومت ضبط ڪئي.)

لئمبرڪ صاحب انگريز سول سروس آفيسر هو، جنهن جيڪب آباد ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر جو عهدو چڱو عرصو گذاريو ۽ سنڌ جي ٻين جاين تي به رهيو. هو سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافيائي حالتن کان ڏاڍو واقف هو. هُن هڪ نقشي ۾ سنڌ جي اپر سنڌ حصي ۾ رهندڙ بلوچ قومن جي تقسيم ڏيکاري آهي ته ڪهڙي قوم ڪهڙي ايراضيءَ تي



قابض رهي هئي. انگريزن کان اڳ تعلقي نل جا اصل باشندا "جاموٽ" هئا. سپايا، پُنا، سرڪي، پنگر، مهر، ڀوڙ، ٻُرڙا ۽ چنا اتان جا وڏا زميندار هئا. سندن راڄ مهاڄڻ به سندن ئي قوم جا ماڻهو هئا. جاموٽ زميندارن وٽ ڪافي زمين هئي پر غير آباد رهندي هئي. وڏيرا شراب ۽ ڪباب جا شائق هئا. بروچن وٽ ٻاڪرو ۽ ريڍو مال جام هوندو هو، سو جاموٽن کي رڍون ۽ ٻڪريون سڃي لاءِ ڏيئي ڪائڻ زمينون حاصل ڪندا ويا. انگريز آيا ته قبضا بروچن جا ثابت ٿيندا ويا ۽ سروي پُڇاڻا لئنڊ رجسٽرن تي بروچن جا کاتا چڙهي ويا.

اُنڙ واهه ڪئنال جو نالو به انڙ قوم جي نالي تي پيو هو. اُنڙ واهه جي منهن وٽ، درياءَ جي ڪچي ۾ جاموٽ قوم جا ماڻهو رهندا هئا ۽ هينئر به انهن جي اڪثريت آهي، جيئن ميربحر، چاچڙ ۽ پيا وغيره. ٺوڙي بنگلي پرسان ڪچي ۾ اڃا به چاچڙن جو ڏيڍ سؤ سال اڳ جو ڳوٺ آهي، جنهن کي "جام سونهارو" سڏيندا آهن. انڙ به سمات قوم جي ڪا شاخ آهي سو انهيءَ نسبت سان اُنڙ واهه تي نالو ان ڪري پيو، ۽ انڙ واهه جي ڪناري ريلوي اسٽيشن ٺهڻ سبب ۽ بنگلي ڪئنال جي ڪري به اسٽيشن تي نالو انڙ واهه پيو.

اُپر سنڌ ۾ واهن جو سلسلو ڪلهوڙا دور ۾ شروع ٿيو هو. ڪلهوڙا فقيري سان گڏ زمينداري جا به ماهر هئا. بيگاري واهه، نور واهه، مُراد واهه، شاهي واهه، انڙ واهه، سون واهه وغيره وغيره سڀ ڪئنال انهيءَ دور جا کوٽايل آهن. ان زماني ۾ درياءَ تي بند ڪونه هئا. آبڪلاٽيءَ جي موسم ۾ چاڙهه ٿيڻ سان اهي واهه وهندا هئا. ڪجهه آبادي سانوڻ جي بارشن تي به ٿيندي هئي. اُن زماني ۾ سانوڻ ۾ بارشون تمام گهڻيون پونديون هيون. انهيءَ سبب ۽ درياءَ جي اٿل سبب زمينن ۾ گاهه گهڻو پيدا ٿيندو هو، سو بروچ ماڻهو مال ججهو رکندا هئا ۽ گذر سفر انهيءَ تي هوندو هئن. ٽالپرن جي لاءِ تاريخ ائين جاٽائي ٿي ته ٻڪرين جي ڏٽن سان ۽ ڏاس جا ڊيرا وٺڻ سان سنڌ اندر داخل ٿيا هئا، ڪلهوڙن جا مريد هئا.

انهيءَ آڳاٽي دؤر گذرڻ کان پوءِ فرنگي فريبي اچي پهتا. انهن جي دؤر اچڻ سان طوائف‌الملوڪي ختم ٿي، امن امان جو بندوبست ٿيو.

١٨٨٠ع کان پوءِ حاجي دليل خان بنگلاڻي به اچي انڙ واهه جي پرسان ڪوٽ اڏيو. چون ٿا ته پنهنجي ڏاڏاڻي ڏيهه مان خزاني جون ديڳون کڻي آيو هو. انڙ واهه جي "ڪاٽڪو ماڻهن" ۾ هُل مچي ويو. سانباها ڪرڻ لڳا ته ڪيئن به ڪري اهي ديڳون 'ٺڳايون'. ڪن "تمام آڙاهه چورن"، 'رُنبا'، 'رسا' ۽ ٻيو سامان کڻي هڪ رات ڪوٽ کي اچي پاسو ڏنو. زمانو امن جو هو سو پهري وغيره رکڻ جو دستور به ڪونه هو: چورن ڪوٽ کي کاٽ هڻڻ جون تياريون ڪيون ته ڏسن ته حاجي دليل خان بنگلاڻي ڪوٽ جي ڪنڌ ۾ بيٺو آهي. چور اهو ڏسي لڪي پيا. وري ڪنهن ٻي رات تياريون ڪري آيا ته وري به "ساڳيو لقاءُ" نظر پين. پوءِ اچي ڏٺا ته هتي ڪو غيبي پهرو آهي سو هن ڪم کان باز اچجي. چورن انهيءَ لقاءُ جو ڪن ٻين سان به ذڪر ڪيو هوندو سو ماڻهن جي وات چڙهي ويو ته "حاجي دليل خان ڪرامت دا مالڪ هے". ماڻهن ۾ انهيءَ عام هُل دليل پور ڳوٺ کي وڏو تحفظ رسائي ڇڏيو. ڪيترن ٻين قومن جا ماڻهو لڏي اچي هن ڳوٺ ۾ وينا. اُن زماني ۾ رڳو مينگهواڙن جا پنجاهه جهوپڙا ٺهي چُڪا هئا. اوري پري جا مينگهواڙ لڏو کڻي اچي دليل پور ۾ ديرو ڪري وينا. اتي انهن پنهنجي مذهبي 'مڙهي' به جوڙي، ته پنهنجو ٻائو به مقرر ڪيائون. انهيءَ ٺي ٻائي لاءِ مشهور هو ته هو جادو جو ڄاڻو آهي ۽ ناڪام عاشقن جي دلي 'مراد' پڄائيندو آهي. ڪيترا 'عاشق جيئڙا' مسلمان سڳورا به انهيءَ ٻائي وٽ سوالي بڻيا بيٺا هوندا هئا. ٻائو ڪين کي جادوئي ڪاغذ ليکي ڏيندو هو. انهيءَ ۾ هڪ اهو به ڪم هوندو هو ته 'عشق جي راهه' ۾ "رڪاوٽ وجهندڙ" کي جادو جي زور تي 'موچڙا' هڻائيندو هو. منهنجي پنهنجي ڄاڻ موجب به هڪ واقعو معلوم ٿيو جو هڪ اهڙي 'رنڊڪ وجهندڙ' کي از غيبي جوتن جي مار ملي جو وري سڄي عمر ڪوُنس ڪانه ڪيائين. اهو هو هڪ مينگهواڙ هٿان ٿيندڙ هڪ 'ڪلمه گو' سان ڪلور. اسان وٽ اسان جي واهن جون ڪاٺيون ٺوڪرين ذريعي اهي مينگهواڙ ڪندا هئا. انهن جو جمعدار هوندو هو مينگهلو مارواڙي، انهيءَ ٻاوي جو پٽ، سو اُهو مزي سان ان قسم جون خبرون ڪندو هو.

انهن مينگهواڙن مان هڪ ڪراڙو وري سرود قسم جو ساز وڄائيندو هو، جنهن جو آواز ڏاڍو 'لڳ ڪاندارينڌڙ' هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اسان جي ڳوٺ به گدا ڪرڻ ايندو هو. ساڻس هڪ ڇوڪرو به هوندو هو، جنهن جا وار 'ٻاتوان' ٿيل هوندا هئا. پتڪو ٻڌل هوندو هوس، نازڪ بدن هوندو هو ۽ ڏاڍو جاذب نظر پئي. اهو ڪراڙو ساز وڄائي وجد ۾ وجهي ڇڏيندو هو ۽ ڇوڪرو وري جُهمر هڻندو هو. ڪراڙو ۽ ڇوڪرو ڪُجهه ڳائيندا به هئا. ڪو زمانو ٿي ويو. مون کي هينئر اهي ياد ڪونه آهن. تنهن زماني ۾ انهيءَ فقير کان ٻڌي ٻڌي ڪي بند ياد ٿي ويا هئا. اڄ به اکين اڳيان اهو نظارو پيو ڦري ۽ ڪنن ۾ آواز پيو گونجي ته:

"پوپري ري پوپري، تنون ڪون مارے رے"

انهن ڏيڍن کان علاوه دليل پور ۾ ڪي ٻيا به شيڊول ڪاسٽ جا ماڻهو اچي وينا هئا. اوڏ، باگڙي، جوڳي وغيره وغيره به پنهنجي گذران لاءِ انهيءَ ڳوٺ ۾ وينا. اصلي سبب ته حاجي دليل خان جي 'غيبي ڪرشمي' جي ڪري وسنڌ ٿي. ٻيو وري ڳوٺ جي ٻاهران تمام گهڻي ايراضي غير آباد هئي جنهن ڪري ٻهراڙي وارن ماڻهن کي "جهنگ جي اُتي ويڻي" جي وڏي سهوليت هئي، سو ڳوٺ ويو وڌندو.

سنه ١٩٣٠ع ڌاري ڳوٺ ۾ هڪ عاليشان مسجد ڪاشيءَ سان سينگاريل تيار ٿي. ان سنڌ جي مشهور بزرگ مولانا نبي بخش صاحب شڪارپوري جو هڪ فرزند مولانا عبدالعلي صاحب سومرو انهيءَ مسجد شريف جو پيش امام ٿي آيو ۽ هڪ وڏو مدرسو "شمس العلوم" جي نالي سان جاري ڪيائين. انهيءَ عالم سڳوري جي صُحبت ۾

رهي حاجي دليل خان جا ٽيئي پٽ نهايت نيڪ ۽ ديندار ٻڌيا. مولوي صاحب وڏو عالم ۽ بُزرگ انسان هو. ڪيس حضور عليہ‌الصلوات والسلام جن جي خواب ۾ زيارت نصيب ٿي هئي. هن عاجز کي پهريون سبق بہ انهيءَ عالم سڳوري اچي پڙهايو. منهنجي والد صاحب انهيءَ ڪم لاءِ خاص طرح عزيز آباد کيس گهرايو هو. انهيءَ اهل الله جي ڏنل سبق جي طفيل مون کي پڙهڻ لکڻ اچي ويو. اهو مولوي صاحب مون تي ڏاڍو مهربان هوندو هو. وٽس ڪڏهن ڪڏهن دليل پور ويندو هوس. منهنجي والد بزرگوار جي جنازي نماز بہ هن بزرگ پڙهائي هئي. والد صاحب جي وفات بعد هي اسان جي چاچي وٽ ايندو هو. منهنجي چاچي کيس صلاح ڏني تہ ديني تعليم جي خدمت سان گڏ هو طبي خدمت بہ ادا ڪري، ڏکي بيمار ماڻهن جي دوا درمل ڪرڻ سان وڏو اجر ٿيندو آهي. مولوي صاحب پوءِ هڪ گهوڙي خريد ڪري، درس تدريس کان واندي ٿيڻ بعد پسگردائي ۾ نڪري پوندو هو. جنتي ڪو بيمار ٻُڌندو هو تہ اُن جي گهر ويندو هو. اُن جي دوا درمل ڪندو هو. خدا تعاليٰ سندس هٿ ۾ شفا جو اثر رکيو هو، سو ڳوٺاڻا سندس ٿوري توجهہ سان چڱا ڀلا ٿي ڪيس دعائون ڪندا هئا. مولوي صاحب انهيءَ سلسلي ۾ في وغيره ڪونہ وٺندو هو، سڄو ڪم في سبيل الله ڪندو هو.

دليل پور ۾ مولوي صاحب جي ڪري دين اسلام جو وڏو غلغلو پيدا ٿيو. ڳوٺ جي مالڪ حاجي دليل خان جا ٽيئي پُٽ حاجي تہ ٻڌيا پر ايڏا نيڪ نمازي ٿيا جو صلوٰت تسبيح روزانہ عشاءَ جي وقت ادا ڪندا هئا. مولوي صاحب جو تعلق حضرت امروٽي رحمت الله عليہ جي جماعت سان هو ۽ حضرت امروٽي رح پاڻ حضرت حافظ الملت حافظ صاحب پرچونڊي شريف وارن جو خليفو هو.

اهو زمانو سُکر سٺاوي جو هو. سم سيڪ ڪلر ڪونہ پيدا ٿيل هو. خشڪ پوکي جو دؤر هو. اگهہ بہ هروڀرو ڪريل ڪونہ هئا. ماڻهن ۾ آسودگيءَ سان گڏ دين ايمان جي سڃاڻ هئي. زميندار خواه هاري آسوده حال هئا. حاجي دليل خان بنگلاڻي جي وفات بعد سندس قبر سنگ مرمر سان ٺهرائي وئي هئي. مسجد کي حجره ۽ اڳيان مقبره بہ ٺهرايل هئا. ڪاشي جي سرن سان سينگاريل مسجد جو نظارو ڏاڍو وڻندڙ هوندو هو.

حاجي دليل خان کان پوءِ سندس وڏي پٽ حاجي محمد نواز خان بنيءَ جو سلسلو شروع ڪيو. ان جي لاءِ اٽي پيهڻ واسطي اُن جي جانده ٺهرايائين. تر پاسي جو ماڻهو سندس لنگر تان ماني وٺندو هو.

انهيءَ دؤر ۾ هندن بہ واپار مان چڱو ڪمايو هو، هر هندو آسودو هو. "ڪانگريس" جهڙي معتدل سياسي جماعت سان سڀيئي هندو واسطيدار ٻڌيا. ڪي هندو "مهاسڀا" جهڙي ڪٽر ۽ تعصبي ٽولي سان بہ وڃي ڳنڍيا. اُنهيءَ ڪن هندن جو 'مٺو ڦيري' ڇڏيو هو. غالباً ١٩٣٧ع ۾ ميرپور ٻرڙي ڳوٺ جي ڪن شرير هندن 'قبيح حرڪت' ڪري وڌي. ڪنهن مسجد شريف ۾ رات جو وڃي ڪي قرآن ڪريم 'شهيد' ڪيائون. سندن اهڙي حرڪت سبب اوسي پاسي جي مسلمانن ۾ ديني غيرت جو جوش اُڀريو، سو ڏينهن منجهند جو ٿل ميرپور سڙڪ تي ٿل کان ايندڙ ٽانگن ۾ سوار ٿيل پنجن هندن کي ٽانگن مان زوري لاهي ڪين ڪهاڙين سان ڪنو ويو. اهو ڪم تہ ڪنهن جوشيلي جماعت جي جوانن ڪيو، پر انگريزن کي ڪاوڙ آئي تہ سندن حڪومت ۾ ههڙو دليري جو ڪم ڪنهن طاقت واري ماڻهو کان سواءِ ٻيو ڪير ڪندو هوندو، سو ميرپور ٻرڙي جي سردار گنج بخش خان ٻرڙي ۽ دليل پور جي حاجي محمد نواز خان بنگلاڻي کي ڪٽي زور بار هيٺ آندائون.

حاجي محمد نواز خان نهايت شريف النفس، ڪَس مَ آزار ۽ نيڪ انسان هو. سندس ملائڪن کي بہ انهن خونن جي خبر ڪانہ هئي، پر 'ڦلنگي فيل مست' کي هندو ڪٽر مهاسڀائين جي ليڊرن مڇرائي ڇڏيو تہ اهڙا ڪم تہ اهڙن ئي مذهبي ماڻهن هٿان ٿيا آهن.

حاجي محمد نواز خان منهنجي والد صاحب جو پاڙيسري دوست هو، هُو وٽس ڪهي آيو ته هن "ناگهاني آفت" کان سندس جان خلاصي ڪرائڻ لاءِ ڪو 'بلو' ڪري. منهنجي والد صاحب ڪيس ونئي وڃي سکر ۾ سردار بهادر عبدالرحيم خان ڪوسي ۽ سردار بهادر قيصر خان بوزدار جي حوالي ڪيو. ٻنهي سردارن جو انگريزن تي اثر هو ۽ انگريزن جو به مٿن اعتماد هو، سو ٻنهي صاحبن گڏجي حڪومت کي خاطري ڏني ته حاجي محمد نواز خان بي قصور آهي، هُو اهڙي قسم جو ماڻهو ئي نه آهي. تڏهين مس مس وڃي حاجي صاحب جي جان ڇُٽي. حاجي صاحب اُن وقت کان جو صلوات تسبيح پڙهڻ شروع ڪئي ته وري ڪڏهن به اُن ۾ ناغو نه ڪيائين. هوڏانهن وري سردار بُرڙي لاءِ نواب محراب خان بگٽي ۽ نواب امام بخش خان مزاري انگريزي حڪومت کي يقين ڏياريو ته سردار گنج بخش خان بي قصور آهي، هُو مذهبي جنون کان آزاد آهي سو اهڙو مولائي ماڻهو ڪٿي ٿو اهڙيو 'خونام' ڪرائي. سردار گنج بخش خان جي به مس مس جان آزاد ٿي.

هيڏانهن وري اسان جي ڳوٺ جي مُلان پيرل بروهي جي مال چاريندڙ 'حافظ پُٽ' ٻڌو ته ميرپور ۾ ڪي واٽيا ڪُسجي ويا آهن سو هي اچي آڪڙ ۾ پيو. چي اهي واٽيا ته مون ماريا آهن، پيو ڪنهن کي ڪهڙي طاقت هئي. جهنگ جهر ۾ وتي چوندو ته "من جت بخالا ڪلهاڙي بخالا ڪُت ٿين". يعنيٰ مون هنئي ڪِراڙ کي ڪهاڙي ته ڪراڙ کان ٽت نڪري ويو. سو اهي ڳالهيون جهنگ مان نڪري وڃي اُپ ڦاڙ ٿيون. ڪنهن وڃي حڪومت کي خبر رسائي ته عزيز آباد جو مُلان هيئن پيو ٻڌاڪون هڻي. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته هڪڙي صبح جو پوليس جا ٿي جوان آيا. مُلان کي مسيت مان سڏي چيائون ته پُٽ قادربخش کي پيش ڪري. ميان جي ويچارو گهران پٽ کي سڏي آيو. پوليس وارن ٽيلهي مان هٿ ڪڙيون ڪڍي قادر بخش کي هنيون. ملان پيرو گهران هڪ حمائل شريف ڇمڙي جي ٽيلهي ۾ وجهي آٽي پٽ جي ڳچي ۾ وڌو. اهو ڏينهن ۽ اجوڪو ڏينهن وري ڪنهن انهيءَ قادر بخش جي شڪل هٿي نه ڏٺي.

قادر بخش کي ڊپٽي ڪمشنر وٽ پيش ڪيائون. تنهن بنا دريافت ڪيس ٿي سال سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشن هيٺ سزا ڏيئي ڇڏي ۽ سندس سيني گهر وارن لاءِ گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪيا. پنيان وارن کي به پتو پئجي چڪو، راتواهه ڪري عزيز آباد ڇڏي هليا ويا. سندن گهر اسان جي ڪوٺ جي پرسان هئا، مجال جو سندن ڪو آواز ٻڌو ويو. ڊورن به آواز بند ڪري رکيا هئا. رات جو چپ چاپ ۾ تيڙ ڪنيون هليا ويا. سالن پڇاڻان پتو پيو ته ڪين انهيءَ نموني نڪري وڃڻ ۾ جماعت پرچوندي شريف جي فقيرن مدد ڪئي. ڪي ٽولا راتو رات پهچي هنن کي آرام سان تيڙ ڪڻڻ ۾ مدد ڪري ڪين سنڌ جي سرحد کان پار ٽپائي ڇڏيائون. هي هتان نڪري سڌو بلوچستان جي اوستہ محمد تحصيل جي جبل جي پاسي وڃي لڪي ويناءِ اهڙيءَ طرح گرفتار ٿيڻ کان بچي ويا، ۽ قادر بخش به ٿي سال ڪاٽي وڃي انهن سان اتي مليو. هي پوءِ خليج جي رياستن جا پنڌ ڪرڻ سکيا. اُتان لڪ چوري جو مال آٽي وڏا مالدار ٻٽيا ۽ اوستي محمد جي پرسان زمينون ونئي ڏاڍا آسودا ٿي ويا. پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ هڪ دفعي حافظ قادر بخش جو وڏو پاءُ حافظ سبز علي آيو هو. 'وڏي لٽ'، 'وڏي پڳ' سان ڏگها لتا پايون پير بڻجي هن وطن ۾ گهمڻ ڦرڻ آيو هو.

واٽين ناحق تي بي گناهه ماڻهو زير بار آندا. تنهنڪري اصلي قاتل ظاهر ڪونه ٿي سگهيا. سندن خون ائين ئي لڙهي ويا. مون کي به گذريل سال ڪنهن ميرپور برڙي جي هڪ دوست ٻڌايو ته اهي پنج واٽيا فقط هڪڙي ماڻهو ڪهاڙي سان ڪنا هئا. قاتل فقط هڪ هو. جيڪو ماڻهو هُن ٻڌايو اهو منهنجو واقف هو. "راڪاس" قسم جو ماڻهو هو. هينئر هو وفات ڪري ويو. خدا جون رحمتون هجنس، جو قرآن ڪريم جي حرمت لاءِ غيرت ڪيائين.

هندو تنهن زماني ۾ ڏاڍو زور ونئي ويا هئا. ميرپور واري واقعي کان به ٿي سال اڳ جيڪب آباد ۾ به هڪ عالم سڳوري جي بي حرمتي ڪري وڌائون. اُن تان به ڪي هندو مارجي ويا هئا. اُن وقت به هندن ناحق تي حڪيم قائم

الدين صاحب کي ۽ خان بهادر دلمراد خان کوسي کي ڪيس ۾ قابو ڪرايو هو. حڪيم صاحب ته اوائلي جانچ ۾ جان ڇڏائي ورتي پر خان بهادر ڪيس هيٺ اچي ويو. تنهن زماني ۾ جيڪب آباد جا ڪيس به سکر سيشن ڪورٽ ۾ هلندا هئا. خان بهادر ان وقت جي مشهور وڪيل سر شفيع کي لاهور مان پنهنجي ڪيس جي لاءِ آندو هو. سر شفيع ان زماني ۾ روزانه هڪ هزار روپيه في وٺندو هو. ڪيس ڪيترو وقت هليو. خان بهادر جو بچاءُ مضبوط هو. انگريزن ۾ به انصاف هو، سو مس مس وڃي انهيءَ آزار مان آزاد ٿيو. خان بهادر ويچاري کي مالي طرح وڏي تڪليف اچي ويئي هئي.

ميرپور واري واقعي کان سال به پوءِ وري سکر جي هندن، حضرت پير صاحب پرچونڊي شريف جي وڏي فرزند کي سخت زخمي ڪيو. ان تي وري مسلمانن پڳت ڪنوررام جهڙي مسڪين الله لوڪ کي ماري رکيو.

هندن جي انهيءَ ارهه زورائيءَ واري زماني ۾ چڱا ڀلا مذهبي خيال رکندڙ مسلمان آزار هيٺ هوندا هئا، پر اسان جو مولانا عبدالعلي صاحب شڪارپور جهڙي هندو ګڙهه جو باشندو هوندي به الله تعاليٰ جي حفظ ۽ امان ۾ رهيو. مولوي صاحب کي 'ڪشف قبور' جي علم تي به دست رسي حاصل هئي. دليل پور جي گرد نواح ۾ هڪ مسلمان اوچتو غير طبعي موت مري ويو. سندس وارث مولوي صاحب وٽ آيا ته صاحب قبر کان ڪين معلوم ڪري ڏي ته سندس موت ڪهڙي سبب سان ٿيو آهي. مولوي صاحب هڪ به واقعا اڳ به اهڙا معلوم ڪري ڏنا هئا. انهيءَ فوتي جي قاتلن کي پتو پيو ته مولوي صاحب ذريعي اهو لڪ ظاهر ٿيندو، ڪين ڏوهي بٺايو ويندو سو وجهه وٺي رات جو مولوي صاحب جي ڪاڏي ۾ ڪجهه ملائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. مولوي صاحب ننڊ ۾ ئي واصل حق ٿي ويو. شڪارپور جي وڏي قبرستان ۾ هن سومره علماءَ خاندان جو جدا قبرستان آهي سو صبح جو دليل پور مان مولوي صاحب جو جسد خاڪي ڪٽي وڃي شڪارپور ۾ دفن ڪيائون.

حضور عليه الصوات والسلام فرمايو آهي ته علماءِ اسلام باران رحمت وانگر آهن سندن فيض کان علائقي جا مسلمان پنهنجي ايمان کي سبزه تازه ڪندا آهن. مولوي صاحب به هن علائقي ۾ ڏاڍو فيض رسايو هو. پاڻ حضرت امروٽي رحه جي مسلڪ جو هو.

دليل پور ۾ برڪتون هيون سو ڪيترائي ماڻهو انهيءَ ڳوٺ ۾ اچي رهيا. ڪابلي پٺاڻ به سياري جي موسم ۾ نيلامي ڪوٽ ڪٽي هتي وڪڻندا هئا. ١٩٣٧ع واري ڏڪار سبب رياست جوڌپور، جيسلمير ۽ بيڪانير مان مسلمان مهر قوم جا ماڻهو به هتي آيا هئا. پاڪستان قائم ٿيڻ تائين هتي وينا رهيا. هي ڪاتي جو ڪم ڪندا هئا. چوندا هئا ته رياست باگڙيان جا باگڙي به اول هتي هن ڳوٺ ۾ آيا هئا. انهيءَ قوم جو لٺ سردار گجر فقير هوندو هو. سندس پاءُ قالو فقير خان بهادر سيد خان رند آنرري مئجسٽريٽ جو ٽپالي هوندو هو. سندس ڳوٺ حضور آباد، چاليهه ميل جيڪب آباد کان پري هو. قالو فقير روزانو ٽپال ڪٽي ڏينهن جيڪب آباد ٽپال رسائي وري اُتان ٽپال ڪٽي سنجهي مهل جعفر آباد پهچي ٽپال خان بهادر جي حوالي ڪندو هو. خان بهادر جي وفات کان پوءِ اهي باگڙي هن تر ۾ آيا. جڏهن ١٩٣٨ع جي ضمني چونڊ ۾ حضرت امين الملت محمد امين خان کوسو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو تڏهن ڪانگريس جو وڏو نالو نڪتو هو ۽ ڪامياب ٿيندڙ نوجوان جي لاءِ هتان جي ماڻهن ۾ وڏي محبت پيدا ٿي. باگڙين جو لٺ سردار گُجر فقير پنهنجي پاءُ قالو فقير سان گڏ عزيز آباد اچي پهتو. ابي مرحوم کي اچي واڌايون ڏنائين. چيائين ته تنهنجو پٽ 'راجا وير' آهي، اسان هاٿي هتي جهُڳا اڏي ويهنداسون. گجر فقير ابي مرحوم جي ڪوٽ کي رات جو پهرو ڏيڻ لڳو، ۽ قالو فقير وري چاچي مرحوم وٽ سندس اوطاق تي وڃي روز حاضري پريندو هو. ڏاڍو "جهان گشت" هو. تمام گهٽي ڇاڻ هئس. سندس ڳالهيون عجيب و غريب هونديون هيون، سو چاچو سائين ڪيس منجهند تائين ويهاريون وينو هوندو هو. سندس ڳالهيون ٻڌندو هو. قالو فقير چوندو هو ته "وڏيري صاحب جي مرضي

آهي تہ 'کائو پيئو اَپڻا اور رهو همارے سات' "، پر اسان گداگر فقير سجو ڏينهن ويهي ويهي چاڙيون مُفت جون هٽي گهر سگهنا وجون تہ کائون چا؟" انهيءَ تي چاچي مرحوم کيس اَن مقرر ڪري ڏنو هو، هفتي جيترو راشن چاچي کان وٺي ويندو هو.

اُهي باگڙي "واڙي" پوکڻ جا بہ ڪاريگر هوندا هئا. زميندارن کان زمين وٺي اُن ۾ گدرا، هنداڻا، ونگيون، ميها وغيره پوکي وڏي اُپت ڪڍندا هئا. مون کي ياد آهي تہ هتي تہ اُپت جو اڌ ايمانداريءَ سان زميندارن کي پچائيندا هئا. اسان وٽ بہ واڙي ڪندا هئا. اسان وٽ سجو سال انهيءَ واڙي مان اُپت ٿيل رقم ۾ آيل آڌيون پائليون پيون هلنديون هيون. گجر فقير "نانگ جي ڏنگ" لاءِ 'ماندو' بہ هو. نانگ ڏنگيل مريض کي نوڙيءَ جون 'سُپيون' ٻڌي وڏي آواز سان ڪي منتر پڙهندو هو. هفتہ اندر اهو مريض انهيءَ زهر کان آجو ٿي چاق چڱو ڀلو ٿي پوندو هو. باگڙين کان علاوه دليل پور ۾ جوڳين بہ اچي جُوءِ ڪئي. وڏا ڪن ڦاڙ والا وڏل جوڳي ڪاريهر نانگ ڪنيون گهمندا هئا. مُرلين جا لهرا وڃائي نانگن کي ڦڻ ڪڍائي لهر ڪرائيندا هئا. انهيءَ راندگيريءَ سان گڏ ڪاريگري بہ ڪندا هئا. پُراڻن جستي پيتين کي ڦاٽل جاين تي چتيون هڻي ڏيندا هئا. غريب ماڻهن جي ٽنگر ٽٽل جستي وٽن، ديگڙن ۽ لوٽن کي بہ چتيون هڻي درست ڪري ڏيندا هئا. انهيءَ کان علاوه جوڳين جو اهم ڪم هوندو هو 'ڏارو هڻڻ'. ڳوٺن جي 'ابوجهہ' ۽ 'توهم پرست' اياڻين عورتن کي ڏاري ذريعي ڪشمڪش ۾ وجهي چڙيندا هئا. ڪانئن سندن مطلب پوري ٿيڻ لاءِ اٽي لپ ڪجهہ سرس ڪري وٺندا هئا. جوڳين جو مطالبو ڪو روپين لاءِ ڪونہ هوندو هو، فقط لپ اٽي جي يا ان جي پٽڪي اڌ وڏيڪ وٺڻ جي تمنا هوندي هئي. "مائي! تنهنجو لوڻ ڪڏٺو آهي، توسان ڪا مائي پئي ڪوِنسي. پئي توسان ڪُرڪي، سو تون ڪجهہ دان ڪر تہ اسان تنهنجي دشمن جي دل تي منگ ڏريون. ڏنو ٻنو ٿيندو آهي مائي! آڻ پٽڪي ان جي تہ ڪيون ڪُجهہ ڏاري کي منت." سو ڏارو سندن ٻچيءَ ۾ پيل عاج جو هڪ نقش ٿيل ٽڪرو هوندو هو. اَن وٺڻ بعد ڏاري کي ڦيرائي گهيرائي چپن ۾ پڻ پڻ ڪري پوءِ چوندا تہ "مائي هاڻ ڏارو سِڌو ٿي پيو آهي ۽ ٻولي ٿو تہ اها مائي هاڻ دشمن جي دنگ کان ٻاهر نڪتي بيٺي آهي." اهڙي نموني جون کي خوش ڪندڙ ڳالهيون ٻڌائي ڀهراڙيءَ جي عورتن کان ڪجهہ سرس خيرات ڪڍندا هئا. جوڳي نانگ جي ڏنگ لاءِ بہ 'تير بهدف' معالج هوندا هئا. 'جهاڙ ڦوڪ' کان علاوه مريض کي گيهہ سان گڏ بصر ڪارائي سندن جان مان رت کان زهر چوسي ڪڍڻ جا بہ ماهر هوندا هئا. 'زهر' واري جاءِ تي اهڙيءَ طرح چپ رکي چوس ڏيندا جو سجو زهر رت مان ڇٽي نڪري انهيءَ زخمي جاءِ تي ايندو هو ۽ جوڳي اُن کي چار پنج گهمرا چوسي ڪڍي ٿوڪاري ڦٽي ڪندا هئا. ان کان علاوه ڪن ڪن جوڳين وٽ 'زهر مهره' وارو مٽڪو بہ هوندو هو، جنهن ۾ زهر چڪي آڻڻ وارو اثر هوندو هو. انهيءَ مٽڪي کي ڏنگ واريءَ جاءِ کي ٽُڪو ڏيئي گوشت اندر رکندا هئا. ڏهاڪو منٽ ڪن رکي وٺي ٻاهر ڪڍي کير ۾ وجهندا هئا تہ کير سجو پيلو ٿي پوندو هو. اهڙيءَ طرح ڪيترا دفعا ڪندا رهندا هئا. جڏهن 'مٽڪي' وجهڻ سان کير جو رنگ نہ ڦٽندو هو تڏهن سمجهندا هئا تہ زهر سجو نڪري چڪو آهي. بروقت اهڙن تدبيرن پهچڻ سبب نانگ ڏنگيل ماڻهو بچي ويندا هئا. جوڳين جي انهيءَ منڊ ۽ جهاڙ جو اثر فقط "متي ميري" ماڻهو تي نہ ٿيندو هو.

گداگرن جي ٽولي ۾ فقط مسلمانن مان هوت بلوچ فقير بہ دليل پور ۾ سياري جي مند ۾ تنبو هڻي ويهندا هئا. مرد ٻولاءِ رڇ گهمائي خيرات وٺندا هئا. گهوڙن تي چڙهي دليل پور کان تمام پري وڃي در ص صدا هڻندا هئا تہ هي واڻيو مسلمان ٿيو آهي. امروٽ واري بزرگ کيس مسلمان ڪيو آهي. هندن کيس برادريءَ مان ڪڍي ڇڏيو آهي سو هاڻي مسلمين ڀائرن وٽ چندي لاءِ نڪتو آهيان. اهڙيءَ طرح مسلمان کيس خيرات چڱي ڏيندا تہ هو خوش ٿي دعائون ڪندو وڃي. حقيقتہ ۾ فقراءَ جي ٽولن ۾ فقط هوت بلوچ رڇ ٻولن وارا خستہ حال هوندا هئا. ڪين "مائي سسئي" جي 'پِٽ' جو اثر هو.

دليل پور گداگرن لاءِ هڪ وڏو آماجگاهہ هو. سياري جي موسم ۾ اتي ڪٽڪ اچي گڏ ٿيندا هئا. عزيزآباد جو

ڳوٺ دليل پور جي نڪ سامهون ٻن ميلن پنڌ تي اُتر طرف آهي، سو هر صبح جو انهيءَ گداگرن جو يلغار ڳوٺ عزيز آباد تي هوندو هو. هر در تي "آهي الله" جي صدا پئي لڳندي هئي. برڪت پريو دؤر هو. گهر جي در تي هر فجر جو "آهي الله" جو نعرو برڪتون وجهي ڇڏيندو هو. هر گهر مان روز الله جي نالي پنج ڪٽي پئي نڪرندي هئي، سو ان پلين ۾ يا گُندين ۾ پريو ئي رهندو هو. ڪڏهن به ڪنهن جي پلي يا گُندي خالي نه رهي. خيرات گهٽ ڪري ان جو ڏبو هو، روپين ڏيڻ يا گهرڻ جو دستور ڪونه پيدا ٿيو هو. گداگرن مان ڊيډ، اعواڻ فقير، هوت بلوچ، باگڙي، ڪلهوڙا هر روز سياري جي مند ۾ پيا ايندا هئا. هرڪو پنهنجي نصيب مطابق خيراتون حاصل ڪيون ويندو هو.

دليل پور جي تر ۾ دستور هو ته اگر ڪو غريب مهمان آيو ته ڪيس جوئر جي ماني ۽ لسيءَ جو وٽو ملندو، جي ڪو چئن گهرن جو ڪو رئيس ايندو ته "بُسري" ملندي. ڪو پڙهيل ماڻهو آيو ته ڪيس سڳداسي چانور مُستي ٻُرڪيل ملندا. ڪو زميندار دوست آيو ته اُن لاءِ "ڪڪڙ ڪهڻ" جو رواج اصل ڪونه هو. ان لاءِ هڪدم هڪ "هلواڻ ليلو" هٿ ڪري ونبو. اهو ڪُسجي ويندو. اُن جو ٻوڙ ٿيندو، هڪ اڌ ران يا ڪندي وارو حصو ۽ جيرا بڪين سميت سيخ ٿيندو، پُلاءُ پچندو، ڪيرٿي ٺهندي، ماني مڪجي ايندي. اهڙي قسم جو طعام هميشه جو دستور هو، هر چڱي آبرو مند مهمان کي پيش ڪرڻ جو. تنهن زماني ۾ ڪنهن به مهمان کي دال ڪارائڻ معيوب سمجهبو هو.

دليل پور کي بئراجن جي نڪرڻ سبب وڏو نقصان رسيو. پهرين سکر براج نڪرڻ کان پوءِ ڳوٺ جا جت هاري ڳڙهي ياسين طرف هليا ويا، جيڪي ڳوٺ جي اڌ وسنو ختم ڪيون ويا. وري گدو براج نڪرڻ کان پوءِ انڙ واهه کي اڌ مان ڪپي صيفل وٽان موسيٰ الله آباد نئين شاخ ڪڍيائون. اُنڙ واهه جيڪو دليل پور جي زمينن کي پاڻي پهچائيندو هو سو ننيڙو واهه ٿي پاڻي پهچائي نه سگهيو، زمينون غيرآباد ٿيڻ لڳيون، موسيٰ الله آباد دليل پور کان ميل اڌ تي نڪتو، جيڪو سڄو "ٻوڦي" تي نڪتل هو، جنهن سم ڪري وڌو.

دليل پور جنهن جاءِ تي ٻڌل آهي اهو ڪنهن زماني ۾ سنڌونديءَ جو وهڪرو هو. هن وقت به اُن جا آثار آهن، سو ان جي ڊوري وارن حصن ۾ سڄو سال پاڻي بيٺو هوندو آهي ۽ ڪٿي وري دڙا آهن. هينئر به 'چوڪ جا دڙا' ۽ 'جمعي ڊڪڻ جو دڙو' موجود آهن.

زمينن جي غير آباد ٿيڻ سان ڳوٺ جي وسنديءَ تي به وڏو اثر پيو. هن وقت فقط هڪ اڌ گهر ڊيڊن جو، مولوي صاحب ڏٽي بخش خان جو ڪوٽ، مسجد شريف ۽ حاجي محمد نواز خان جو ٺهرايل اناس بنگلو خسته حالت ۾ موجود آهن. مسجد شريف جي مرمت لاءِ ٻن لکن کان به وڌ خرچ ايندو. سڄي ڪاشي، ڪلر جي سيڪ سبب ڪاچي وئي آهي. اسان جي علائقي جي ڳوٺن مان دليل پور جيڪو مُنو سؤ سال اڳ ڏسڻ وٽان هو سو بلڪل ويران ٿي ويو آهي. درياءَ لاءِ چوٽي آهي ته "ٻوڙي يا سُڪائي" سو پُراڻي وهڪري واريءَ جاءِ کي به صدين بعد سُڪائي ڇڏيائين.

دليل پور جي وسنوَ ختم ٿيڻ سان هن علائقي ۾ اڄ ڪلهه "آهي الله" سئن هٽڻ واروئي ڪونه رهيو آهي. هن جوءِ ۾ امن نه هئڻ ڪري فقيرن وڃي وڏن شهرن جو پاسو ورتو. فقيرن جي نه اچڻ سبب 'پنج ڪٽي' ڪڍڻ به بند ٿي وئي ته برڪتن به پويون پير ڪيو آهي. هينئر ڪنهن وٽ به 'اَن پلي' يا 'اَن گندي' سڄو سال ان سان پريل نه رهندي آهي. پلا جنهن گهر مان مهيني ۾ به هڪ ڏينهن الله جي نالي ان نه نڪري ته پوءِ برڪت ڪٿان اڏامي ايندي. 'پنج ڪٽي' مهر گهٽي' وارو معاملو ختم ٿي چڪو.

برڪتن جي ڳالهه آهي ته اڳي ماڻهو هتي هر ڪاهڻ لاءِ 'اسر ويل' ٻني ۾ ايندا هئا. جيڪا برڪت پريل مهل آهي. بسم الله ڪري الله توهار چئي ڏاندن کي وهائڻ شروع ڪندا هئا. هر وراٽي تي 'بسم الله' 'الله توهار' چوندا هئا. پنيان وري مايون گهرن ۾ اسر ويل اُٿي جنڊ تي اٽو پيهڻ ويهنديون هيون. ان پيهڻ جي ڪم سان گڏ ذڪر الاهي به ڪنديون هيون.

هتي هن زماني ۾ ڏاندن رکڻ جو دستور نڪري چڪو آهي. ’بيل گاڏي‘ جي جاءِ تي ”لاسي گڏهه“ گاڏن جو رواج پئجي ويو. افغان لاسي گڏهن جي هينگ سان رحمت جا فرشتا ڳوٺ مان اُڏامي ويندا آهن. قرآن ڪريم ۾ ”صوت الحمير“ کي منحوس نهرايو آهي.

انهن گڏهن جي هينگن کان وڌيڪ وري ٽريڪٽرن تي فٽ ٿيل تيز آواز وارا لائوڊ سجي رات ننڊ آرام حرام ڪندا آهن. اڳي بسم الله سان هر هلندو هو ته هينئر جلال چانڊيو ۽ روبينه حيدري جي مُهاڏن وارن ڪچن اکرن جي ڪيسٽن سان ٽيپ پيو هلندو ۽ هر پيو ڪاهبو. ٽريڪٽرن تي وري ’ننڍا چورا‘ ڊرائيوري سکڻ جا آتا اچي اسٽيرنگ تي ويهندا، جيڪي ’حيا‘ ۽ ’حجاب‘ جا سڀ ليڪا لتاڙيل هوندا، ۽ سندن غسل ۾ لٽل ڪونه هوندو. انهن اپاڳن جي هر ڪاهيل هنيءَ جي پوک کي ”اسٽيم بورر“ نه لڳندو ته ٻيو ڇا ٿيندو. ساريون پوک ته انهيءَ کي ’اسٽيم بورر‘، ڪٽڪ پوک ته ان کي تڏ، چٽا پوک ته ان کي وري ’سائو بُوجرو ڪينئون‘ لڳندو، مطلب ته بي برڪتي جا سڀ سامان موجود هوندا ئي هوندا. زميندار ۽ هاري وري وياجن تي ’ورنو‘ وٺي پيا گذارو ڪندا.

دليل پور جي مولوي صاحب هن جُوءِ ۾ الله تبارڪ تعاليٰ، رسول ﷺ جي ثناءَ سان گڏ اصحاب سڳورن رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جي ٻه سڃاڻ پيدا ڪئي هئي. ماڻهن کي اصحابن جي لاءِ حُب ۽ ادب سيکاريو هئائين. مولوي صاحب ڪوشش ڪري هن تر جي سڀني ڳوٺن جي مسجدن اڳيان ’پڪيون ڪوهيون‘ کٽايون هيون جن تي چرخي ذريعي خاص ڏول سان پاڪائي سان وضو لاءِ پاڻي ڪڍڻ وارا هاشمي ڪُونرا رکايائين، جن ۾ مقرره مقدار جيترو پاڻي وضو لاءِ ماپندو هو. سياري جي مند ۾ کوهي پرسان پڪين سرن سان بخاريون نهرائي انهن مٿان وڏا مٽ ليپائڻ جو دستور ناهيائين. مٽن ۾ پاڻي وجهي مٿن ڳرا ڪاٺ جا ڍڪڻ رکڻ جو قانون سيکاريائين. رات جو انهيءَ ’بخاري‘ کي ياڻ سان پري باهه ڏيئي ڇڏبو هو ته جيئن صبح جو نماز لاءِ وضو ڪرڻ واسطي گرم پاڻي موجود هجي. مٽن مان پاڻي ڪڍي ڪُونرن ۾ وجهڻ لاءِ زنجير سان ٻڌل ڏولڙا هوندا هئا. ان ذريعي پاڪ پاڻي ڪڍي ڪُونري ۾ وجهي وضو ڪبو هو. مسجدن اڳيان پڪا ’غسل خانه‘ ٻه ٺهيل هوندا هئا ته جيئن جمع جي رات ملهائڻ وارا مسلمان ساجهر اچي غسل ڪري نماز لاءِ تيار ٿي سگهن.

رمضان شريف ۾ تراويحن ۾ قرآن ڪريم ٻڌائڻ جو دستور پرچوندي شريف کان هن تر ۾ اُتان جي فارغ ٿيل حافظ سڳورن آندو. ”في سبيل الله“ سڄو مهينو رهي قرآن ڪريم سُڻائيندا هئا. پرچوندي شريف ۾ قرآن ڪريم پڙهڻ جي خاص طرز آهي، جيڪا پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

مرڪزيت جي سم زده ٿيڻ سبب هينئر تر جي ڳوٺن ۾ گرم پاڻي وارا مٽ ڪونه پريل ڏسبا. هينئر ’هئنڊ پمپ‘ جو رواج نڪتو آهي. ڪُونرن کي ڪوبه استعمال نه ٿو ڪري، سڌو سنئون نل گيڙي وضو ڪن ٿا. جبڪو طريقو اڻ وڻندڙ آهي ۽ ناپاڪ ڇنڊن پوڻ جو ٻه انديشو رهندو آهي.

حافظ سڳورا وري اهڙا اچي ساماٽا آهن جو ذري گهٽ ’قوالي‘ پيا ڪن ۽ ”في سبيل الله ختم القرآن“ جو ٻه ڪو نمونو ئي نه رهيو آهي. اول ٻولي ٻڌي ٿيندي ته مسجد جي جماعت ڪيتري آهي؟ انهن وٽان ۲۷ تاريخ ڪيتري رقم ملڻ جي اُميد ٿيندي؟ جانچي پرکي پوءِ حافظ سڳورو ’من پسند مسيت‘ ۾ اچي تراويحون پڙهائيندو.

وقت وقت جي ڳالهه آهي. اڳي عالم سڳورا قرآن جي تعليم في سبيل الله ڏيندا هئا. ان لاءِ ڪو ٽڪو پيسو ڪونه وٺندا هئا. پنهنجو گذر سفر طب تي ڪندا هئا. قرآن پڄائڻ تي طالب العلم کي اجان پنهنجي کيسي مان روپيو ڏيڍ ڏيئي ڇڏيندا هئا. ماڻهن کي وعظ ذريعي جمع جي نماز وقت گناهن جي سزا کان آگاهه ڪندا هئا. ڪاٿي ڪهي وڃي ڏوکڙ وٺي وعظ وغيره ڪونه ڪندا هئا. مسجد شريف ۽ مدرسي جي احاطي کان ٻاهر ڪونه نڪرندا هئا.

سندن تبليغ جو وقت فقط جمعي جو خطبو هوندو هو. پاڻ پرهيزگار هوندا هئا. سندن ظاهر باطن صاف سٿرو هوندو هو. سندن زبان مان نڪتل اکرن ۾ اثر هوندو هو. عام ماڻهو ڪٽي سيئي نيڪ نمازي ۽ مسجدن ۾ ڪونه ايندا هئا، پر منجهن خدا جي شناس ۽ سندس خوف گهڻو هوندو هو. عام طرح هرڪو ايماندار هوندو هو. انهن الله لوڪ عالمن جي گذري وڃڻ ڪان پوءِ وقت به ڦيرو ڪاڌو. ٽڪين تي گذران ڪندڙن ۽ ڏيئي جي لاٽ تي تڏن مٿان پڙهندڙن جو تعداد ختم ٿي چڪو. هينئر انگريزي گٽ مٽ ڪندڙ ماڻهو مولوي ٿو بڻجي ته منجهس انگلش جو اي A (آڪڙ) اثر ڪري وڃي ٿو، سو عربيءَ وارو ع (عاجزي) سندس روح سان ميلو نٿو ڪائي.

ٽي وي ۽ ڊش انٽينا ته ماڻهن مان روح اسلام ڪڍي رکيو آهي. اسلام ته پنهنجيءَ جاءِ تي پر انسانيت جو اکر به ماڻهو مان مٽايو ويو آهي. اهو سڄو کيل ادب، احترام، شناس ۽ انسانيت جي منافي آهي. ان ذريعي حيلہ سازي، ڪوڙ، بي حيائي، لڙائي ۽ ڌوڪي بازي اچي جاءِ والاري آهي.

هندو مسلم نفرت ۽ احساس جدائي ته انگريزن جي وقت شروع ٿيو پر اُن وقت انصاف هو. تقسيم ڪان پوءِ انتخابي عذاب اچي نازل ٿيا. مسلمان جو مسلمان سان نفاق پيدا ٿيو. نور بشر جي جهڳڙي ته نفرتون پيدا ڪري وڌيون. مسلمان مسلمان ڪي علي الاعلان، اسٽيج تي بيهي لائوڊ اسپيڪرن جي آواز تي ڪافر سڏڻ شروع ڪيو. تازو انڙ واهہ تي اهڙا مظاهرا ٿيا آهن. مذهبي تعصب ڪان علاوه سياسي 'نا اتفاقي' به عروج تي پهتي آهي.

هن وقت جي جماعتن اليڪشن ۾ حصا وني عام ماڻهن جي ذهن ۾ 'زهر' ڀري ڇڏيو آهي. هتان جي ڳوٺن ۾ عجيب عجيب رنگ جا جهنڊا لڳندا آهن. پيءُ پٽ ڪان عليحده، زال مڙس ڪان زور ۽ پٽ پيءُ ڪان ڀري جدا جهنڊو کنيون نعروهڻندو. مطلب ته ١٩٣٧ع ڪان اڳ جنهن علائقي ۾ امن هو، سُک هو ۽ ايڪو هو، برادريءَ جو "مرم" هو، پاڙي جو لحاظ هو، وڏي جو ادب هو، ننڍي لاءِ 'پيار' هو، عالمن لاءِ 'عزت' هئي، مُلان مسيت جو 'احترام' هو، قران ڪريم جو 'شناس' هو، پنهنجي پرائي جو 'تميز' هو، خير خيراتن ڪرڻ جو خيال هو، هر طرف 'چڱائي ۽ ڇهڇٽو هو، سو سمورو سلسلو انهن تفرقن جي سيلابن ۾ لڙهي ويو. هاڻي ڪنهن ڪي به اها پڪ ڪانهي ته سندس پٽ سندس مرضي سان هلندو الائي نہ، سندس پٽ ڪي وري اهو انديشو هوندو ته ابو الائي اوباش سنگت سان گڏ هلڻ سهندو الائي نہ. مالڪ ڪي اها پڪ ڪانهي ته ڪو ملازم سندس ڏيڪاريل ڪمن جي پورائي ڪندو الائي نہ. مطلب ته سڄي ماحول ۾ بي يقيني اچي واسو ڪيو آهي. اهڙي حالت هن علائقي ۾ به اچي وئي آهي! مون ١٩٣٧ع ۽ جنوري ١٩٤٦ع واريون انتخابي مهمون ڏٺيون. اهي انگريزن هٿان ٿيون. ان زماني ۾ نڪو ڪنهن ووٽر ڪي قرآن شريف مٿي تي رکايو ويو، نڪي اميدوار ڪان ڪنهن ووٽر ووٽ لاءِ روڪ رقم وني قسم کنيو هجي. باقي ڊسمبر ١٩٤٦ع جي پڇاڙيءَ ۾ جيڪا اليڪشن ٿي تنهن سڀ ايمان جا بند ڀڃي ڇڏيا. بس اُتان ڪان وني اهو عذاب نازل ٿيو جيڪو اڄ تائين پيو هلي. تنهن زماني ۾ وڏ ۾ وڏ پنجن روپين تي پئي ووٽ وڪاميو، هينئر ته ڪروڙن ۾ پيو وڪامجي. 'وڪاٽل گهوڙي' جو اکر به هاڻي لغت ۾ آيو آهي! مان جنهن علائقي جو آهيان، ان ۾ ١٩٤٠ع تائين سُڪار ئي سڪار هو. برڪت ڀريا ڳوٺ، برڪت ڀريا ماڻهو ۽ "برڪت ڀري فضا" هئي. اهو دؤر ياد ٿو پوي ته اڄ ڪلهہ جي حال ڏسڻ سان اکين مان پاڻي وهي ٿو وڃي! اکيون انهيءَ دؤر جي ڏسڻ لاءِ آتيون آهن، پر اهو دؤر وري نہ اچڻو آهي. چوندا آهن ته هڪ صدي گذرڻ بعد ماحول ۾ تبديلي ايندي آهي ۽ پنج صديون گذرڻ بعد جاگرافي حالت ڦري ويندي آهي. جتي آبادي هوندي اُتي رڻ پٽ هوندو، جتي رڻ هوندو اتي ٻيلا ٿي ويندا، جتي دريا هوندا اُتي واري جا دڙا ٿيندا. هاڻي به اُهڃاڻ ته ائين ئي آهن. ڪنهن دؤر ۾ دليل پور وٽ درياءُ وهندو هو، اڄ اتي صدين ڪان پوءِ سم جا درياءَ آهن، مڇين جا تلاءُ آهن، پوک جي پچار ڪانهي.

جمعو ڏکڻ، عبدالغني شاھ، چوڪ ۽ جونگل جو احوال

ٺُل تعلقي جي حدن اندر اهڙا آثار اجا بہ آهن جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هتي ڪي صديون اڳ سنڌو درياءَ جو وهڪرو هو يا ڪا وڏي اُٿل آيل هوندي. ڇاڪاڻ تہ ڪٿي "ترايون" آهن، ڪٿي "واريءَ جا وڏا ذخيرا" آهن ۽ ڪٿي وري "لٽ پڪي مٽيءَ" وارا وڏا دڙا آهن. جمعو ڏکڻ ڳوٺ بہ هڪ وڏي دڙي تي انگريزن جي اچڻ کان اڳ جو ٻڌل آهي. اهو واحد ڳوٺ آهي جيڪو ڪنهن زميندار جي نالي تي ناهي ۽ منجهس فقط هڪ قوم جا ماڻهو رهائش پذير آهن. ١٩٢٥ع ۾ بہ هي وڏو ڳوٺ هو. تنهن زماني ۾ بہ هتي پرائمري اسڪول هو ۽ ڇوڪريون بہ ان ۾ پڙهنديون هيون. هن ڳوٺ جو باني رئيس جمعو خان سومرو هو جيڪو ڏکٽڪو ڪم ڪندو هو. ڳوٺ جا گهڻو ڪري سڀيئي ماڻهو ڏکاٽڪو هنر ڄاڻندا هئا. ان زماني ۾ سم ۽ ڪلر جو نانءُ ۽ نشان بہ ڪونہ هو. " "ڪڙين جي ڪنارن" ۽ ڳوٺن جي اندر ۽ ٻنين جي ٻنن سان ٻٻرن جا وڻ جام هوندا هئا. "موهن جي دڙي" واري ڏڳي گاڏي ٺاهڻ جا سنا ڪاريگر هتان جا سومرا هوندا هئا. اها ٻيل گاڏي اهڙي ساخت جي هوندي آهي جو سال ڏيڍ ڪان پوءِ پراڻي ٿي بيڪار رهندي آهي، سو هارين کي هر ٻئي سال نئين ڏڳي گاڏي جي ضرورت ٿيندي هئي. سڄي تر جوءِ ۾ ڏڳي گاڏين ٺاهڻ جا ڪاريگر جمعو ڏکڻ ڳوٺ ۾ هوندا هئا. سڄو سال وٽن ڪم هوندو ئي هوندو هو، سو اهي ماڻهو مڇي ماني ۾ 'پاڻ پرا' هوندا هئا. مهانگائي ڪانہ هئي، خرچ بہ ايڏا ڪونہ هئا. ڏڌ، مکڻ ۽ کير پنهنجو هوندو هو. گذر سفر لسي ۽ کير ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن خرچ تي ڪونہ هو، پر ڪاڏي واسطي پر پاسي سردار ڪرم خان بجاراڻي (ڪرم پور واري) جي ٻنيءَ ۾ هارپ ڪري ان اپائيندا هئا. پنهنجي زمين نہ هوندي بہ وڏا معتبر هئا. ١٩٠١ع جي آدمشماري مطابق تعلقي ٺل جي ڳوٺن کان هي وڏو ڳوٺ هو. هينئر ١٩٩٥ع ۾ ڏهوٽو وڏيل آهي. منجهس ٽي وڏيون پڪيون مسجدون ٺهيل آهن، جيڪي عشاءَ ۽ فجر جي نمازن تي بلڪل ڀريل هونديون آهن. ڳوٺ جا مرد ماڻهو سڀ گهڻو ڪري "روز مزدوري" جي ڪم تي هوندا آهن. هينئر ڪاٺ جي ڪاريگري جو ڪم يا اوساري وغيره جو ڪم بہ روز مزوري تي ڪندا آهن. سٺ ستر سال اڳ ڏڳي گاڏيءَ جي ٺهرائڻي ويهہ رپيا هوندي هئي، هينئر تہ ڏڳي گاڏي وجي هزارن جي قيمت تي پهتي آهي. جمعي ڏکڻ ڳوٺ کي 'ڳاڙهو ڳوٺ' بہ سڏيندا آهن، جو سؤ سال اڳ بروچ قوم جي عورتن کي سفيد ڪپڙو پارائبو هو. ان جو 'قشق' اڇو هوندو هو. ان جا دامن ڪليل نہ هوندا هئا. 'قشق' تي چٽڻ والن کان بہ وڌيڪ ڪپڙو لڳندو هو. انهيءَ جي برعڪس ڇاموٽن جي عورتن کي ڳاڙهي ڪلر تي ڪپڙو هوندو هو. "ٽيئي پيس" (قميص، شلوار، پوتي) ڳاڙهي رنگ جا هوندا هئا. جمعي ڏکڻ ڳوٺ کي 'مِني پاٽي' جي سهوليت ڪانہ هئي، پري پنڌ تي 'ڏاکوين کوهيون' کٽي پاٽي پريندا هئا، سو ڳوٺ جون مايون ٽولا ڪري پاٽي پرڻ نڪرنديون هيون تہ پري کان ڳاڙهاڻ نظر ايندي هئي. سو انهيءَ ڳاڙهاڻ سبب ڳوٺ تي نالو "ڳاڙهو ڳوٺ" بہ پيو.

منهنجو ڏاڏو امين خان ٺل تعلقي تي پوليس آفيسر ٿي آيو تہ انهيءَ ڳوٺ جي رئيس يوسف خان سومري سان سندس واقفيت ٿي. رئيس ڏاڍو سمجهدار ۽ معتبر ماڻهو هو. ڏاڏي مرحوم جي ساڻس دوستي ٿي ويئي. اها دوستي پوين ۾ بہ هلندي اچي. اسان جي خاندان سان جمعي ڏکڻ جي سمورن سومرن جي دوستي ۽ واسطيداري هلندي اچي ٿي. جمعي ڏکڻ جا سومرا اصل کان شريف ۽ معتبر هئا، هينئر بہ سڄو ڳوٺ ديندار آهي. مسجدون آباد آهن، ڳوٺ جي هڪ ڪاريگر صوفي حاجي گلاب الدين کي حضرت امين الملت (محمد امين خان کوسو) خاص طرح گهرائيندو هو. ڪم جي بهاني ڪيس مهينن جا مهينا پاڻ وٽ جهليون وينو هوندو هو. ڪيس چوندو هو تہ مون کي ڪم جي تہ ضرورت ڪانهي پر تنهنجو گذر سفر جو سبب هوندو تہ تون هتي رهي منهنجي مسجد شريف آباد رکندين.

جمعي ڏکڻ ڳوٺ کان اتر طرف چوڪ جو ڳوٺ آهي، جيڪو جمعي ڏکڻ وانگر واريءَ جي وڏن دڙن تي ٻڌل آهي.

ابتدا ۾ اهو ڳوٺ ڪنهن ٻڌو تنهن جي خبر ڪانهي، پر هتي ڳوٺ جا سڀ ماڻهو جت قوم سان تعلق رکندا آهن. ”چوڪ جتن واري“ ٻه ڳوٺ تي نالو آهي. هتان جا جت درگاهه پرچونڊي شريف جا فقير هوندا هئا. حضرت حافظ الملت پرچونڊي شريف وارن جي خليفي دلمراد ڪوسي هتي هڪ وڏي عاليشان مسجد جوڙائي جيڪا غالباً ۱۸۹۹ع ۾ جڙي راس ٿي. ڳوٺ جي فقيرن سرون ذڪر الاهي سان قالب ۾ وجهي ناهيون. ڪوري مان ٻه ذڪر الاهي سان ڪيئي مسجد شريف جي جاءِ تي آنديون ۽ ذڪر الاهي سان مسجد شريف جي اوساري ٿيندي رهي. مطلب ته مسجد شريف جي جوڙاءُ جو سڄو ڪم في سبيل الله ۽ ذڪر الاهي سان ٿيو. ڪاريگر ٻه الله لوڪ قسم جا فقيرتن ماڻهو هئا. اها مسجد شريف هڪ سؤ سال گذرڻ بعد ٻه اڃا بهترين حالت ۾ ڪر ڪنيون بيٺي آهي.

عام دستور موجب مسجد جي پرسان اول منهنجي والد بزرگوار الحاج عبدالعزيز خان مرحوم و مغفور جي مرقد نهي، جنهن ۱۹۳۹ع ۾ وفات ڪئي. اول اول پهرين قبر منهنجي والد مرحوم جي انهيءَ مسجد شريف جي پاڇي ۾ ٿي. منهنجو والد پرچونڊي شريف جو فقير هو. پاڻ انتقال کان ٿورو اڳ پنهنجي فرزند (امين الملت رحه) ڪي سڏي چيائون ته تون اها ”گانڌي ٽوپي“ لاهي پٽڪو ٻڌي اچ جو پير سائين بادشاهه آيو آهي. پوءِ پاڻ وڏي آواز سان افضل الذڪر پڙهڻ لڳا. الله الله ڪندي سندن روح پرواز ڪري ويو.

حضرت امروٽي رحمت الله عليه، حضرت حافظ الملت رحه باني پرچونڊي شريف وارن جا وڏا خليفا هئا. امروٽي خليفو صاحب هن مسجد شريف ۾ گهڻو ايندو ويندو هو. هڪ ڀيرو غالباً ۱۹۲۵ع ڌاري پاڻ سان هڪ پنڻ ورتيون آيو، جنهن کي هن مسجد شريف ۾ رهڻ جو حڪم فرمايائون. اهو فقير افغانستان جي طرف جو هو. سندس نالو عمر جان فقير هو. هو غالباً سؤ سال حياتي ڪري هن مسجد ۾ ئي وفات ڪري ويو ۽ اتي ئي مدفون آهي. هي هتي سٺ سال ڪن رهيو پر حضرت امروٽي صاحب جي حڪم مطابق مسجد شريف کان ٻاهر ڪونه ويو. فرلانگ پنڌ تي ريلوي لائين آهي، ان تائين ٻه ڪڏهن ريل ڏسڻ ڪونه ويو. چوندو هو ته ڪو لک رپيا ڏئي ته ٻه مسجد شريف کان ٻاهر ڪونه وڃان. عجيب انسان هو! ايڏو ته بي پرواهه جو دنيا جهان جي ڪنهن ٻه معاملي جي خبر ڪانه رکندو هو. قدرت وري اهڙو ته بندوبست رکيو هو جو هن متوڪل علي الله انسان وٽ دنيا جهان جي هر بهترين چيز موجود هوندي هئي. بهترين چانهه تمام اعليٰ ڪوپن ۾ پيئندو هو. بظاهر ڪنهن کان ٻه نذرانو وغيره ڪونه قبوليندو هو. البته امين الملت رحه جي هر پيش ڪيل چيز بلا حجت قبوليندو هو. چوندو هو ته ”تون منهنجي پير جو موڪليل آهين.“

ابتدائي دؤر ۾ ڳوٺ جا جت فقير ڏاڍا ذاڪر ۽ عابد هوندا هئا. سندن گذارو ’پيش‘ جي تڏن ناهڻ ۽ وڪڻڻ تي هوندو هو. ’پيش‘ جو ٻوٽو ديره بگٽي جي جبلن ۾ پيدا ٿيندو وڌندو آهي. بگٽي قوم جا ماڻهو انهيءَ کي پنهنجو فصل سمجهندا آهن، سو مفت ۾ ڪنهن کي ٻه ڪپڻ نه ڇڏيندا آهن. هڪ ڀيري حضرت حافظ الملت رحه باني پرچونڊي شريف جي زماني ۾ چوڪ جو هڪ فقير بگٽي علائقي جي ٽڪرن تي ”پيش“ وڍڻ ويو ته اتان جي هڪ محافظ ڪيس نشان ڪري پٿر هنيو، جيڪو هن کي ڪونه لڳو. اهڙيءَ طرح هن تي گهمرا پٿر اڇلايا، پر هن فقير کي اهي ڪونه لڳا. انهيءَ ڪرشمي سبب اهو بگٽي هن وٽ آيو ۽ چيائين ته ”تون ڪنهن ڪامل مرشد جو مريد آهين يا پاڻ ’صاحب ڪرامت‘ آهين، جو منهنجي زندگيءَ ۾ اڇليل پٿر ڪڏهن ٻه نشاني کان ڪونه گُٿو آهي، پر توکي ٿيئي پٿر ڪونه لڳا. هاڻي توکي ڇڏي ٿو ڏيان پر ٻيهر منهنجي هن جوءِ ۾ ’پيش‘ وڍڻ نه اچجانءِ“. اهو جت فقير سلامت موٽي آيو. هفتي کان پوءِ پرچونڊي شريف مرشد سان ملڻ لاءِ ويو ته حافظ الملت رحمت الله عليه ڪيس اچڻ سان چيو ته ”فقير! خطرناڪ جاين تي نه ويندو ڪر!“ جت ڏٺو ته حضرت صاحب جن جي ٽري مبارڪ هٿ تي هڪ وڏو ڌڪ جو نشان بيٺل هو.

ڳوٺ چوڪ ۾ پير سائين حضرت شيخ عبدالرحمان صاحب رحمة الله عليه ١٩٣٣ع ۾ هڪ عالم سڳوري جي اچي دستار بندي ڪئي. اهو مولوي عبدالوهاب صاحب به صاحب استغنا هو. غريبي هوندي به هن وڏن ماڻهن جون مهمانيون ڪيون. وڏا ماڻهو وٽس سندس علمي شهرت ۽ سندس ڪتبخاني ڪي ڏسڻ ايندا هئا. تنهن زماني ۾ هن مولوي صاحب وٽ مصري ڇاپي وارا عربي ڪتاب تمام گهڻا گڏ ڪيل هئا. سندس ڪتبخانو هيئنر به محفوظ آهي.

حضرت علامه مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي هتي امين الملت رحه جي مرقد تي ختمو چوڻ آيو ته مسجد شريف ڏسي چيائين ته هي مسجد شريف هتي هن ڳوٺڙيءَ ۾ انهيءَ ڪري نهي جو حضرت امين الملت کي هتي آخري "آرام گاهه" ڪرڻو هو. حضرت حافظ الملت رحه کي "ڪشف" ذريعي معلوم ٿيو هوندو ته سندس "خانقاهه" جو هڪ "خادم" هتي دفن ٿيڻو آهي، سو ان لاءِ هتي مسجد سڳوري ناهڻ جو حڪم خاص خليفي دلمراد فقير کي ڏنائون. مسجد شريف تي ڪتبو به اهڙيءَ طرح جو لڳل آهي. غالباً منو سؤ سال گذرڻ بعد اهو مطلب پورو ٿيو. مسجد شريف ١٨٩٣ع کان نهڻ شروع ٿي ۽ ١٨٩٩ع ۾ مڪمل ٿي. حضرت امين الملت رحه ١٩٧٣ع ۾ وفات ڪئي. ٦ ڊسمبر ١٩٧٣ع جي بعد از نماز مغرب لحد اندر داخل ٿيو. حافظ خير محمد صاحب اوحدي تاريخ وفات هن ريت ڪڍي.

"يا رب بخشجانءِ محمد امين کي."

انهيءَ مسجد شريف کي هڪ سؤ سال ٿي چڪا آهن، مگر اڃان بلڪل سني حالت ۾ بيٺل آهي ۽ وسندڙ آهي. هن مسجد شريف جي اها به هڪ ڪرامت آهي جو هڪ سو سال ۾ ڳوٺ اندر ڪوبه وڏيرو "اوطاقي" ٿي ڪونه رهيو. سندس تصرف کان ڳوٺ هميشه آزاد رهندو اچي ٿو. وڏيرن جا "تپڙ هميشه تيشن تي" رهيا آهن. علامه دائود پوٽو صاحب به هتي هڪ رات رهيو هو، پر خانبهادر آدم خان به هتي مهمان وانگر رهيو هوندو.

جڏهن منهنجي ڏاڏي جي پاءُ حاجي عظيم خان، خان بهادر آدم خان کان هتان جي بني خريد ڪئي ته هڪ سروي نمبر مسجد شريف جي نالي وقف ڪري ڇڏيائين. اڄ به انهيءَ نمبر جي پيدائش مان اينتري "اپت" ٿئي ٿي جو مسجد شريف جي سنڀار جو سڄو خرچ ان مان پورو ٿيندو رهي ٿو.

چوڪ ڳوٺ کي فقيرن جون دعائون آهن. موجوده دؤر جون سڀ سهوليتون 'خود بخود' هتي اچي ويون. سب هيلٿ سينٽر، اسڪول، بجلي، پي. سي. او وغيره وغيره سڀ ڪجهه خدا تعاليٰ جي طرفان منظور ٿيندا رهيا. ڪنهن وڏيري ۽ ڪنهن ميمبر صاحب جي ڪا مهرباني ڪانهي.

چوڪ کان ڏکڻ طرف جمع ڊڪڻ جي ويجهو سيد عبدالغني شاهه جو ڳوٺ آهي. اهو ڳوٺ به قديمي آهي. انگريزن درياءَ تي بند ٻڌا ته شاهن جو اڳيون ڳوٺ ڪچي وارو بندن جي سبب ڦٽي ويو ته هنن شاهن هتي اچي ڳوٺ ٻڌو. هتي به سندن زمين هئي. سيد عبدالغني شاهه وڏي همت وارو ۽ نانءُ ناموس وارو سيد هو. ٻجاراڻي سردارن جو "مرشد" هو، پر هي ڪڏهن به عام پيرن وانگر گهوڙن تي سنج رکي چار پنج خليفا ساڻ ڪري "چاليهو" اڳاڙڻ لاءِ ڪنهن مريد جي در ڪونه ويو. پنهنجو گذر سفر پنهنجي ٻنيءَ جي اپت مان ڪيائين. مون کي سائين جي. ايم. سيد صاحب ٻڌايو ته هو سال ١٩٤٢ع ۾ سيد عبدالغني شاهه جي ڳوٺ آيو هو. انهيءَ زماني ۾ سڄي سنڌ جي سيدن ۾ يڪجهتي لاءِ سيد اعظم ڪوششون ڪري رهيو هو. سيد عبدالغني شاهه وٽ به انهيءَ سلسلي لاءِ آيو هو.

هڪ دفعي هڪ پرديسي سيد عبدالغني شاهه جي شهرت ٻڌي وٽس رات جو "اويلو" اچي مهمان ٿيو. شاهه صاحب ڪيس ماني ٻوڙ سان موڪلي پر ان پرديسي ماني ڪانه کاڌي ۽ چيائين ته مون سڄي حياتي تتر جي ٻوڙ سان ماني کاڌي آهي، سو اڄ وري انهيءَ ٻوڙ کان سواءِ ماني ڪيئن کائيندس. عبدالغني شاهه پاڻ گهران نڪري اوطاق ۾

آيو. مهمان کي ڏاڏيون منٿون ڪيائين ته بابا هينئر رات جو اويلو ٽنڊ ڪٿان هٿ اچي، سو تون هي ڪاڻ صبح ساجهر "چڙهاڪو ٽنڊ" مارائي به توکي سوير سان ٽنڊ جي ٻوڙ سان نيرن ڪرائيندس، پر مسافر کونه مڙيو ۽ بکئي پيٽ سمهي پيو. شاه به لاچار ٿي گهر موٽي ويو. عشاءَ جي نماز کان پوءِ حاجي محمد نواز خان کان شاه صاحب لاءِ ماني آئي. حاجي صاحب وارا شڪار تي ويا هئا. ٽنڊ جام ماري آيا هئا، سو ماني رڌائي شاه صاحب ڏانهن به موڪليائون. شاه صاحب کي "خومچو" اچي مليو. کولي ڏٺائين ته "مڪيل مانيون"، "ٽنڊ جو ٻوڙ" ۽ "سيخ ٿيل به ٿي ٽنڊ" ان اندر موجود آهن. شاه صاحب ان مهل ئي ماني کڻي اچي ننڊ ۾ ستل مسافر کي اٿاري چيو ته "اٿي! الله سائين تنهنجي روزي جو بندوبست ڪيو آهي. هاڻ ٽنڊ کائي 'ڊوَ' ڪر ۽ اوڳرايون ڏي."

عبدالغني شاه پنهنجي وقت جو وڏو برجستو سيد ٿي گذريو آهي. سخاوت ته هر سيد جي صفت ۾ آهي. هي به وڏو سخي هو. اوڙي پاڙي جي زميندارن سان ته سُٺا تعلقات هيس، پر تر جي غريبن جو به هر وقت همدرد هو. تنهن زماني ۾ ڪنهن کي ڪنهن تي رنج ٿيڻ جا سبب گهٽ هوندا هئا. اليڪشني عذاب به ١٩٣٧ع کان پوءِ آيا، جنهن ۾ عوام کان ووٽ ونڻا پوندا هئا. ١٩٣٧ع کان اڳ بمبئي ڪائونسل يا سينٽرل اسيمبليءَ لاءِ چونڊون ٿينديون هيون، جنهن ۾ عوام ووٽر نه هو. جيڪي ڪاتيدار ٧٠ روپيه ڍل ڀريندڙ هئا، تن کي ووٽ ڏيڻ جو حق هو. سو انهن جي ووٽن ونڻ لاءِ ڪا گهٽي 'چڪ تاڻ' ڪانه ٿيندي هئي. گهڻو ڪري خط ذريعي عرض ڪبو هو ۽ تر جي ڪنهن 'اثرائتي امير' وٽ کهي وڃبو هو ۽ بس. اميدوار به تمام وڏا زميندار ۽ شاهوڪار قسم جا ماڻهو ٻٽبا هئا. جيپن ۽ موٽرن جو زمانو کونه هو، سو وهٽن تي چڙهي هر ڪاتيدار ووٽر وٽ پهچڻ اميدوار کان ڪانه ٿيندي هئي. انهيءَ زماني ۾ 'اليڪشن ورڪ' فقط خطن ذريعي ۽ ڪنهن وڏي اثرائتي ماڻهو جي 'رسوخ' سان هلندو هو. انهيءَ مخصوص طبقي کان سواءِ ٻي ڪا مخلوق انهيءَ عذاب ۾ ڪانه آيل هوندي هئي، سو 'دوستيون'، 'محبتون'، 'عزتون' ۽ 'احترام جون ڳالهيون' زوال پذير ڪونه ٿينديون هيون. دنيا جهان جو ڪاروبار انصاف سان هلندو هو. مهانگائي اصل ڪانه هئي. سنڌ اجا بمبئيءَ سان ڳنڍيل هئي. سڄي سنڌ ۾ سيدن جو وڏو مان هو. مسلمانن ۾ انهيءَ ذات لاءِ احترام هو. سيد عبدالغني شاه صاحب به اهڙي عزت ۽ احترام جي لائق هو. منهنجن وڏن سان سندس تعلقات 'دوستاڻا' هوندا هئا. انهيءَ واسطيداري سبب ته ١٩٧٠ع واري هنگامه خيز اليڪشن ۾ حضرت امين الملت رح گهوڙي تي چڙهي پولنگ تي پهچي پنهنجو ووٽ سيّد عبدالغني شاه جي پوٽي احمد شاه کي ڏنو هو. حالانڪ هن ڪڏهين پنهنجي اليڪشنن ۾ به پنهنجو ووٽ استعمال ڪونه ڪيو هو.

سيد احمد شاه جهڙي مولوي صفت درويش جو هن دؤر جي چونڊن ۾ ڪامياب ٿيڻ مشڪل هوندو آهي پر ته به هر اليڪشن ۾ سندس پيپر ضرور ڀربو آهي. احمد شاه صاحب کي اليڪشن ۾ اٿڻ جو شوق آهي ۽ سندس وڏي ياءُ سائين علي شاه کي وري ڪنهن زماني آپريشن ڪرڻ جو شوق هوندو هو. مريض جو نه پر مشينن جو. نئين جيپ وٺندو هو يا موٽر وٺندو هو يا تنهن زماني گاسليٽ تي هلندڙ جنريٽر به وٺس هو تن سڀني کي کولي پُرزا پُرزا ڪري ڏسندو هو. موٽرون ته وري به هلڻ جهڙيون ٿينديون هيون پر جنريٽر وري ٺهڻ کان جواب ڏيئي بيٺو. هاڻي پوئين زماني ۾ آخري شوق اهو ڪيائين ته سڄي ٻني وڪڻي پيسا وڃي بئنڪ حوالي ڪيائين. سيد عبدالغني شاه جي وقت کان وٺي اڄ تائين سندس خاندان نامور رهندو اچي ٿو.

سيدن جي ڳوٺ کان ڏکڻ طرف بنگلاڻين جو ڳوٺ آهي، جيڪو به ڏيڍ سؤ سال اڳ جو آهي. اتي جان محمد خان بنگلاڻي ۽ سندس پٽ ارسلا خان بنگلاڻي وڏي همت سان رهيا. سندن ڳوٺ ۾ هينئر به پُراڻيون نشانيون آهن: 'انبن جو باغ' ۽ ان ۾ ديال جي ڪاٺ سان ٺهيل 'وڏو چوٺرو' ۽ ڪرڙ جي پٽين سان ٺهيل تمام 'وڏي لانڍي'، هن

وقت ٻه سؤ سالن جا نشان خسته حالت ۾ نه پر مناسب حال ۾ موجود آهن.

هي علائقو خاص ڪري مراد پور سرڪل بروچڪو علائقو آهي. هتي سؤ سال اڳ ته ڌاڙو امن هوندو هو، ڇاڪاڻ ته هر سرنديءَ واري زميندار وٽ پنهنجي بچاءَ جا اسباب موجود رهندا هئا. انهيءَ خود حفاظتي انتظام لاءِ ڳوٺ مان ڪي 'برجُستا ماڻهو' رات جو پهري تي مقرر هئا ۽ انهن کي مهيني سر پڳهار ڏيڻ جو دستور ڪونه هو. البته هر فصل جي ديري وقت انهن کي مقرر ان ڏبو هو. انهيءَ کي 'بنات' سڏبو هو. انهيءَ کان علاوه هتي هن علائقي ۾ ١٩٥٠ع تائين صدين کان اهو ٻه بندوبست هو ته تر ۾ 'پيرن ڪٽڻ' ۽ 'پيرن پرکڻ' وارن ماڻهن کي سرنديءَ وارن وٽ وڏي عزت هئي. تر جا زميندار اهڙين 'پاڳين' کي ديرن جي وقت هر سال ڪجهه ان وغيره ڏيندا هئا، انڪري سندن سار سنڀال چڱي ٿيندي هئي. انهن ماڻهن جي 'مجوتي' چورن ۾ هئي. جيڪڏهن ڪا چوري ٿيندي هئي ته اهي 'پيراڏو' پيرا کڻي وڃي چورن جي 'ٿَمَ' ۾ هٽندا هئا يا چورن جا پيرا سُڃاڻي وٺندا هئا. اهڙيءَ طرح چوري ٿيل مال موٽندو هو. چوري جو سلسلو آرين ۽ اڻ آرين جي زماني کان ئي شروع آهي. اڻ آرين تي آرين اچي قبضو ڪيو ۽ اڻ آرين نفرت سبب آرين کي مالي نقصان خاطر سندن چوريون شروع ڪيون. هينئر ته اها "نفرت" وڃي "عادت" تي رسي آهي.

مرادپور سرڪل ۾ ٻن صدين کان بروچن اچي ملڪ وسايو. بيگاري واه ڪلهوڙا دؤر ۾ ئي وهندو هو، پر آباديون ڪرڻ لاءِ پاڻي جام ڪونه وهندو هو. بروچ گهڻو ڪري 'مالوند' هئا، سو سندن گُذر جو دارومدار مال تي هوندو هو. هن علائقي ۾ گهڻو ڪري طوائف الملوڪي رهي. ڪو عرصو ته قلات جي خان جي حڪومت ٻه هن علائقي ۾ هئي. چون ٿا ته انگريزن ۽ قلات جي درميان بيگاري واه تي مبارڪپور جي سامهون ڪا جنگ ٻه ٿي هئي. قلات جي حڪومت تمام گهڻو عرصو رهي هئي، پر اُن زماني ۾ بروهين هن علائقي کي 'مفتوحه علائقو' سمجهي اچي سياري جي موسم ۾ پنهنجي "فاتحانه" ۽ "حاڪمانه" 'رعونت' ڏيکارڻ شروع ڪئي هئي. زماني جو دستور رهيو آهي ته "فاتحن" هميشه 'مفتوحن' کي 'پائمال' ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سو قلات جا بروهي ٻه پنهنجو مال سياري ۾ هتي ڪاهي آڻيندا هئا. جتي ٻه ڪو فصل وغيره بيٺل ڏسندا هئا ان ۾ ڇڏي ڏيندا هئا. فصلن جا مالڪ دانهون ڪندا مال کي پوڪ مان ڪڍڻ جي ڪندا هئا ته بروهي ساڻن وڙهڻ ايندا هئا. چوندا هئا ته "اسيڏا ٻڪري رِذِ، پُنَ پُونَڙي چَرسي، تسيڏا سنگ سَتي اُتيهي" (يعني اسان جو مال ته هيٺ پيو چري سنگن کي ته ڪو نقصان نٿو رسي.) بهرحال ڌاڙي جي لٽ کي ٻه مٿا هوندا آهن. قلات پنهنجي انتظام لاءِ هتي 'ليويز' نمونو ٻه رکيو هو. ان جي پوليس واري کي 'جان شين' سڏيندا هئا. اهڙا 'جان شين' ڪيترين جاين تي ڪچا ڪونا ناهي اچي ٽاڻو ٻڌائي وينا. ڳالهه ڪندا آهن ته اهي جان شين ايڏا ته ظالم هئا جو شل نه منهن پون. اهڙو هڪڙو 'جان شين' هڪ ڏينهن گهوڙي چڙهيو وڃي پيو ته ڏٺائين ته پريان هڪ ماڻهو منڊڪائيندو پيو وڃي. هي گهوڙو هڪلي وڃي پهتس. پڇيائين ته "اڙي تيڪون ڪيا ٿيا هي. اسان اڄ دريافت تي نڪتا هي، اسان ڪون اڄ تيريجها ڏينهن هي. اسان لنگهڻ اسيڏا گهوڙا لنگهڻ، اسان تسيڏا دريافت ڪريسي." واتهڙو ورائيس ته مان ڪنهن گهير مان لنگهيو آهيان اتي گپ هئي سو جوتا لاٿم ته ڪو ڪانئي جو ٽڪر پير کي لڳو هوندو ان ڪري پير جي سور کان منڊو ٿيو پيو هلان. 'جان شين' فرمايو ته "چل، اها جاهه ڏکال. اسان دريافت ڪيتي نڪتاهي. اسان لنگهڻ، اساڏا گهوڙا لنگهڻ." انهيءَ غريب کي ٻه لڪڻ هٿي اڳ ۾ ڪري انهيءَ گهير تي اچي چيائين ته "هڻ اوهو ڪانئي ڪوٺ ڪڍ". واتهڙو ويچاري لوڏي لوڏي اهو ڪاٺ جو ٽڪرو گپ مان ڇڪي ڪڍيو. هن حڪم ڪيس ته "هُڻ ايهو چا چل"، ٽاٽي تي پهچي ان ماڻهوءَ کي چيائين ته "اسان تيڏا دريافت ڪيتاهي هُڻ ڏون دري جوار دي ڏي. اسان لنگهڻ، ساڏا گهوڙا لنگهڻ، اڄ تريجها ڏينهن تي ڳيا



ضلع لوڪلبورڊ جيڪب آباد، ١٩٢٧ع

ويٺل (ساڄي ڪان) (١) مير عبدالعزيز خان ڪوسو، (٢)............، (٣) سردار دوست محمد خان جڪراڻي، (۴) سردار رستم خان جمالي، (۵) مير زين الدين خان سُندراڻي، (٦) خانبهادر سعيد خان رند، وائيس پريزيڊنٽ، (٧) ان وقت جو ڊپٽي ڪمشنر ڊي. مئڪلاچان (٨) سردار عبدالرحيم خان ڪوسو (پريزيڊنٽ)، (٩) ڊپٽي ڪليڪٽر ڪنڌڪوٽ، (١٠) سردار جعفر خان بُليدي، (١١).............، (١٢) خانبهادر شير محمد خان بجاراڻي، (١٣) خانصاحب فتح محمد خان بجاراڻي، (١۴) حاجي نهال خان باجڪاڻي.

(بيٺل) (١)...........، (٢)...........، (٣) ....، (۴) خانبهادر چاڪر خان سُهرياڻي، (۵) ارسلا خان بنگلاڻي، (٦) مير بلوچ خان ڊومبڪي، (٧) دين محمد خان ڊومبڪي.

هي." اهڙيءَ طرح ان کي ڪاٺ ۾ وجهي ڇڏيائين. ان زماني ۾ اڄ ڪلهه جي ٿاڻن وانگر حوالات نه هوندا هئا. ڪاٺ جي ٻرن بندن ۾ سوراخ نڪتل هوندا هئا. ان جي پُڙن کي ڪولي ماڻهوءَ جا پير يا هٿ لنگهائي، بعضي ته ٻچي به لنگهائي تختا ملائي ڪلي هڻي ڇڏيندا هئا. قلات جي حڪم کي هلندي هتي چڱو وقت ٿيو هو. غالباً ڪلهوڙن ۽ ٽالپر دؤر ۾ به هتي جا حاڪم قلات جا خان رهيا. انهن قلات جي والين کي ترڪ اسلامي حڪومتن جي خليفن وٽان "بيگلربيگي" جو خطاب مليل هو. خان نصير خان نوري هڪ درويش صفت حاڪم ٿي گذريو آهي. احمد شاهه ابدالي سان پاڻي پٽ جي جنگ ۾ ساڻ هو. اتان مرهٽن کي غلام بڻائي وٺي آيو هو. هينئر جيڪي به مرهٽا بگٽي علائقي جا آهن سي سڀ انهن مرهٽن جي اولاد مان آهن جيڪي شيواجي جا فوجي هئا. خان ڳڙهه ڪان اتر ۾ نصيرآباد علائقو انهيءَ خان جي نالي سان سڏبو آهي. قلات جو خان خداداد خان جنهن انگريزن سان جيڪب آباد ۾ عهدنامو ڪيو هو، اهو ڏاڍو جابر حاڪم هو. ان ڪري انگريزن ڪيس معزول ڪيو هو.

منهنجي ڏاڏي محمد امين خان جو وڏيڙو مير حيات خان سندس "مصاحب" هو. اسان جو پڙ ڏاڏو وليو خان قلات جي حڪومت ۾ وڏو ماڻهو هو. جهٽ پٽ پرسان ممل ۾ سندس ڳوٺ هو. خان خداداد خان جي معزوليءَ کان پوءِ مير حيات خان نل تعلقي ۾ اچي پنهنجو ڳوٺ ٻڌو، مگر سندس زمينون ساڳيءَ طرح بلوچستان ۾ هيون. جاماڻين جي وڏي جامڪ خان جي قبر به بلوچستان ۾ آهي ۽ سردار رحيم خان ڪوسي اول جي قبر به ڇُڪڙا ريلوي اسٽيشن پرسان آهي. اهو دؤر ڪلهوڙن جو هو. ڪلهوڙن اتي خان کان ڪجهه علائقو فتح ڪري اتي 'مراد ڪهيري' کي پنهنجو 'ناظم' مقرر ڪيو هو. انهيءَ مراد ڪهيري ناظم صاحب، سردار رحيم خان ڪوسي اول کي عزت ڏيئي ڪيس 'سرڪاري پڳ' عطا ڪئي هئي. انهيءَ طوائف الملوڪي واري دؤر ۾ ئي اسان جي وڏن جون آخري قيام گاهون اچي تعلقي نل ۾ ٿيون، جن ۾ اڄ تائين سيني جا ڳوٺ اِتي آهن.

مذڪوره علائقي جي ديهه توج ۾ ارسلا خان بنگلاڻي جو ڳوٺ آهي ۽ پرسان ديهه سيدو ڪوٽ آهي. اتي ايامن جو نهيل هڪ وڏو ۽ ويڪرو ڪوٽ هو. هيو ته 'ڪچو' پر ايامن گذرڻ بعد به ان جا نشان جون ۱۹۵۰ع ۾ به ڏٺا هئا. هينئر به اجا ان جي ٿُلن جا ڪي نشان باقي آهن. انهيءَ ڪوٽ جي نهرائيندڙ جو پتو ڪونهي پر اهڃاڻ اهڙا آهن ته هتي ايامن ۾ ڪنهن 'امير ڪبير' جي رهائش رهي هوندي. انهيءَ ديهه ۾ سروي کان اڳ ڪافي غير آباد زمين اڻ سروي ٿيل هئي. انگريزن منهنجي ڏاڏي صوبيدار امين خان کي ايمانداري ۽ فرض شناسي سان ڪم ڪرڻ سبب هتي چار هزار جريب زمين 'انعام' طور ڏني هئي. ڏاڏي مرحوم جي زندگي ۾ فقط چار سؤ جريب سروي ٿي سگهي، جيڪا منهنجي والد ۽ چاچي جي نالي لئنڊ رجسٽرڊ پهرين ۾ درج ٿي. ڏاڏي جي شهادت (۱۸۹۹ع) کان پوءِ باقي زمين سروي ڪانه ٿي سگهي. اها چار سؤ جريب زمين به پاڪستان ٺهڻ شرط مسلم ليگ حڪومت جي وڏي وزير خان بهادر کهڙي جي حڪم سان ضبط ٿي.

انهيءَ علائقي جو مک ماڻهو جان محمد خان بنگلاڻي ۱۹۲۷ع ۾ منهنجي والد سان گڏ ضلعي بورڊ جو ميمبر ٿيو هو. سندس فرزند ارسلا خان منهنجي چاچي جو دوست هو. موجوده دؤر جي هڪ اليڪشن ۾ ارسلا خان جو پوٽو سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبري لاءِ اميدوار بيٺو هو.

انهيءَ علائقي جون زمينون نهايت 'زرخيز' آهن. سم ۽ ڪلر ڪونهي. تمام چڱي حالت آهي. صدين بعد به هي علائقو آباد آهي. اڳي هتي خشڪ پوک ٿيندي هئي، گڏو بئراج کان پوءِ ساريال ٿي آهي.

نل تعلقي جي ڏاکڻين حد سان بيگاري واهه آهي، جنهن جي پرسان اتر ۾ جونگل جو ڳوٺ آهي، جتي هن وقت 'پهوڙ' رهن ٿا. اتي ڪنهن زماني ۾ غالباً ۱۹۰۰ع کان پوءِ ميان دين شاهه نالي سيد رهندو هو. هو سنڌ جي مشهور

صحافي مولوي صدرالدين شاهه جو ڏاڏو هو. انهيءَ مولوي صاحب جي تصوير "الوحيد" (سنڌ آزاد اسپيشل نمبر ١٩٣٦ع) ۾ ڇپيل آهي ۽ سندس ذڪر پير صاحب حسام الدين شاهه راشدي پنهنجي ڪتاب "هو ڏوٿي هو ڏينهن" ۾ به لکيو آهي. ميان دين شاهه سڳورو چون ٿا ته ڏاڍو نيڪ، صالح ۽ زبان ۾ تاثير رکندڙ 'اهل بيت' هو. اتر سنڌ جي مشهور 'حاذق حڪيم' مولوي سراج الدين ڪوسي جون سڄيون اکيون هن سيد جي پاراتي سان انڌيون ٿيون هيون. ميان دين شاهه جي فرزند ميان شرف الدين شاهه کي مون گهڻو ڏٺو. هو اسان وٽ گهڻو ايندو ويندو هو ۽ ڪي ڏينهن رهي پوندو هو. نيڪ نمازي ماڻهو هو. گهوڙي تي ايندو هو. ڪلام الله شريف هميشه بغل ۾ هوندو هوس. منهنجي سؤٽ ڪيس خوبصورت ڇپائي وارو 'حمائل شريف' هڪ خوبصورت چمڙي جي ٿيلهي ۾ وجهي ڏنو هو، جيڪو هن ڪي باقي حياتي تائين ساڻ هوندو هو. هتي هي ايندو هو ته ان زماني ۾ آءٌ تمام ننڍو هوس، پر اها سمجهه هئي ته شاهه صاحب گهڻو وقت ڏينهن رات جو قرآن ڪريم جي تلاوت ۾ مشغول هوندو هو. پانيان ٿو ته ڏهه سيپارا روز پڙهندو هو. نماز مسجد شريف ۾ پڙهي ايندو هو، باقي 'تلاوت' اوطاق ۾ اچي ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن کٽ تي پڙهندو هو. البته سياري جي موسم ۾ تڏي تي ويهي پڙهندو هو. سفيد ريش، حليم طبع، ڪفايت شعار، ٿوري تي به خوش ٿيڻ وارو سيد هو. سندس دعا قبول پوندي هئي. پاراتو هن ڪڏهن به ڪنهن کي ڪونه ڏنو. سندس فرزند مولوي صدرالدين شاهه صاحب سياسي ورڪر هو. ڪجهه وقت پرچوندي شريف جماعت طرفان جاري ڪيل اخبار 'الجماعت' جو ايڊيٽر به رهيو. اها اخبار شڪارپور مان ڇپجي نڪرندي هئي. صدرالدين شاهه کي مون به چڱيءَ طرح ڏٺو. سندس ڀاءُ محڪم الدين شاهه آبپاشي کاتي جو داروغو هو، جيڪو به رٽائر ٿيڻ بعد صحافي بڻيو. ٽيون ڀاءُ نور محمد شاهه به صحافي هو، پر نشي جي عادت سبب هي سيد سڳورو هميشه 'استغراق' ۾ رهي 'عالم بالا' جي سفرن ۾ هوندو هو. هي بخاري سيد هئا. انهن سيدن کان علاوه جونگل جا ڦوهڙ به سڀ نيڪ نمازي هئا. ملان ۽ مدرسن سان واسطو رکندا هئا. هتان جو حاجي مير محمد ڦوهڙ ١٩٥٢ع واري اليڪشن ۾ صوبائي تڪ تل اوپر ۾ 'جمعيت العلماءِ اسلام' طرفان اميدوار بيٺو هو مگر 'مسلم ليگ' جي اميدوار جي مددگارن سندس ووٽرن کي هر پولنگ تي ڏنڊا هٿي ڊڪائي ڇڏيو. ڏنڊن هٿائڻ ۾ همراهن سان همدردي ۽ همت افزائي پوليس عملدارن جي به هئي.

سنڌ اندر انگريزن جي دؤر ۾ ٽي اليڪشنون ٿيون. پهرين سنڌ آزاد ٿيڻ وقت ١٩٣٧ع ۾. ٻي جنوري ١٩٤٦ع ۾ ۽ ٽين ڊسمبر ١٩٤٦ع ۾، ۽ هڪ ضمني چونڊ ١٩٣٨ع ۾ ١٩٣٧ع ۽ جنوري ١٩٤٦ع ۽ ضمني چونڊ ١٩٣٨ع واريون سڀ 'غير جانبدارانه'، 'آزادانه' ۽ "شفاف" نموني ٿيون. ١٩٣٨ع واري ضمني چونڊ ۾ ڪانگريسي اميدوار جي مخالفت ته انگريز ڊپٽي ڪمشنر ڪئي پر ووٽر کي ووٽ ڏيڻ لاءِ آزاد رکيائون. ڪوڙا ووٽ نه ڏيارايائون. بوگس بيلٽ پيپرن تي 'منڊيئڙا' هٿي نتيجو خراب نه ڪيائون. ايمانداريءَ سان پيٽين جي حفاظت ڪري ڳڻپ ڪيائون. نتيجي نڪرڻ تي هڪدم مخالف ڪانگريسي اميدوار جي ڪاميابي جو اعلان ڪري ڇڏيائون. جڏهن سنڌ جي مسلم ليگ حڪومت جي نگراني ۾ ڊسمبر ١٩٤٦ع جي آخرين اليڪشن ٿي ته سڀ ليڪا لنگهائي ڇڏيائون. خود 'قرارداد پاڪستان' پاس ڪرائيندڙ سيد اعظم جي. ايم. سيد صاحب کي به هٿرادو نتيجو ڏيکاري شڪست ڏياريائون. بعد ۾ اليڪشن ٽربيونل ۾ اهو معاملو آيو ته وقتي وزير اعليٰ پير الاهي بخش صاحب سوڌو ڪامياب ڏيکاريل ميمبر قاضي محمد اڪبر صاحب ڇهن سالن لاءِ نااهل قرار ڏنا ويا. ١٩٤٦ع جي آخري اليڪشن فيصلي ڪن ثابت ٿي. ١٩٤٧ع ۾ پاڪستان قائم ٿي ويو. حقيقت ۾ اها حڪمت عملي مسلم ليگ حڪومت جي نه هئي. حضرت شيخ المشائخ پير عبدالرحمان صاحب پرچوندي شريف وارن جي دعائن ۽ ڪوشش سان حڪومت ٺهي، جنهن ذريعي سنڌ پاڪستان سان الحاق جو اعلان ڪيو. واضح هجي ته حضرت صاحب جي پنجن ميمبرن جي حمايت سان حڪومت مسلم ليگ

جي نهي هئي.

سنڌ جي انهيءَ اسيمبليءَ "انتقال ايراضي" بل پاس ڪيو هو، جيڪو سنڌ جي انگريز گورنر جي صحيءَ لاءِ ويو ته پاڪستان قائم ٿي ويو. بل تي گورنر صحي نه ڪئي هئي. انهيءَ بل بحال ٿيڻ سان سنڌ جون زرعي زمينون جيڪي قرض ۽ وياجن جي ڪري ڊگرين ذريعي هندن جي ڪاتي ٿي ويون هيون، سي ڦري اصلي مالڪن جي نالي ٿيڻيون هيون. اهو وڏو نقصان سنڌ جي آبادگار طبقي کي رسيو. هيڏانهن وري ڪن مسلمانن کي فائدو رسيو. مٿن قرض ختم ٿي ويا جو قرض خواهه هندو هليا ويا ۽ هندن جون ڪي ملڪيتون جعلي دستاويزن ذريعي ڪين ڦٻي ويون.

١٩٤٦ع ڊسمبر ۾ جيڪا اليڪشني 'هير ڦير' ٿي، تنهن ۾ سڄي سنڌ مان فقط ٺل مان هڪ غير مسلم ليگي ميمبر خان صاحب سردار خان ڪوسو ١٦ ووٽن تان خان صاحب سهراب خان سرڪي مسلم ليگي اميدوار کي شڪست ڏيئي ڪامياب ٿيو. انهيءَ ۾ به انتظاميه تي خان صاحب سردار خان ڪوسي جو رسوخ اثرائتو ٿيو، جنهن هيراڦيري سان ١٦ ووٽ وڌائي ڏيکاريا.

ٺل - جونگل روڊ سان عودي جو ڳوٺ تمام قديمي آهي، جنهن ۾ به سؤ سال کان اڳ جي ٺهيل مسجد آهي. مسجد شريف اندر جيڪي اکر لکيل آهن سي نهايت خوش خطي ۾ آهن. غالباً نيري رنگ ۾ آهن. اهو رنگ اڄ به تازو نظر اچي ٿو. مسجد شريف تي اهي اکر تمام پوءِ جا لکيل آهن. مولانا نبي بخش صاحب سومري جي زماني جا آهن. عودي جو هي پيش امام وڏو عالم ۽ 'خدا رسيده' هو. حضرت مولانا تاج المحمود امروٽي صاحب جو 'مجاز خليفو' هو. مولوي صاحب پاڻ ته وڏو عالم هو پر سندس سيئي پٽ به وڏا عالم ٿيا ۽ دين اسلام جي علم کي تعلقي ٺل ۾ عام ڪيائون.

تعلقي ٺل ۾ سرڪي تمام وڏا زميندار آهن. سندن سيئي زمينون ٺل شهر جي چئني طرف ويجهو آهن. عودي جو شهر ڏکڻ طرف آهي. عودي جا سرڪي زميندار هئڻ سان گڏ نيڪ نمازي ۽ سياسي سمجهه وارا به هئا. تحريڪ خلافت جي دؤر ۾ (١٩١٥ع کان ١٩٢٢ع) وڏيري عبدالرحمان خان سرڪي جو نالو به رڪارڊ تي آهي. ١٩٥٢ع واري اليڪشن ۾ ٺل اوپر تڪ مان مسلم ليگ جو اميدوار محمد بخش خان سرڪي ميمبر ٿيو هو.

ڪنهن زماني ۾ ڪنهن درويش جي زبان مان نڪتل هي گفتا ڏاڍي چوٻول ۾ هوندا هئا:

ميرپور منڊي


چانڊاڻ چنڊي

ٺل ڏنو نڪاءُ

ته عودي ويئي سنجن سوڏي

خبر ناهي ته درويش ائين ڇو چيو هو. انهن گفتن جو اثر ڪنهن وقت تائين انهن ڳوٺن تي ڏاڍو رهيو. هينئر مس مس وڃي انهن ڳوٺن ساهه پٽي آهي ۽ اڳتي قدم وڌائڻ شروع ڪيو آهي. پراڻو ٺل ريلوي اسٽيشن جي پرسان ڏکڻ طرف هو. اسان جي سمجهه واري دؤر ۾ به انهيءَ شهر جا ڪنڊر موجود هئا. هينئر ته اتي چانورن جا ڪارخانا لڳي ويا آهن. نئين ٺل جو شهر به سرڪين جو هو. اتي سندن وڏن جون قبرون هاڻي به خسته حالت ۾ آهن. ٺل غالباً ٽالپرن جي دؤر جو آهي.

رتي ديري تعلقي ۾ جيلاني سيدن جو ڳوٺ "نبي شاهه وڳڻ" هو. اتان جو هڪ سيد دامن شاهه جيلاني پنهنجن عزيزن کان ڌار ٿي هتي ٺل ۾ اچي درگاهه ناهي وينو. سرڪي وڏيرا پيرن فقيرن جا معتقد هئا، تن اتي شاهه صاحب کي ڪجهه زمين به ڏني، جيڪا اڄ تائين دامن شاهه جيلاني بادشاهه جي پوين وٽ موجود آهي. پيرن وٽ مال



ضلع لوڪلبورڊ جيڪب آباد، ۱۹۲۹ع

وينئل (ساڄي ڪان) (۱)............، (۲) محمد خان سپايو، (۳) خانبهادر دلمُراد خان ڪوسو، (۴) ضلع جيڪب آباد جو پهريون مسلمان ڊپٽي ڪمشنر صاحبزاده سردار محمد خان، (۵) سردار نور محمد خان گولو، (۶) ان وقت جو ڊپٽي ڪليڪٽر ڪنڌ ڪوٽ، (۷) مُکي چمنداس، (۸) هڪ هندو ميمبر..........

بيٺل: نامعلوم (۱) حاجي عبدالعزيز خان ڪوسو (۲) عبدالحڪيم خان شيخ (۳) هندو (۲) محمد پناه خان ايو (۵) هندو (۶) فتح خان ڪلوڙ.

مڏي جام گڏ ٿيندو آهي. فقيرن وٽ ڪچهه ڪونه هوندو آهي. سيد دامن شاهه هتي درگاهه جوڙي پيري مريدي جو سلسلو شروع ڪيو. چون ٿا ته انهيءَ 'خانقاهه' جي هڪ پير سيد غلام رسول وٽ سون جون سرون هونديون هيون. شاهه صاحب ڪاني ڪرامت جو مالڪ هو. چون ٿا ته هڪ دفعي هڪ پٽ تي چڙهي ان کي گهوڙي وانگر هلايو هئائين. اهو مست سيد بي اولاد وفات ڪري ويو. خبر ناهي ته سندس سونيون سرون ڪنهن کي هٿ چڙهيون.

ٿل شهر مون جڏهن پهرين ڏٺو، تڏهن تمام ننڍڙو شهر هو. سون واهه جي اوپر ۾ سٺ ستر دڪان ڏڪ بازار جي نالي سان هئا. اندر اناج منڊي جي چوگرد واپارين جا گدام هئا. ڪن وڏيرن جا اوطاق به هئا. سون واهه جي اولهه ۾ پيرين جا باغ هئا، جن جا 'حاجي پير' مشهور هئا.

تعلقي آفيس ۽ ٿاڻو اولهه طرف شهر کان تمام پري هئا. لوڪلبورڊ جي تعلقي اسپتال به شهر کان ٻاهر هئي. ٿل اٺڙ واهه جي ڪچي سڙڪ جي ڪناري اسپتال کان تمام پري قبرستان جي ويجهو "پيٽ قاڙ" جي چارين سان 'چپري' هئي، جتي مهيني ۾ ڪم از ڪم هڪ اڌ "پوسٽ مارٽم" ضرور ٿيندا هئا. جيڪي اڪثر "ڪارو ڪاري" سلسلي ۾ قتل ٿيل هوندا هئا. هڪ اڌ ڪو انتقامي بلوچي وير سبب به قتل ٿيل هوندو هو. اهڙو لاشو ضرور مالڪ ڪٽي وڃي گهر رسائيندا هئا، ورنه "سياه ڪاري" ۾ قتل ٿيل لاشن کي اتي ان قبرستان ۾ ئي دفن ڪندا هئا. بروچ اهڙن لاشن کي گهر ڪونه آڻيندا هئا. هينئر اهو سلسلو ڪونهي. هر ڪو "جنازي" کي ڪٽي اچي ان جي مان شان سان 'تجهيز و تڪفين' ڪندا آهن. اڳي اهڙن قضين جو تڏو به ڪونه رکبو هو، هينئر اهو 'جوش' جذبو نه رهيو آهي. چاڪاڻ ته اڳي اهڙا واقعا حقيقت تي هوندا هئا، هينئر ڪجهه ٻي طرح جو معاملو به ٿي پوندو آهي. سو عام طرح 'ناحق ماريل' جو اڪر وچ ۾ اچي ويندو آهي. اڳي اهڙن دستورن جي چنڊڇاڻ ۽ حق ڪرڻ لاءِ 'جرگا' ٿيندا هئا، جنهن ذريعي سچ ۽ ڪوڙ صاف ٿي پوندو هو. ان زماني ۾ 'شاهي جرگي' جا ميمبر قومي سردار هوندا هئا. جيڪب آباد جي شاهي جرگي ۾ سردار بهادر عبدالرحيم خان کوسو مشهور "حق شناس"، "حق گو" ۽ "حق تي عامل" ميمبر هوندو هو. سندس شموليت سان ڪڏهن به جيڪب آباد جي شاهي جرگي ۾ ناحق فيصلو ڪونه ٿيو. جيڪب آباد ۾ گهوڙن جي ساليانو ميلي تي 'جائنٽ شاهي جرگو' به ٿيندو هو. سنڌ بلوچستان جا سردار گڏجي بين الصوبائي معاملا نبيريندا هئا. ٿل ۾ به 'لوڪل جرگو' ٿيندو هو، جنهن ۾ قومن جا مقدم ميمبر ٿيندا هئا.

ون يونٽ جي زماني کان پوءِ جرگا سسٽم ختم ٿيا. وچ ۾ وري اهو سسٽم جاري ڪيائون جنهن ۾ سرڪار ميمبر پنهنجي مرضي سان نامزد ڪيا، سو مقدمن، معتبرن ۽ قومي سردارن جي نه هئڻ ڪري فيصلا نه نبري سگهيا، سو اهو سلسلو وري بند ڪري ڇڏيائون.

حقيقت ۾ 'پراڻين رسمن' ۽ 'قدرن' کي 'سياسي فضائن' پائمال ڪري رکيو، نه ته قبائلي علائقن ۾ 'قبائلي رواج' سبب بدامني کي وڌو ٻنجو آيل هو. سياسي ماڻهن پنهنجي مطلب لاءِ ماڻهن کي عجيب عجيب نعرا ڏنا، جن ماڻهن کي 'چڙ واڳ' ڪري ڇڏيو.

ڪانگريس ته ڪنهن زماني کان 'متعارف' هئي، پر مسلم ليگ هتي ٿل ۾ ۴۲- ۱۹۴۳ع ۾ پير پاتو، سو به سائين جي. ايم. سيد جي ذريعي. سائين ۱۹۴۲ع ۾ ٿل ۽ عبدالغني شاهه ڳوٺ به انهيءَ سلسلي ۾ آيو هو. ٿل مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر تنهن زماني ۾ خان صاحب سهراب خان سرڪي هو، جنهن جي ڪانگريس سان ته ڪا همدردي ڪانه هئي، پر مسلم ليگ کان ڪاوڙيل ڪونه هو. ان زماني ۾ ٿل جو مسلم ليگ تعلقي پريزيڊنٽ هڪ نانوائي هوٽل وارو مولا بخش ٻٽيو. هڪ دفعي ٿل جي مختيارڪار وٽ موجوده سيد دامن شاهه جو والد بزرگوار سيد عبدالستار شاهه وينو هو ته 'نائڪ' اچي ٻڌايو ته ديوان صاحب! تعلقي جو مسلم ليگي پريزيڊنٽ اوهان جي ملاقات

لاءِ آيو آهي. ان زماني ۾ نائڪ مزار خان مير بحر هو، جيڪو ’رعب‘ ۽ ’ڏيڪاءُ‘ ۾ ڪنهن ”پوليس حوالدار“ کان گهٽ ڪونه هو. سندس اجازت کان سواءِ چڱو ڀلو زميندار ۽ معتبر ماڻهو به مختياڪار وٽ ڪونه پهچي سگهندو هو. نائڪ جي رپورٽ تي ديوان جا ڪن ڪڙا ٿي ويا. هڪ ”سياسي جماعت جو عهديدار“ سندس ملاقات لاءِ آيو آهي، سو نائڪ کي چيائين ته عزت سان اندر وٺي اچينس. هي مولا بخش نانوائي اندر آيو ته مختياڪار کيس ڪرسيءَ تي ويهاريو. مولابخش جو ڪرسيءَ تي ويهڻ ۽ سيد عبدالستار شاهه ٽپ ڏيئي اٿي ديوان کي چوڻ لڳو ته عبدالستار شاهه جو اچڻ اڄ کان پوءِ ڪونه ٿيندو. ههڙا ماڻهو به اچي عبدالستار شاهه سان ڪڏهن ڪرسي تي گڏ ويهڻ جا حقدار ٿيا آهن ته بس هاڻي اسان اشرافن جو دور ختم ٿيو. سيد عبدالستار شاهه صاحب جيستائين حيات رهيو اوستائين وري ڪنهن ڪاموري جي آفيس ۾ ڪونه ويو. سندس وڏو پٽ سيد دامن شاهه به جڏهن ضياءُالحق حڪومت ۾ مجلس شوريٰ جو ميمبر ٿيو، تڏهن ڪجهه عرصو ڏسڻ ۾ ايندو هو. هينئر اهو به تمام گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. آءٌ به گوشه نشين آهيان ته ڪيئن ۽ ڪاٿئون سندس زيارت نصيب ٿيندي.

ٽل جا ’جيلاني سيد‘ اڄ به پنهنجن پيرن تي بيٺل آهن. هر ڪنهن جي جدا اوطاق آهي. هر ڪو بنگلا سينگاريون وينو آهي. باقي سائين دامن شاهه اول جي درگاهه وارو مسافرخانو ويران آهي. نه ڪي مريد، نه ڪي عقيدت مند، نه دعا نه ڏاڳو، نه لنگر، گهٽ ۾ گهٽ آءٌ ته هميشه ائين ڏسندو رهان ٿو. سائين عين شاهه صاحب ۽ سندس فرزند سيد شبير شاهه صاحب سان نيازمندي آهي، سو ڪڏهن ڪڏهن سندن آستاني تي حاضري ڀرڻ ويندو آهيان. پاڻ ٻئي (پيءُ، پٽ) منهنجي ڏاڍي عزت ڪندا آهن. قدرت جي طرفان مون کي هر سال عمره تي وڃڻ نصيب ٿيندو آهي ته واپسي واري پهرين ڏينهن هي صاحب قرب ڪري سڀ کان اڳ ۾ مون تي نوازشون ڪرڻ ايندا آهن.

ٽل جي شهر جي آبادي ڪنهن زماني ”سئنيٽري ڪاميٽي“ جيتري به ڪانه هئي، هينئر ايترو ته وڌيو آهي جو عنقريب ميونسپالٽي بڻبو. هن دؤر ۾ هن شهر اندر چانورن جا ڪارخانا چاليهن کان گهٽ ڪونه ٿيندا. موجوده شهر ۾ اڄا چاموٽن جي اڪثريت آهي. دايا ۽ سومرا ٽائون جا ميمبر گهٽا آهن. بروچن به ٻهراڙيون ڇڏي هتي اچي جايون ناهيون آهن. دڪان ورتا آهن پر اڪثريت اجا به چاموٽن جي آهي. ٽل تعلقي ۾ سياسي طرح هينئر به تڪ آهن، اوپر تڪ چاموٽن جي اڪثريت سبب سنڌ اسيمبليءَ ۾ پنجون دفعو ميمبر چاموٽ ٿئي ٿو ۽ اولهه تڪ مان بروچن سان چاموٽ مقابلا ڪندا آهن. فقط هڪ دفعي چاموٽ ميمبر ٿي ويو هو. تعلقو ٽل جيڪب آباد ضلعي جو وچون تعلقو آهي، سو سڄو سياسي زور انهيءَ تي هوندو آهي. سياسي آڪاڙو ٽل آهي سو انهيءَ ڪشمڪش ڪري تعلقي ۾ ترقياتي ڪم به ٿيندا رهن ٿا. تعلقو هاڻي ترقي پذير آهي. گهڻو ڪري سڀني ڳوٺن ۾ ٽيليفون جي سهوليت آهي. سب هيلٿ سينٽر آهن، بجلي آهي، پڪا روڊ آهن، هاءِ اسڪول، مڊل اسڪول جام آهن. پرائمري گرلز اسڪول جو ته شمار ئي ڪونهي. هر ڪنهن چرندڙ ماڻهو کي گرلز اسڪول مليل آهي. جيڪو تعليم جي نه پر سندس تصرف ۾ هوندو آهي.


ٽل شهر جي چوڌاري چاموٽن جون زمينون هيون. اوپر طرف ٻن ميلن بعد ديهه ڪوسا آهي. سروي کان اڳ به انهيءَ ديهه ۾ ڪوسن جو قبضو هو. ديهه ڪوسا ۾ سروي کان اڳ بهادر خان ڪوسي جي زمين هئي جيڪا هينئر سندن پوٽن جي ملڪيت آهي. سروي کان اڳ به هتي بنگل ڪوسي جي نالي سان ڳوٺ هو. اها زمين خان صاحب بهادر خان ڪوسي جي ملڪيت ٿي ته سندس وفات کان بعد ورثي ۾ سندس فرزند مير حسن خان جي حصي ۾ اهو علائقو آيو. مير حسن خان عام روايتي زميندارن جي برعڪس هڪ درويش طبع زميندار هو. ’لوڙها لتاڙ‘، ’ٻوڙا لٽو‘ زميندار ڪونه هو. شريف النفس زميندار هو. حضرت مولانا عبدالغفور صاحب رحمت الله عليه همايوني جو معتقد هو، ان

ڪري هن پنهنجي ڳوٺ جو نالو 'دين پور' رکيو. هڪ ڳوٺ جو نالو "رسول آباد" رکيو ۽ هڪ ڳوٺ جو نالو "پير شاخ" رکيو. منهنجو سؤٽ مرحوم محمد ابراهيم خان ڳالهه ڪندو هو ته مير حسن خان جي گهر روزانو اڪيچار طعام پچندا هئا. وٽس هميشه هنداڻن جو وڏو ذخيرو هوندو هو. روزانو هنداڻن جو واهپو گهڻو هوندو هو. منهنجي سؤٽ جي مير حسن خان جي وڏي فرزند مير دريا خان سان ننڍي لاڪون دوستي هئي. ٻه ٽي دفعا سندس ڳوٺ ويو هو. تڏهن اهو مشاهدو ڪيو هئائين. مير دريا خان کي انهيءَ زماني ۾ "آغا فيض" ڪري سڏبو هو.

مير حسن خان جي نيڪ نفسي سبب سندس اولاد به نالي سان ٿيو. مير درياخان پاڪستان اسيمبلي جو ناميارو ۽ ايماندار ميمبر ٿي گذريو. مير صبح صادق خان عالمن جي صحبت ۾ رهي وڏو مخير ۽ صالح انسان بڻيو. ڪنهن زماني ۾ ضياءالحق حڪومت ۾ مرڪزي وزير به ٿيو. مير شاهڏنو خان مرحوم دنيا جهان جي سياسي ڦندن کان بيزار رهيو. ڪامياب ڪاشتڪار ٿي عزت آبرو واري حياتي گذاري ويو. موجوده مير حسن خان کوسو به هڪ دشمن داغ انسان آهي. سياسي دنيا ۾ آيو ته جبري غلط سمت طرف هلڻ سبب سياسي ماحول مان نڪري چڪو آهي. وقت ڪيس وارو ڏنو ته وري ساڳي سياسي ماڳ تي رسي سگهندو.

خان صاحب بهادر خان کوسي جو فرزند خان صاحب شاهل خان کوسو ٿل کان اوپر ۾ ڪريم آباد ۾ هڪ عاليشان بنگلو ناهي وڏي شاندار زندگي گذاري ويو. انگريزي دؤر ۾ انگريز ڊپٽي ڪمشنر وٽس ڪهي ايندا هئا. سنڌ اسيمبلي جو ميمبر ٿيو. ون يونٽ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. سندس شاندار شخصيت متاثر ڪندڙ هئي. هو پنجاب جي چوڌرين وانگر "ڪُلاه" "طره دار پٽڪو" ٻڌندو هو. سردار بهادر عبدالرحيم خان کوسي جي لاولد وفات ڪرڻ سبب قادرپور ۾ سرداري پڳ کي قائم رکڻ ۾ هن حضرت امين الملت رحه سان ڀرپور ساٿ ڏنو. خان صاحب شاهل خان کوسو 'کوسڪي شان' جو نشان هو. خدا جي قدرت جو اهڙي "املهه انسان" جي اولاد وٽ سندس "شاندار شان مان" جو ڪو حصو باقي نه رهيو. ڪريم آباد ۾ هڪ جريب زمين به وٽن ڪانه باقي رهي. ڪريم آباد جو بنگلو اڄ به پري کان 'نشان بر' ۽ 'ماتم ڪنان' آهي. بنگلي تي نظر پوندي آهي ته اکين مان ڳوڙها وهي ويندا آهن. اهو اڃا ڪو وقت بيٺو رهندو ۽ مڙسن جون ڳالهيون ياد ڏياريندو رهندو.

ڀُڄ مٿي پيرون، ٻرُنديون ٻاروچن جون.



نظام الدين ڪوسو

نئين ٽل جا پُراڻا گل - ٣

"ڪلهوڙا مياڻان"، "ٽالپور بلوچ" ۽ "بلوچي قلات" جون حڪومتون ڪمزور ٿي گذريون آهن، سندن دور ۾ هروڀرو ائين ڪونه هو، جو "هيٺي جو حال" هيٺو ۽ "ڏاڍو سوگابو" هو، تاهم رعاياتي حڪومتن جا هٿ مضبوط ڪونه ها. چون ٿا ته اسان جي هن علائقي جي "جاموٽ" زميندارن کي حڪومتن جي حمايت ڪرڻ عيوض اگاڙيل ڏل مان ڪجهه حصو ملندو هو. مذڪوره حاڪمن جي دور حڪومت ۾ ٽل جا زميندار گهڻو ڪري "جاموٽ" هيا، پيٽا، سرڪي، مهر، پنگر، برڙا، چنا ۽ سپايا تمام وڏين ايراضين جا مالڪ هئا. انگريزن جي اچڻ کان پوءِ پهرين مهاڀاري لڙائي کان اڳ ۾ پٺن، برڙن، پنهنجون ايراضيون ارزان اگهن ۾ بروچن کي ڏيئي ڇڏيون. پاڪستان ٺهڻ وقت پنگرن، مهرن، چنن ۽ سپاين به پنهنجي ضرورتن ڪري بنيون وڃائي ڇڏيون. جاموٽ قوم مان هن وقت 'سرڪي' وٽ 'اباڻي' زمين، محفوظ رهي آهي ۽ آباد آهي، سرڪي جي سياسي ساک به قائم آهي.

ميرپور برڙو جو احوال

هي ڳوٺ ميرن جي دؤر کان وجود ۾ آيل آهي، هن ۾ جيڪو ڪچو قلعو نهيل آهي، اِهو ميرن جو ٺهرايل نه آهي، پر تاريخي اهڃاڻن مطابق به هن جوءِ ۾ ٽالپرن جي حڪومت نه رهي آهي. هي علائقو "بلوچي قلات" جي زير تسلط رهيو هو، هن علائقي جي قديمي تاريخ ڪنهن به ڪانه لکي، تنهنڪري تحقيق سان ڪا قديمي ڳالهه يا حوالو هٿ نه ٿو اچي. پر خان خداد خان هندستان جي وائسراءِ لارڊ لٽن جي حوالي هي علائقو ١٨٧٦ع ۾ ڪيو هو، اُن جا دستاويزي ثبوت مليا آهن.

انگريزن مان به لئمبرڪ صاحب پنهنجي تاريخي ڪتاب 'جنرل جان جيڪب. آف جيڪب آباد' ۾ ميرپور واري انهيءَ ڪچي ڪوٽ جي تصوير ڏني آهي، اسان جي مزڪوره علائقي ۾ وڏا شهر به ڪونه هيا، تنهن زماني وڏا شهر چانڊڪا، (لاڙڪاڻو) ۽ شڪارپور هيا، هتي فقط 'خان ڳڙهه' هو، جيڪو هڪ 'ڳوٺڙو' هئڻ جي باوجود به حڪومتي مرڪز هو. هتي حڪومت قلات جو نائب به رهندو هو. اهو نائب انگريزن جي وقت ۾ به ١٩٢٠ع تائين رهندو آيو.

ميرپور برڙو ۾ مشهور ماڇو سردار گنج بخش خان هيو، جنهن جي ڏاڏي، پڙ ڏاڏي وٽ ڪافي زمينداري هئي، پر جڏهين ڪان پاڻ ساماڻو ته وٽس جريب زمين به ڪانه رهي، هن جو ذڪر اِڳئين قسط ۾ "واٽين واري واقعي" ۾ ڏيئي آيو آهيان.

ميرپور جا 'سُگهڙ' مشهور هيا، ۽ هينئر به ڪي ڪٿا باقي آهن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙو 'محقق' به هتي ڪهي آيو هو. بُرڙي خاندان ۾ تعليم جو رواج مرحوم حاجي محمد يعقوب خان وڌو، پاڻ 'فائنل' پاس ڪري ماستر ٿيو ته پوءِ ڪوشش سان وڏيڪ پڙهي ڊگريون حاصل ڪري ورتائين، آخر ۾ هو مسلم اسڪولن جو ضلع جيڪب آباد ۾ نگران ٿيو. اُن زماني ۾ مسلم اسڪولن جي تعليم اعليٰ درجي جي هوندي هئي. استاد تمام سنا ۽ لائق مقرر ٿيندا هيا، ۽ هيڊ معلم ته مذهبي تعليم جو ڪونه ڪو ماهر هوندو هو. مذهبي ڄاڻ ۽ اکر نهايت سنا هوندا هئا اُن وقت جي مسلم اسڪولن جي شاگردن جا.

حاجي محمد يعقوب خان جو تعليم ڪاتي سان واسطو ٿيو ته منهنجو والد بزرگوار سندس دوست بڻيو. منهنجو والد ضلع اسڪول بورڊ جو ميمبر ٿيو ته حاجي صاحب سان واسطو ٿيس، پوءِ اهو واسطو 'پڪي دوستيءَ' ۾ 'پختو' ٿيو، ١٩٣٣ع ۾ جون مهيني جي جهولن ۾ امين الملت رح جي شاديءَ جي ڪانڌ ٿي، حاجي محمد يعقوب خان پورو هڪ هفتو اڳ ۾ اچي عزيز آباد ۾ 'ڪانڌ' جي ڪارج ۾ شامل ٿيو. انتظامن جي سڄي نگراني حاجي صاحب پاڻ ڪئي. هن علائقي ۾ اها شادي پنهنجي نموني جي هئي، سردار بهادر عبدالرحيم خان کوسو عموماً شادين ۾ شرڪت نه ڪندو هو، پر هن شاديءَ ۾ هو به ڏينهن ٽڪيو هو، نواب يوسف علي خان، عزيز مگسي ۽ سردار غلام الرسول خان ڪورائي به شاديءَ ۾ شريڪ ٿيا هئا. اهو زمانو خوشي جو هو، شادين جي ڪانه ٿيندي هئي ته 'مٽ مائٽ' ته سيئي 'ساگهر' شريڪ ٿيندا هيا پر اوري پري جا دوست احباب به ڪهي ايندا هيا ۽ شادي جي هر 'سانٽ سوڻ' ۾ شريڪ ٿيندا هيا. ڪو گهوٽ لاءِ ميٺ مليندو هو ته ڪو پاڻي گرم ڪنڌ ڪانئن کي سوريندو هو. ڪو گهوٽ کي مهٽيندو هو ته ڪو پاڻي هاريندو هو. مطلب ته سڀ احباب گهوٽ جي سينگارڻ ۾ هٿ ونڊائيندا هيا. گهوٽ سينگاري ڪپڙا پارائي مٿس چاندي جي روپين جي 'گهور' ڪندا هيا، ائين ڪندي هر ڪنهن کي "بي انتها" مسرت ٿيندي هئي، هاڻي ته اهڙو وقت آيو آهي، جو "مٽ مائٽ" ته ڪونه ڪو قصور ڪڍيون ڪاوڙيا وينا هوندا ۽ نه ايندا آهن. پنڌ پري هجڻ ۽ 'طبع ناساز' ٿيڻ جا سبب ڏيندا ته معاف ڪجو، اچي نه سگهياسون جي ڪنهن سان "هٿ ڏکهو" ٿيل هوندن ته "معذرتي خط" سان گڏ هڪڙو چيڪ به ٽنبي موڪليندا ته معاف فرمائجو 'طبع ناسازي' هئي سو هي "گهوٽ جي مبارڪي" لاءِ چيڪ موڪلجي ٿو. ڪيس بنده پاران پيش ڪجو وغيره وغيره.

ميرپور برڙي واري ڪوٽ جو فوٽو لئمبرڪ صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنو آهي، اهو ڪوٽ تمام قديمي ڪونهي پر ٽالپر جو به نهرايل ڪونهي حڪومت قلات جي زماني ۾ ڪوٽ ڪڍائڻ جو رواج هو، سعدو ڪوٽ به هيو، صحبت پور ۽ محبت پور کي به ڪوٽ هيا، اهڙي طرح ڪنڌ ڪوٽ ۾ ڪوٽ هيو.

ميرپور جي هڪ خاندان کي جيڪو 'سردار خيل' هو تنهن کي "ڪوٽائي وڏيرا" سڏبو هو، حاجي محمد يعقوب خان برڙو وڪڙائي پاڙي مان هو.

رانجها پور جو احوال

ميرپور کان ٿورو پنڌ تي روڊ تي ئي رانجها پور جو پراڻو ڳوٺ آهي هي ڳوٺ اصل ۾ هيو ته مسلمانن جو پر پوءِ هندو زميندار سيٺ آوت راءِ جو سڏبو هو، هن ڳوٺ جو قبرستان به تمام قديمي آهي ۽ ڪن قبرن تي قبا به آهن.

سيٺ آوت راءِ هندو تهذيب جو هڪ نمونو هو، هميشه ڌوتي سان ۽ مٿي تي بوسڪي پٽڪي "واٽڪي نموني" واري سالن هوندو هو، هي ڏاڍو نماڻو فضيلت وارو ۽ نرم لهجي ۾ ڳالهائيندڙ انسان هو. سرڪاري هرمحفل ۾ موجود هوندو هو. پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ به هي پنهنجي حياتيءَ تائين رانجها پور جو خاصو زميندار ٿي رهيو، پنهنجي پٽ هوندراج کي اعليٰ تعليم ڏيارئائين، پر ڪيس پاڪستان ۾ سول سروس جي جاءِ ڪانه ملي. سيٺ آوت راءِ جي وفات کان پوءِ هن کي ڌاڙيل ڏينهن ڏٺي جو ٻنيءَ مان اغوا ڪري ويا. وڏي تڪليف ۽ ڏنگ ڀرڻ کان پوءِ عرصي پڄاڻان موٽيو، موٽڻ سان ئي ٻنيون، گهر، جايون وڪڻي آمريڪا ليو ويو، هينئر اتي ڪاروبار ڪري رهيو آهي، ساڳي ٻني سيئين وٽ هئي ته انبار ان جا ٿيندا هيا ۽ هينئر مسلمانن جي ملڪيت ٿي ته پوک ڏيڻ کان نابري واريون ويٺي آهي، بخت بخت جي ڳالهه آهي.

چنن جي ڳوٺ جو احوال

ميرپور کان ڏکڻ طرف بيگاري واهه جي ڪپ تي چنا ڳوٺ آهي. هي به تمام قديمي ڳوٺ آهي، ڪنهن زماني ۾

هتي ڪافي هندو رهندا هيا، سندن پڪاگهر ۽ دوڪان هوندا هيا، واپار تي وڏو اثر هوندو هون، هتان جو وڏيرو الهه بخش خان چنو هو، منهنجي دوست مولوي محمد حسين چنا مرحوم ۽ خان صاحب عبدالله خان چنا کي ڪنهن زماني ۾ شوق ٿيو ته الهه بخش خان کي پڳ ٻڌائي چنن جو سردار بنايو وڃي، سو الهه بخش خان سردار بڻجي ويو، الهه بخش خان کي مون چڱي طرح ڏٺو هو، پاڻيان ٿو ته پڙهيل ڳڙهيل به هو. نهايت شريف ۽ ملنسار انسان هو. سرداري پڳ مٿس سونهي پئي، اها ذميواري هُن احسن طريقي سان نڀائي، مان شان ۽ انصاف سان هليو، ٻين جي عزت ڪيائين ۽ پنهنجي عزت به ڪرائي ويو.

اُن زماني ۾ سرداري جو حساب ڪتاب راڄ تي هوندو هو، يعني راڄ ۾ ڪيترا گهر اٿس، ڪيتري ڪهاڙين جو مالڪ آهي. اڳي زماني ۾ 'لک ڪهاڙي' سردار سڏبا هيا. يعني وقت اچڻ تي سردار مٿان سر ڏيڻ لاءِ ڪيترا جوان ڪهاڙيون کڻي ايندا، هي علائقو چونڪ نوري نصير خان واليءِ قلات جي بادشاهي ۾ هو، سو نوري نصير خان وٽ باقاعده لشڪر ڪونه هو. قومي سردارن تي ماڻهو مقرر ڪيا هئائين ته وقت ضرورت هر سردار پنهنجي قومي طاقت مطابق ماڻهو هٿيارن سوڌا پيش ڪري، انهيءَ سبب ڪهاڙي حساب سان سرداري ليکبي هئي. 'لک ڪهاڙي' يا 'لک لٺ' واري سردارين جو دستور ختم ٿي چڪو، هاڻي تازه ترين صورت حال مطابق ته ووٽ جو حساب آهي. فلاڻي سردار وٽ فلاڻي خان وٽ ووٽن جي هيتري موڙي آهي، يا ڪيترين 'پولنگ اسٽيشنن' تي قبضو اٿس، انهيءَ 'پڪا ووٽ' جي قبضي ڪرائڻ ۾ "ڏوڪڙن" جي ڪار فرمائي به نمايان رهندي آهي.

چنن جو موجوده سردار صاحب به ووٽن لاءِ ڪنڌ پاسو جهليون پنهنجي اهميت قائم ڪيون وينو آهي، باقي واٽين پچاٽان ڳوٺ جو اهو اوُج ڪونهي، چنن ڳوٺ ۾ سرڪاري بنگلو به هيو جيڪو هاڻي ويران آهي.

مبارڪ پور جو احوال

مبارڪ پور به بيگاري واهه جي پرسان آهي. ڪنهن زماني ۾ شاهل مهر سڏبو هو هي ڳوٺ مهرن ۽ پٺن جو آهي انگريزي دور ۾ بيگاري واه کي هڪ دفعي مبارڪ پور سامهون وڏو گهارو پيو هو، پٺن جي راڄ وارن همت ڪري اهو گهارو جلدي بند ڪري ڏنو ته انگريز انجنيئر خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته هي ڳوٺ مبارڪ آهي. هن وقت به ڳوٺ ۾ مهرن جو هڪ اڌ گهر هوندو. باقي پٺن جا گهر گهڻا آهن، جيڪي گهڻو ڪري تعليم يافته آهن،

ميرپور، رانجهاپور، چنا ۽ مبارڪپور جا هندو گهڻو ڪري ماستر هوندا هيا جن مسلمانن کي به پڙهائي تعليم وارو ڪيو. سو تعلقه ٺل جي اترين علائقي ۾ سنڌي اسڪولن جا ماستر گهڻو ڪري انهن ڳوٺن جا هوندا هيا ۽ اڄ ڪلهه به هندن جي وڃڻ کان پوءِ پرائمري ماستر گهڻو ڪري انهيءَ طرف جا آهن.

تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته هو علائقو خان واليءِ قلات خداداد خان ١٨٧٦ع ۾ لارڊلٽن وائسراءِ کي ڏنو هو. هن وقت تائين اڌورو سڌورو حڪم مڙيوئي قلات جو رهيو هو. انگريزن هن علائقي تي باقاعده قبضي ڪرڻ بعد ١٨٨٠ع ۾ سروي ڪرڻ جو ڪم ڪيو.

ميرل آباد جو حوال

ميرل خان کوسو، هي ڳوٺ مبارڪ پور پرسان ٻڌل آهي. ميرل خان کوسي وٽ ايتري زمين هئي جو سندس ڪڙيو بيگاري واه مان نڪري اُتر طرف وڃي شاهي واه سان لڳو هو. اهو فاصلو ٧۴ ميلن کان گهٽ ڪونهي ميرل خان شوقين طبع هو، شادي جو عادي هو، گهڻين شادين ڪري اولاد تمام گهڻي ٿي پيس، هينئر سندس پويان وڃي 'ٻاري وارا" ٿيا. ميرل خان جي دليري جون تمام گهڻيون ڳالهيون آهن پنهنجي قوم ۾ ڪا 'سگهڙ ضائفان' بيوه ٿيندي هئي

تہ ميرل خان ڏاڙهيءَ کي رنگ ڪري هڪ دفعو گهوٽ ٿيڻ واسطي ڪوشش ضرور ڪندو هو، سندس مرشد "ميان جامي جا قبا" وارا انڌڙ، فقير هيا، انهن فقيرن کان دعا ڏاڍو وٺندو هو.

مدد پور جو احوال

هي ڳوٺ مدد خان کوسي ٻڌو هو. هنن کوسن جون زمينون تحصيل جهٽ پٽ ۾ هيون، خان قلات عبدالله خان "قهار" جي وقت ڪلهوڙن ۱۷۳۴ع ۾ هي علائقو جنگ ڪري حاصل ڪيو هو. ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ سندس گورنر مراد ڪهيري زراعت کي زور وٺائڻ خاطر نور واه ۽ مراد واه کوٽايا، مدد خان کوسو پوءِ نور واه جي زمين تي اچي ويٺو، سندس فرزند مير نصير خان انگريزي دؤر ۾ وڏي همت وارو زميندار هيو. هڪ دفعي دريا جي لاٽ سبب ربيع جي مند ۾ پاڻي آڳاٽو بيهجي ويو، مير نصير خان جي ٻني ريج کان رهجي وئي، هن همت ڪري ڪشمور کهي وڃي، انجنيئرسان ملاقات ڪري روئيداد ٻڌائي ۽ طلب ڪئي تہ نور واه کي بند ڏيئي۷۴ ڪلاڪ پاڻي ڏنو وڃي. انجنيئر پارسي هيوّ، هن کي ڳالھ اچي وئي، مير نصير خان جي پنڌ ۽ ضرورت کي ڏسي ڪيس ڳوٺين زريعي پنهنجي ڪڙم وٽ پاڻي بند ڪرڻ لاءِ ۷۴ ڪلاڪ پاڻي پيئڻ جي منظوري ڏني.

اڄ ڪلھ جو دؤر هجي ها تہ "چڱي خاصي رقم نذر" وٺڻ بعد اهڙي رعايت ملي ها! بهرحال مير نصير خان انجنيئر کان حڪم حاصل ڪري اها ڪوشش ڪئي تہ جلد ۾ جلد ڳوٺ پهچي 'پاڻي بند' ڪرڻ جو بندوبست ڪري، سو ريلوي اسٽيشن ڪشمور پهتو اُن زماني ۾ موٽرن ٽئڪسين جو دستور ڪونہ هو نڪي زميندارن وٽ موٽرون هيون، اسٽيشن تي ريل جي وڃڻ جو وقت ڪونہ هو البتہ هڪ مال گاڏي وڃڻ لاءِ هئي، هن همت ڪري گارڊ سان ڳالھ ڪري بندوبست ڪري ورتو. وقت کان اڳي ريل هلائي وئي. پنهنجي ڳوٺ مدد پور سامهون گاڏي بيهاري لهي پيو. اهڙي طرح هو جلد ۾ جلد پاڻي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. انهيءَ انگريزي دؤر ۾ واٽ تي ريل بيهارڻ ۽ ڳوٺين زريعي چاٻ ڏيڻ تي وڏي ڳالھ ٿي وئي هئي، نصير خان جو نالو ڏاڍو مشهور ٿيو هو، مير نصير خان جو هڪ فرزند ضياء الحق حڪومت ۾ مجلس شورا جو ميمبر ٿيو ۽ سندس هم نام پوٽي مير نصير خان وڪيل کي تہ "ڪلول" ۽ بليل جي خبر بہ ڪانهي.

نور واه ميان نور محمد ڪلهوڙي کوٽايو هو، خان قلات، عبدالله خان ' قهار' ڪڇيءَ جي جنگ ۱۷۳۴ ۾ هارائي هئي. ڪلهوڙن ڪڇي علائقو قبضي هيٺ ڪيو. "مُراد ڪهيري" کي انهيءَ علائقي جو 'ناظم" مقرر ڪيو ويو، اهو علائقو ڪشمور تائين هيو، جيڪو ان زماني 'ڪز مير' سڏبو هو، ڪلهوڙن واه کٽايا، نور واه ۽ مراد واه اُن زماني جا نڪتل آهن، ڪلهوڙن کان اهو علائقو دوباره خان قلات نوري' نصير ان جي وقت ۾ قلات حڪومت جي زير تسلط آيو.

مراد 'ڪهيري' وارا، 'ڪهيري' فقير گهر سڏبا هيا ۽ هن وقت بہ ڪهيري فقير سڏبا آهن، ڪڇيءَ تي قبضي بعد مُراد حڪم ڪيو تہ جيڪو بہ "جوئر جو سِٽو" چوري ڪپيندو تہ اُن جي سزا ۾ان چور جو "سِر ڪپبو" انهيءَ غير مناسب حڪم تي سردار رحيم خان کوسي اعتراض ڪيو تہ قحط جي صورت ۾ انهيءَ قسم جو فيصلو 'ظالمانہ' چئبو، مراد سان مهاڏو اٽڪايائين، مراد ڪهيري سندس انهي جرئت مندانہ قدم کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ حڪم واپس ورتائين ۽ سردار رحيم خان کوسو کي خلعت طور پڳ ٻڌائين ۽ چيائين تہ: "هي منهنجي پڳ دعا جي پڳ آهي." جيڪو هن سان "ڪڙاند" ڪندو اهو نہ هوندو، انهيءَ رحيم خان جي قبر اڄ بہ "چُڪڙا" ريلوي اسٽيشن سامهون 'نشان بر' آهي. معصوم شاھ جي مناري جي سرن جهڙي سنهي سرن سان سندس قبر پختہ ٿيل آهي.

هن علائقي اندر ڪلهوڙا دؤر ۾ زراعت کي فروغ مليو هو. ڪيترا ڪڙيا کوٽجي ويا هئا، ڪجھ وقت پوکون ٿيڻ

لڳيون پر ڪلهوڙن جي حڪومت ختم ٿيڻ بعد وري واهن جون ڪاٽيون نہ ٿيون، پاڻي جي تنگي ٿي، علائقو وري غير آباد ٿي ويو.

زنگي پور جو احوال

زنگي پور ۾ چٽاڻي قوم جا ڪوسا زميندار رهندا هئا، اهو ڳوٺ زنگي خان ٻڌو هو. انهن وڏيرن جون زمينون اُچ شاخ (نصير آباد تحصيل)۾ بہ هيون. اُتي اچ ۾ هميشہ پاڻي جي تڪليف رهندي هئي، نور واه ڪي پاڻي هوندو هو. جيڪو بيگاري مان نڪتل هو. سو هتي جون زمينون آباد هئڻ سبب گهڻو ڪري سيئي هتي رهندا هئا، ڪوسن جو هي پاڙو شريف آبادي پاڙو هو. خان ڳڙهہ جي ڪوٽ ۾ بہ هن پاڙي جا ڪوسا انگريزن شهيد ڪيا هيا، انهن ۾ 'نور خان' چٽاڻي ڪوسو نامور ماڻهو هو. ڪوسا ويچارا جنهگ هٿي "ڏوپهرو" ڪرڻ لاءِ انهيءَ ڪوٽ جي وٽن جي ڇانوءَ ۾ 'آجهاپ' لاءِ اچي ويٺا تہ ڪنهن 'ملعون' ماڻهوءَ انگريز ڇانوڻي ۾ وڃي ٻڌايو تہ ڌاڪو ڪوٽ اندر اچي ويٺا آهن انگريزن بنا معلوماتً حاصل ڪرڻ جي رائفلين جو منهن ڪولي ڇڏيو. ٣٩ ماڻهو لحظي ۾ اجل جو شڪار ٿي ويا. ٻين رڙيون ڪيون، پنهنجا 'واهولا' ۽ 'ٻيانا' مٿي ڪٽي دانهون ڪيون، تڏهين ڪي بچي ويا، بخاري جامع مسجد وٽ پراڻيون قبرون انهن ڪوسن شهيدن جون آهن.

زنگي پور جا ماڻهو ساده طبع ۽ ناميارا ٿي گذريا، خود زنگي خان، يار خان، آدم خان جهڙا ماڻهو پنهنجي وقت جا وڏا ماڻهو هيا.

هڪ دفعي جاماڻي پاڙي جو مهر علي خان (جيڪو پوليس انسپيڪٽر مان معطل ٿيو هو، مٿس ڏوهہ اهو هو تہ هن بڪراڻي بردي پاڙي مان شادي ڪئي، جنهن تي انگريزن ڪيس ڇيو تہ هاڻي هو پوليس عملداري لاءِ موزون نہ رهيو آهي جو هن هڪ جرائم پيشہ پاڙي مان شادي ڪئي آهي. زنگي پور ۾ اُن زماني ۾ مسجد شريف ڏاڍي سٺي قبائين نموني ٺهيل هئي،

زنگي پور هينئر زبون آهي سندس پويان زميندار، گهڻو ڪري سڀ نصير آباد ضلع ڏانهن بلوچستان صوبي ۾ رهائش پذير آهن.

جيڪب آباد مانجهي پور روڊ تي بهادر پور ڳوٺ آهي جيڪو بهادر خان ٻڌايو. سندس زماني ۾ چڱو وسيل ڳوٺ هو، بهادر خان ١٩٣١ع ۾ وفات ڪئي، اڄ ڪلهہ بهادر پور بلڪل ويرانو آهي.

دلمراد خان اول کي انگريزن ١٨٥٨ع واري جنگ آزاديءَ ۾ حصو وٺڻ جي بهاني جلاوطن ڪيو هو. دلمراد خان اُن زماني نصير آباد علائقي ۾ رهندو هو. جيڪو خان قلات جي بادشاهي ۾ هو، انگريزن، خان کي ڪمزور ڪري سندس علائقن ۾ اچي پنهنجا وٺاڻا ٺاهيا. خود خان ڳڙهہ ۾ اچي اُن کي جيڪب آباد بڻايائون. حالانڪ اهو علائقو خان جو هو ۽ انگريزن جي قبضي ۾ ڪونہ آيل هو، پر ڏاڍ سان انهيءَ علائقن تي اثر انداز ٿيا.

دلمراد خان ڪوسو ويچارو سياسي ماڻهو ڪونہ هيو، هو ڪيتي ڪنڌڙ هڪ ڪامياب زرعي ماهر هو، البتہ پنهنجي پاڙي ۾ 'هلندي پچندي' وارو هو ۽ طبع جو ڪجهہ 'آزاد خيال هو تنهن سبب سندس "بہ طرفي" مخالفن انگريزن وٽ "چغليون" هٽي ڪيس بغاوت بهاني ملڪ مان نيڪالي ڏياري ڇڏي. سال ١٨٧٦ع ۾ خان خداداد خان والي قلات هندستان جي وائسراءِ لارڊ لٽن کي جيڪب آباد جو سجو علائقو 'ڪزمير' (ڪشمور) تائين پنهنجي هٿن سان حوالي ڪيو تہ دلمراد خان جي فرزند بهادر خان کي بہ نصير آبادي جي 'اُپرنڊ طاقتن' جي چوڻ تي اُتان لڏائي آندو، ڪيس دلمراد ديهہ ۾ هڪ 'فوجي پڙاءَ' ۾ نظر بند ڪري رکيو. جيڪب آباد کان ڪشمور تائين نڪتل سڙڪن تي هر ڏهن ميلن جي حساب سان فوجي پڙاءَ هيا، چوڪ جي ڳوٺ سامهون رستي تي بہ هڪ 'فوجي ڪئمپ' هوندي

هئي، منهنجي يادگيريءَ ۾ بہ انهيءَ ڪئمپ جون ڪي اڏاوتون ۽ ڪپڙن جا وڏا وڻ بيٺل نظر ايندا هيا.

انگريز بهادر، خان کي 'ہ، تي سال ڪئمپ' ۾ رکڻ کان پوءِ آزاد ڪري ڇڏيو. ڪيس بهادر جي اوس پاس ڏيهن ۾ زمين بہ ڏني.

بهادر خان، فوجي تحويل مان رهائي بعد، بهادر پور نالي ڳوٺ ٻڌي زمينداري ڪم ۾ لڳو،محنتي ماڻهو هو بعد ۾ گهڻي زمين هٿ ڪري ورتي هئائين.

زمينن تي چڪڙي نموني ٻيل گاڏي تي چڙهي گهمندو هو، جنهن کي پلا ڏاند ڇڪيندا هيا، اپر سنڌ ۾ انهيءَ طرز جي سواري فقط بهادر خان وٽ هئي، بهادر خان پنهنجي سجع هن ريت لکائي هئي، "بهادر فقير مدد دستگير" ان زماني ۾ وڏن ماڻهن ۾ سجع نهرائڻ جو رواج هيو، بهادر خان سخي هيو، چڪڙي ۾ هڪ، بہ هميانيون، چاندي جي رپين جون رکي هلندو هو، غريب غربي کي واٽ ويندي 'خيراتون' ڏيندو هلندو هو، سندس چڪڙي پويان هڪ بہ ڪمدار گهوڙن تي سوار ٽيل ڪيو هوندا هيس. بهادر خان هڪ دفعي پير سائين پاڳاري "سورهيہ بادشاهہ" جي بہ دعوت ڪئي هئي، پر سائين تنهن زماني ڏگهي ڳوٺ مان شادي ڪئي هئي، سندس سفر "محفہ" تي ٿي هئي جنهن کي ماڻهون ڪڻندا هيس، هزارين حُر سندس جماعت ۾ گڏ هيا، رات جو بهادر پور رهيا هيا، بهادر خان پنهنجي چئني پٽن جي پهراڻن جي جهولي ۾ هڪ هزار رپيا چاندي وارا وجهائي حضرت پير سائين سورهيہ بادشاهہ جي عقدس ۾ نظرانہ طور پيش ڪرايا هيا. چون ٿا هڪ دفعي حضرت حافظ الملت "مالڪن جن" حافظ محمد صديق صاحب رحمت الله عليہ پرچوندي شريف وارن جي دعوت ڪئي هئي جنهن ۾ جماعت جي گهوڙن لاءِ پنهنجي ٻني ۾ پوکيل جوئر پيش ڪيائين تہ جيئن جماعت جا گهوڙا گاهہ کائي ڍؤ ڪن.

حضرت حافظ صاحب عليہ رحمت کي عرض ڪيائين تہ قبلا! "ٻادو" جي زمين ڪشمور تائين اهي، جاٽي بہ "ٻادو" جي زمين ۾ گاهہ هجي، اُهو لنگر جي گهوڙن لاءِ هميشہ واسطي نظرانو آهي. حضرت صاحب جن بهادر خان کي دعا ڪئي، سو اڄ بہ بهادر خان سان تعلق رکندڙ خاندان خوشحال آهن، بهادر خان جو ذڪر انگريزن ١٩٠٧ع جي گزيٽئر ۾ چڱن اکرن ۾ لکيو آهي.

هن کي زرعي ماهر ڪري سڏيو اٿن وغيره وغيره.

بهادر خان جو وڏو فرزند خان بهادر دلمراد خان پنهنجي پيءُ جي حياتي ۾ ئي وڏي اثر وارو بڻيو. ميونسپالٽي جيڪب آباد جو صدر ۽ ضلع لوڪل بورڊ جو ناميارو ميمبر هو. هڪ دفعو ١٩٢١ع ۾ سائٽس چيئرمين شپ لاءِ ڏاڍو مقابلو ٿيو اُن زماني وٽس ڪو ڪامورو رهندو هو ۽ سڄو خرچ سندس ڪائيندوهو. سرڪاري طرح اُهو اداري جو ميمبر هو، اُن زماني ۾ خان بهادر جي مخالف اميدوار کان ٽيهہ هزار روپيہ وٺي ڪيس ووٽ ڏنو هيائين، اهو پهريون ڀيرو جيڪب آباد ۾ مثال ٿيو جو پئسا وٺي ڦري وڃڻ جو رواج پيدا ٿيو، سالن پڄاڻان، ڊسمبر ١٩٤٦ع ۾ صوبائي اليڪشن ۾ خان بهادر دلمراد خان جي فرزند خان صاحب سردار خان ڪامورن کي استعمال ڪري ووٽن جي ڳٽپ ۾ گهپلو ڪرائي مسلم ليگ جي اميدوارن خان صاحب سهراب خان سرڪي کان ١٦ ووٽ وڌيڪ ڏيکاري ڪاميابي حاصل ڪئي، سڄي سنڌ ۾ فقط اها سيٽ مسلم ليگ هٿان وئي، خان صاحب سهراب خان اليڪشن پٽيشن وڌي جيڪا 'جاندار' هئي پر ١٩٤٧ع ۾ ملڪ آزاد ٿيڻ سبب سموري ڪاروائي ختم ٿي وئي.

بهادر پور سرڪل ۾ سڄي ايراضي گهٽو ڪري ڪوسن جي زمينداري هيٺ هئي، اُن زماني جا ڪوسا مدرسن يا مڪتبن جا پڙهيا ڪونہ هيا، مگر مذهب کان بي خبر ڪونہ هيا، مدد پور، زنگي پور، بهادر پور، ڪوٽ جنگو ۾ اُن زماني نهايت عاليشان وڏيون مسجدون قبائين نموني جون ٺهيل هيون، اهڙين مسيتن جو ٺهڻ ٻڌائي ٿو تہ ڪوسا دين

جي خدمت ڪندڙ "مخير ماڻهو" هيا.


ڳوٺ ڪريم بخش ڪوسو جو احوال

بهادر پور سرڪل ۾ ڪوسن جي جاماڻي 'سردار خيل' پاڙي ۾ هيبت خان ٿي گذريو، جنهن جو قبو قادرپور ۾ آهي. اُن جي زمين ستر هزار جريب تعلقه ٺل ۽ ڪنڌ ڪوٽ ۾ هئي. مرجوده وقت ۾ سندس خاندان وٽ ست هزار ڪن جريب زمين وڃي رهي آهي، ڪريم بخش خان ڪوسو سندس فرزند، ڳوٺ ٻڌي اچي رهيو. ڪريم بخش ڳوٺ هڪ وسندڙ ۽ بازار پريل ڳوٺ آباد ٿيو. هندو تمام گهڻا اچي ڪاروبار ڪرڻ لڳا. ابتدائي دور ۾ ته سندن گهر به اتي هيا. انهيءَ ڳوٺ ۾ هندن پنهنجي "مڙهي" به ٺهرائي هئي جيڪا ڏاڍي سهڻي نموني ٺهيل هئي، سندس فرش ٽائيلس سان سينگاريل هئو، ۽ مُهاڙي ڪاشيءَ جي سرن سان سنواريل هئي، هندن جو وڏو اوج هو. ڳوٺ جا زميندار نيڪ نمازي ۽ حاجي هيا پڻ پڪا مسلمان به هيا تن انهيءَ هندو "زمين" ڪي اسلامي احڪامن موجب پورو پورو "تحفظ" فراهم ڪيو، ڳوٺ ڪريم بخش جا هندو گهڻو ڪري 'چتر' قلجي، ۽ ٻاگ جي طرف کان آيا هيا، بلوچستان جا باشنده هيا، سندن مٿي مائٽي به انهيءَ طرف هئي، "بروچڪي ڪلي" مان پاڻي پيئڻ سبب ڏاڍا "ڏنگا" هوندا هئا، ڪريم بخش ۾ جيڪو مشهور ڏاڙو ۱۹۳۴ع ۾ ڏاڙيل 'رحمان بروهي' هنيو اهو به هڪ هندو جي 'چرچ' ۽ 'ڏس پتي' تي لڳو هو. اپر سنڌ ۾ اهو پهريون واقعو ٿيو هو، اُن کان پوءِ ڀراڙي مان واپار ڪي هندو "سوڙهو" ڪرڻ لڳا. مان سنه ۱۹۳۸ع ۾ ڪريم بخش ڳوٺ پهريون ڀيرو ويو هوس، اُن وقت به هندو دڪاندار گهڻا ڏٺا هيم، 'فالودو' مَٽيءَ ۾ وڌل ۽ ٿڌو ٺيل فالودو به مون اتي کاڌو هو، اُن ڌاڙي کان پوءِ ڳوٺ جي حفاظت لاءِ باقاعده پوليس ٿاڻو به لڳو هو، پر جڏهن پاڪستان ٿيو ته واٺيا موٽي پنهنجي ماڳن ڏانهن هليا ويا، هاڻي به جيڪب آباد شهر جي هندن جون مائٽيون بلوچستان جي 'چتر' ، 'قلجي' ، ٻاگ ناڙي جي هندن سان آهن، هتان جو هندو بلوچستان جي ماحول سُبب عام هندو کان زياده دلير آهي.

ڪريم بخش ڳوٺ سڙڪ جي ڪناري آهي. قطب دوران، سيد العارفين حضرت 'حافظ الملت' حافظ محمد صديق عليه رحمت اُن وقت "پراڻي جنگو" کان 'نئين جنگو' انهيءَ سڙڪ سان ايندا ويندا هيا هڪ دفعي سوير اُن تي چڙهيون ڪريم بخش وٽان لنگهيا ته اُن وقت هڪ واڻيو به ڀراڙي جي دستور مطابق جهنگ جي خيال سان نڪتو وڃي رهيو هو ته حضرت صاحب تي 'ديد' پئجي ويس ۽ حضرت صاحب جي به 'نظر ڪيميا اثر' مٿس پئجي چڪي هئي، واڻيو ته حاجت پوري ڪري گڏون ۽ ڏنڊڻ" سان واپس وريو، سالن پُڄاڻان واڻيي جا 'آخري ڏينهن آيا' سڪرات سان ساهه هلڻ لڳس ته هندو ٻانيڻ ڪي وني آيا ته ڪيس رام رام چوائي، مهراج آيو، سڏ ڪرڻ لڳس ته پائي پڳنامل، رام رام چؤ، پائي جون اکيون بند هيون، گهڻي سڏن بعد اکيون کولي چوڻ لڳو ته "مهراج!رام رام ڪيئن چوان! هو "اُن وارو" بيٺو آهي، جيڪو چوي ٿو ته ڪلمو پڙهه، پائي مان ته اُن ڏينهن ڏسڻ سان ڪلمو پڙهيو هوم هاڻي به ڪلمو پڙهان پيو. "مرڻينگ مهتي" ڪلمو پڙهي پساهه پورا ڪيا.

نگاهه مرد مومن سے بدل جاتی هين تقديرين.

اها هئي مرد مومن جي نگاهه، جنهن ڪراڙ جي قسمت ئي ڦيرائي ڇڏي، ٺل علائقي ۾ پهريائين ذڪر فڪر جو دستور حضرت حافظ صاحب جن جي ذريعي پيدا ٿيو پوءِ سندن خليفن انهيءَ سلسلي کي گهڻو اڳتي وڌايو. ڪريم بخش ڳوٺ ۾ حضرت صاحب جن جي وصال بعد سندن خليفه اول حضرت مولانا تاج محمود امروٽي صاحب جي آمد رهي. اُن سان گڏ امام انقلاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌي صاحب به ايندو هو، ڪوٽ جنگو ۽ چوڪ جون عاليشان مسجدون ان زماني ۾ حضرت حافظ الملت سيد العارفين عليه رحمة جن جي ارشاد مطابق سندن خليفن ٺهرايون،



سائين جي. ايم. سيد، 'امين الملت' محمد امين کوسي جي مزار تي. برڪت علي آزاد، نظام الدين ڪوسو ۽ ارباب نور محمد پليجو ساڻس گڏ آهن (١٩٧٣ع)



ويٺل ساڄي کان ١. خان بهادر دلمراد خان کوسو ٢. محمد خان سپايو ٣. سردار نور محمد خان گولو ۴. سردار بهادر عبدالرحيم خان کوسو ۵. ڪمشنر سنڌ ٦. نامعلوم ٧. ايڇ. ٽي. ليمبرڪ ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد ٨. ميمبر لوڪل بورڊ ٩. سردار بهادر محمد بخش خان شيخ ڊپٽي ڪليڪٽر ڪنڌڪوٽ ١٠. هندو ميمبر ...... ١١. هندو ميمبر ......

بيٺل ١. نامعلوم ٢. خان صاحب سهراب خان سرڪي ٣. محمد حيات خان اُستو ۴. چمنومل ۵. نامعلوم ٦. نامعلوم ٧. آدم خان پنهور ٨. هندو ميمبر ٩. عبدالحڪيم خان شيخ

غالبا ١٨٩٥ع ۾ اهي مسجدون جڙي راسِ ٿي چڪيون هيون.

١٩٠٠ع جي شروع ٿيڻ کان پوءِ سياسي تحريڪون شروع ٿيون هيون، اول "خلافت تحريڪ" شروع ٿي پوءِ "هجرت تحريڪ" شروع ٿي. حضرت مولانا عبيدالله سنڌي صاحب غالبا ١٩١٣ع ۾ ڪابل روانو ٿي ويو، سندس سفر جي ابتدا ڳوٺ ڪريم بخش کان ٿي، حضرت امروٽي صاحب جي جماعت جا ڪي جوان سندس ساٿي بڻجي ڪيس بلوچستان کان سرحد ٽپائي وڃڻ ۾ مددگار ٿيا. ڪريم بخش ڳوٺ "بہ تحريڪ خلافت" ۽تحريڪ هجرت" جو مرڪز هو. ڪريم بخس خان پڙهيل "مُلان طبع" ، انسان هو، سندس فرزند محمد اسحاق خان پرچوندي شريف خانقاه وارو لباس پائيندوهو.

ڪريم بخش ڳوٺ حضرت مولانا امروٽي رحہ ۽ امام انقلاب حضرت سنڌي رحہ جي قدمن جو مرڪز هو. سندن 'انقلابي' ، 'اسلامي حريت' جي جوش سبب 'صحبتي ماڻهن' ۾ مُجاهدانہ جذبہ جاڳي پيا، منهنجو والد بزرگوار ۽ سندس چاچو حاجي عظيم خان 'تحريڪ هجرت' کان متاثر ٿي وطن ڇڏي ڪابل ڏانهن روانا ٿي ويا پر اُتي پناڻن جي' غير همدردانہ' ۽ 'ناروا سلوڪ' سبب مايوس ٿي موٽي آيا، حقيقت ۾ افغانستان جو فرمانروا اندروني طور انگريزن وٽ 'وڪاڻل' هو، اڳتي هلي هُو حضرت مولانا عبيدالله سنڌي لاءِ بہ ڏاڍو 'ڏنگو' ثابت ٿيو.

هن جوءِ ۾ حضرت حافظ الملت 'مالڪ جن' رحمت الله عليہ ڏاڍو فيض رسايو هو، ڪيترا ماڻهو 'ذڪر ۽ فڪر' جا مالڪ بڻيا، تمام جماعت جي ماڻهن ۾ بعد از مغرب ۽ تهجد وقت ذڪر جي تسبيح پوري ڪرڻ جو ذوق پيدا ٿيو. ڪيترن جي قلب مان ذڪر جو آواز نڪرندو هو، خليفو دلمراد ڪوسو انهن مان هڪ هن تر جو فقير هو. جنهن چوڪ جي جامع مسجد تيار ڪرائي، ان مسجد شريف لاءِ پاڪ بدن ۽ وضو، سان ڪچيون سرون وڏيون ويون، ذڪر الاهي سان ڪورو پچايائون ۽ ذڪر سان سرون ڪٽي مسجد شريف جي اوساري ڪيائون، اهڙي طريقي سان اها مسجد شريف جڙي راس ٿي، اج بہ سؤ سال گذرڻ بعد نئين نڪور ڏيکاءُ ڏيون بيني آهي.

طاب الله ثراه و جعل جنتہ مثواه

ڪوٽ جنگو جي مسجد وڏيرڪي پئسي سان جُڙي تہ اج تمام خستہ حالت ۾ آهي، حاجي محمد هارون صاحب جڏهين جيڪب آباد جو ڊپٽي ڪمشنر هو تہ هن مسجد سڳوري جي مرمت لاءِ ٻہ لک روپيا منظور ڪيا، پر ڪنهن ۾ بہ همت نہ ٿي جو اهي پيسا ڪتب آڻي خدا جي گهر جي مرمت ڪرائي، جنگو ڳوٺ مان جنگواڻي ڪوسا لڏي وڃي پنهنجن زمينن تي ڏار ڳوٺ ٻڌي وينا ان ڪري ڳوٺ جي وسند بہ ختم ٿي وئي،حضرت حافظ الملت رحہ جي دور ۾ اهو ڳوٺ تمام وڏو هو، سڀيئي جنگواڻي وڏيرا گڏ وينا هيا ۽ حضرت صاحب جن جا بہ 'قدم مبارڪ' جلدي جلدي گهمندا هئا.

ڪاملن جي قرب ۾ هدايت جي روشني آ.

حضرت حافظ الملت رحہ جي دؤر کان اڳ سنڌ ۾ طوائف الملوڪي جو دور هو، ٽالپرن جي دؤر حڪومت ۾ ئي انگريزن اچي پير کوڙيا، واپار جي بهاني سان سنڌ سڄي جي سُڄاڻ ڪري ويا. ڪمپني بهادر جي نالي سان واپار جو ڊونگ ڪيائون، شڪارپور ۾ تنهن زماني ۾ ٽن حڪومتن جا نمائندا رهندا هيا. ٽالپرن، دُرانين ۽ خان قلات جا نمائندا رهندا هيا.

١٨٣٤ع ڏاري ڪوسن جو سردار رحيم خان ڪوسو، ٽالپري گورنر سيد ڪاظم شاه سان گڏ ڪرڙي جي جنگ ۾ شهيد ٿيو. اڳي بہ ڪلهوڙا دؤر ۾ ميان غلام شاه، ڪوسن جي سردار جعفر خان کي شهيد ڪرايو هو، حاڪمن جي انهيءَ 'بي رُخي' سبب ڪوسا تمام 'بدظن' ٿيا، ۽ پاڻ کي غير محفوظ سمجهيائون، انگريزن بہ هتي اثر پيدا ڪيو.

سو.کوسن جي سردار قادر بخش خان انگريزن جو ساٿ ڏنو ۽ ساڻس تعاون ڪيو. ڪوسا اصل کان سياسي ۽ فوجي ماڻهو هيا، ٻڪرار يا ريدار قسم جا ماڻهو نہ هيا، نہ ڪي 'دز د لنگا' هيا، ڪيتي تي گذارو ڪندا هيا. انگريزن ڪين پنهنجي فوج لاءِ موزون سمجهي ڀرتي ڪيو. ڪوسا اهو سمجهي ويا هُيا نہ ڪي تالپورن جي حڪومت ۾ ڪودم خم آهي نڪي ڪابلي پناڻن وٽ پختگي آهي" نہ وري خان قلات جو هتي ڪو مضبوط قبضو آهي. انگريزن جا پير پختا ٿيندا وڃن ٿا. "آئنده واري سياسي طاقت انهن انگريزن وٽ اچڻي آهي، سو ڪوسا سردار ۽ سندس 'خيل' جي ماڻهن انگريزن وٽ فوج ۽ پوليس ۾ ڀرتي ٿي پنهنجي لاءِ تحفظ جو بندوبست ڪيو. ۱۸۳۴ع کان ۱۹۱۰ع تائين اهو سلسلو رهيو اُن بعد جڏهين حضرت مولانا امروٽي عليہ رحمت ۽ حضرت مولانا عبيد الله سنڌي عليہ رحمت، ڳوٺ ڪريم بخش اچڻ وڃڻ لڳا تہ سندن انقلابي اثر، ڪوسن جي جاماٽي خاندان مان "ولياٽي پاڙي" تي ڏاڍو ٿيو. اڳتي هلي خان محمد امين خان ڪوسي جهڙو انقلابي پيدا ٿيو، جنهن مولانا عبيدالله سنڌي رح جي جلاوطني ختم ڪرائي انگريزن جون پاڙون پٽڻ لاءِ جوڳو طريقو ڪيو.

حضرت سنڌي رح ۱۹۱۳ع ۾ ڪابل ويا ۽ غالباً مارچ ۱۹۳۹ع ۾ واپس وطن جا وڻ ڏٺائون ۽ ۱۹۴۴ع ۾ وفات ڪيائون. سنہ ۱۹۴۷ع ۾ انگريزن بہ هندستان مان پنهنجا ٽپڙ ٻڌا. انگريزن مولانا جي حڪمت عملي جي سٽ کانہ جهلي، نوي سالن اندر هندستان کي آزادي ڏنائون.

- مولانا جي مرقد تي انوار الاهي جاري وساري آهن.

پاڪستان ۾ هڪ دفعي جرمن مان ڪو وفد آيو هو اُن وفد جي هڪ ميمبر معلوم ڪيو تہ مولانا جي قبر ڪيس ڏيکاري وڃي. هو دين پور شريف پهچي مولانا جي قبر تي پنهنجي ٽوپي لاهي گهڻي دير تائين خاموش بيٺو رهيو. بعد ۾ اخباري دنيا تي واضع ڪيائين تہ هِن "مرقد نشين مجاهد" جا جرمني ملڪ تي وڏا احسان آهن. سندس ئي پروگرام تي عمل ڪرڻ سان جرمن قوم زنده رهي آهي.

ڪريم بخش ڳوٺ کان اُتر ۾ ڪوٺ جنگو جو احوال

ڪوسن جي بڪراٽي پاڙي جي جنگواٽي شاخ جو جنگو خان ڪوسو 'پراڻي جنگو' مان 'نئون جنگو' ڳوٺ ٻڌايو. جنتي هُن هڪ عاليشان مسجد جوڙائي جيڪا اڄ خستہ حالت ۾ ڪلر کاڌل بيٺي آهي. جنگو خان وڏو زميندار هو. آسوده حال هو. حضرت پرچوندي شريف وارن جي جماعت جو خادم هو. جماعت واسطي سندس ڳوٺ 'مرڪزي منزل' جي حيثيت رکندو هو. نئين دؤر ۾ جنگواٽين جا ڪي جوان ولايت پڙهي آيا پر سرڪاري عهدن تي ڪونہ اچي سگهيا، هينئر آبادڪاريءَ ۾ رڌل آهن. باقي جنگو خان جا 'پوٽا ۽ پڙپوٽا" ڊاڪتري ڏنڌو ڪن ٿا

ڪوٺ گل محمد جو احوال

ڪوسو پير بخش خان رٽائرڊ فوجي هو، سندس پٽ گل بيگ بہ فوجي هو. ديهہ ڪوٺ گل محمد ۾ ڪيس زمين ملي جنتي ڳوٺ ٻڌي ويٺو. هي طبع ۾ عجيب وغريب انسان هو. شڪارپور پرسان رهندڙ ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ هو. اُتان پنهنجي خاص طبع سبب لڏي آيو هو. سندس اها طبع جي تيزي هِن علائقي ۾ مشهور ٿي وئي هئي. ڪو ملندو هوس تہ ڪيس چوندو: "آئون اصل وينل شڪارپور جو آهيان تنهنڪري آئون چوزي جي ٻوڙ ڪارن مرچن ۾ چڙهيل ڪاوان پيو ڪجهہ نہ واپرايان، گهوڙو منهنجو جوئر جي داڻي ڪان سواءِ پيو ڪو داڻو ڪونہ چري." هر ڪنهن کي اول اهو ٻڌائي تنهن ڪان پوءِ پيو ڪو حال احوال ڪندو هو. ڏاڏو ميرحيات خان سندس پاٽيجو هو. ڪيس نار چاڙهڻ لاءِ لٺ جي ضرورت ٿي. جيڪو ڪندي جي وڻ جو ٿيندو آهي. هُن پنهنجي خاص ماڻهو محمود سرڪي کي چيو تہ گل بيگ خان

کان وجي وڻ وٺي اچ، محمود سرڪي کي ته گل بيگ خان جي خبر هئي. مير صاحب کي چيائين ته اهو گل بيگ ’شوم ماڻهو ۽ بد مغز آهي، وڻ وڍڻ ڪونه ڇڏيندو، پر تنهنجي حڪم سان وڃان ٿو. گل بيگ خان قاصد جي وڏي آدر ڀاءُ ڪئي پر وڻ وڍڻ ڪونه ڏنائينس. چي: ”منهنجا وڻ ڪي ’دستگير‘ بادشاه جي نالي ٿيل آهن ڪي ’پنج تن پاڪن‘ جي نالي ته ڪي ’چئن يارن‘ جي نالي ته ڪي ’گاجي شاهه‘ جي حوالي، سو مير صاحب کي وڃي عرض ڪر ته مان لاچار آهيان جو سڀيئي وڻ وقف ڪري ڇڏيل آهن.“ اهڙو هو گل بيگ خان، اڄ سندس وڻ ته پنهنجي جاءِ پر سندس اولاد مان به ڪو هڪڙو اتي وينل ڪو نه آهي. جايون، زمين غير آباد آهن. ڪنهن زماني ۾ ديهه ڪوٺ گل محمد جون ’سڳداسي ساريون‘ مشهور هيون. هن وقت ساڳي سر زمين لئين جي لاڪڙ واري جهنگ جي حالت ۾ آهي. ڪنڌين جي وٽن کي به سم ۽ سيلاب سُڪائي ڇڏيو آهي. گل بيگ خان جي پاڙي وارا ڪوسا عموماً پنهنجا جملي بدني وار ڪونه ڪوڙائيندا هُيا. سڪن وانگر سندن تمام وار وڌيل رهندا هُيا. انهيءَ خاندان جي پراڻي ماڻهن مان هڪ گروپ فوٽو منهنجي آرٽ هال ۾ لڳل آهي. جن جي تصويرن ۾ به وارن وڌن هُجڻ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. گل بيگ خان پنهنجا فوجي لانگ بوٽ به حفاظت سان سنڀاريون وينو هو. سڄي عمر اُن کي چمڪايون ۽ ڍڪيون رکيون آيو. اويل سويل ڪاڍي ويندو هو ته اول گهوڙي تي چڙهي پوءِ اهي بوٽ پائي ويندو هو ۽ وري گهوڙي لهڻ کان اول ’لانگ بوٽ‘ لاهي پوءِ لهندو هو. فوجي وردي وارو ڪوٽ به منهن جي ٿوٽي سان ڪلو هٽي ٽنگي ڇڏيائين. اهي ٻئي نشانيون ’فخريه‘ ماڻهن کي ڏيکاريندو هو. گل بيگ خان پنهنجي وارو وڃائي ويو. سندس پويون نسل هينئر ٺل شهر ۾ مزدوري ڪندو آهي. ڪي نوجوان پڙهي به پيا. پر ڏاڙهي مُڇان چٽ، پروان شاهه بڄايون‘ جهڙا ڏسبا آهن. انهيءَ خاندان جي ’مرحياتن‘ تي خُدا جون رحمتون هجن. مرندي مري ويا پر پنهنجي طبعي عادتن کي ڪڏهين به تبديل ڪونه ڪيائون.

پيارو خان ڪوسو جي ڳوٺ جو احوال

گاجي شاهه بادشاه جي مُقام تي هڪ چوڪندي نهيل آهي جنهن کي گنبذ ڪونهي. قبر جيڪا آهي سا پيارو خان ڪوسي جي آهي، جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو سخي ٿي گذريو. خبر ناهي ته هن پياري خان جو ان سان ڪو خانداني تعلق آهي يانه، عموماً بروچ قوم جا نالا وڏن جي نالي سان رکبا آهن. بهرحال هن ڳوٺ جو باني پيارو خان ڪوسو، دريائي پاڙي جو چڱو مڙس هو. ڪٿان آيو؟ تنهن جي ڄاڻ ڪانه ملي آهي. پياري خان ڳوٺ ۾ هڪ دريائي ڪوسو، جُدا ’مسيت‘ ناهيون وينو هو. نالو هوس مولوي عبدالرزاق صاحب پر عام ماڻهو ڪيس ’مُلان طوطاخور‘ چوندا هُيا. هن طوطو پکي حلال ڪري کائڻ شروع ڪيو هو اُن ڪري ماڻهن اهو نالو رکيس. هي به هڪ عجيب ’وضع قطع‘ جو مُلان هو، پٽڪو وڏو پيراڻي نموني سان ٻڌي وڏي ڏگهي لٺ هٿ ۾ رکي هلندو هو. سفر گهٽو ڪري گهوڙي تي ڪندو هو. اسان وٽ به سالن ۾ ٿي چار پيرا ڏيندو هو. پنهنجي ’وهٽ‘ کي ’طنبيلي‘ ۾ ٻڌي سَنج لاهي ’هٿيڪا‘ ڪري گاهه وغيره وجهي آرام سان اچي اوطاق ۾ پهچندو. اول ته اوطاق ۾ رکيل چانهه جو سامان هٿ ڪري چانهه پاڻ ناهي پلٿي ماري نهايت ’استغراق‘ واري حالت ۾ ويهي چانهه جا چُسڪا پريندو هو. ڪلاڪ کن ۾ چار پنج پيااليون انهيءَ استغراقي حالت ۾ ويني پي ويندو هو. پوءِ ٿانوءَ ساڳي الماڙي ۾ رکي، دلجاءِ سان اچي ڪٽ تي ويهندو. پٽڪو لاهي پاوي سان رکي لٺ پاسي سان اُڀي ڪري ڇڏيندو، ڏينهن به ٽڪي وري واپس ورندو هو. ماني وغيره لاءِ گُهر ڪونه ڪندو هو. ڪنهن آٽي ڏنس ته کائي وٺندو، پوءِ اها جهڙي قسم جي به هُجي هي بسم الله ڪري وٺندو ۽ الله جي نعمت سمجهي تناول ڪندو هو. چانهه جو شوقين هو. چانهه جو سامان اوطاق ۾ هميشه جهجهي مقدار ۾ موجود هوندو هو. سو مولوي صاحب اُن لاءِ ڪنهن کي تڪليف ۾ ڪونه وجهندو هو. پاڻ ناهي پاڻ استعمال ڪندو هو. ’خيرات‘ يا

'نذرانو' بہ ڪونہ وٺندو هو. نہ ڪي مدرسي جي بهاني چندي لاءِ رسيد بوڪ ساڻ ڪنيون ايندو هو. هڪ الله لوڪ انسان هو. نہ ڪنهن جي پچار ۾ نہ ڪنهن جي پُڇاءُ ۾ بس پنهنجي استغراقي ڪيفيت ۾ هوندو هو. انهيءَ قسم جا مولوي هينئر ڪٿي آهن، اهڙن جي اٿاٽ ٿي وئي آهي. انهيءَ ماحول ۾ اڪين اڳيان انهيءَ معصوم مولوي جو نقشو اچي ويندو آهي تہ پياري ڳوٺ جي ياد تازه ٿي ويندي آهي، اُتي اهو مسڪين، نماڻو، لٺ هٿ ۾ ڪنيل مولوي پنهنجي مسجد اندر بيٺل تصوراتي دنيا ۾ جلوه نما پيو ڏسبو.

خدا رحمت کند این عاشقانِ پاک طبنت را

پنگرن جي ڳوٺن جا احوال

پنگرقوم جي زمينداري ٻن ٽن ديهن ۾ هوندي هئي. سندن وڏا ڳوٺ شير خان پنگر، نصير خان پنگر ۽ ڪريم ڏنو خان پنگر جي نالن سان هُيا. پنگر وڏيرن جا اسان جي خاندان سان دوستانہ رستا هُيا. دريا خان پنگر ابي مرحوم جي تمام ويهجي دوستن مان هو. ابو مرحوم هجرت ڪرڻ وقت پنهنجي ٻني دريا خان پنگر کي وڪرو ڪري ڏني هئي. جڏهين اهو سفرثاب نہ ٿيو تہ دريا خان وڏي خوشي سان زمين موٽائي ڏني هئي. هڪ دفعي بيمار ٿيو تہ پاڻ کي ڪل چاڙهيائين تہ ڪنهن اچي ٻڌايس: "تنهنجو يار عبدالعزيز خان ڏاڍو بيمار آهي" . دريا خان اهو ٻڌي اُن مهل بيل گاڏي گهرائي اُن ۾ چڙهي سوڙ ويڙهي راتو واه عزيز آباد اچي پهتو، ابي کي چيائين تہ جڏهين تنهنجي بيماري جو ٻڌم تہ بي چين ٿي پيس سو ڪل لاهڻ تائين بہ ترسي نہ سگهيس. اها هئي سچي دوستي جنهن هن قسم جي ادائيگي ڪرائي، دريا خان مون ڪونہ ڏٺو باقي سندس ڀاءُ حاجي ڪريم ڏني خان کي مون چڱي طرح ڏٺو، نهايت نفيس، نهايت شريف الطبع انسان هو. حضرت پير سائين شيخ عبدالرحمان صاحب رحمتہ الله عليه فرمائيندا هُيا تہ هن زماني ۾ 'جنتي ماڻهو' ڏسڻو هُجيوَ تہ حاجي ڪريم ڏنو خان اُن جو نمونو آهي، حاجي صاحب سفيد رريش، ڊگهن وارن سان ۽ سفيد لباس وارو انسان هو. هُو اونهاري سياري صدري مٿان ڪوٽ پائي پوءِ ٻاهر سفر تي نڪرندو هو. اونهاري ۾ سرد صدري ڪوٽ ۽ سياري ۾ گرم پائڻ جو اهتمام ڪندو هو. عموماً ٽانگي تي سفر ڪندو هو. هڪ بہ اردلي ساڻ ڪڻندو هو. اسان وٽ سال ۾ چار پنج 'پيرا' ضرور ڏيندو هو. ابي ۽ چاچي جي وفات وقت پريان شاخ ڪان رڙيون ڪندو رئندو آيو هو. انهن جي وفات کان پوءِ جيستائين اٺڻ ويهڻ جهڙو هو، تيستائين اسان وٽ ايندو رهيو. هن اشراف، دوستيءَ جي ان دستور کي توڙ تائين نباهيو. دريا خان پنگر ۽ حاجي ڪريم ڏنو خان پنگر جهڙا وضع دار ۽ وفادار انسان هينئر ڳولي بہ نٿا لڀن

ڪڏون ٿيون خالي هنج نہ رهيو هيڪڙو

سپايو ڳوٺ

مصري پور سرڪل جي ديهہ فتح خان سپايو ۾ اهو سپاين جو ڳوٺ هو. سڄي ديهہ جي زمين فتح خان سپايو جي ڪاتي هئي. سندس فرزند محمد خان سپايو ضلع جيڪب آباد جو مشهور ماڻهو ٿي گذريو. هُو جيڪب آباد جي اولهہ ۾ ڳڙهي سپايو نالي هڪ پاڙي ۾ پنهنجي جُدا بينڪ ٻڌائي هئي. ميونسپالٽي جيڪب آباد جو 'شان دار' پريزيڊنٽ ٿي رهيو، جيڪب آباد ۾ 'چوڃاڪي بگي، پهرين هن آندي. عرصہ بعد اوستي عنايت الله خان بہ سندس تقليد ۾ اهڙي بگي ورتي هئي. خدا جي قدرت محمد خان جي وفات کان پوءِ نہ ديهہ فتح خان واري ٻني نہ ڳڙهي سپايو محلي جون جايون سندس اولاد وٽ رهيون.

پدرم سلطان بود ولیکن خود محتاج شودم

سبحان! رب ذوالجلال والڪرام. شل رحم ڪري، ٻندو بي وس آهي.

پنگرن ۽ سپائي 'وستين' کان پوءِ 'ملوئي محمد رحيم جي' هوندي هئي. اُن جو زميندار حاجي محمد رحيم خان ڪوسو، تر جو 'برجستو' ۽ اثرائتو زميندار ٿي گذريو. جڙوءِ جي هر 'ٻڌي چوڙيءَ' ۾ ڪافي دست رس هُيس.

محمد رحيم خان پنهنجي واري وچايون ويو. هاڻي سندس پوين جو ڪو نالو ئي اِن طرف ڪونهي. 'ملوئي محمد رحيم واري' جو نالو ڦري هاڻي 'ملوئي جکراڻين جي' ٿي پيو آهي. زماني جي ڦيرن جو اثر آهي ورنہ جکراڻين جو سردار دوست محمد خان ان زماني اتي رهندو هو. پر نالو نشان ۽ دٻدٻو محمد رحيم خان ڪوسي جو هوندو هو.

سنهڙي بنگلو جو احوال

ملوئي محمد رحيم خان کان ۴ ميل پري شاهي واه جي ۴۴ ميل تي ايري گيشن وارن جو عاليشان بنگلو نهيل هو. اتي سياري جي مند ۾ انگريز عملدار بہ ٽي ڏينهن 'منزل انداز' ٿيندا هُيا. بنگلي جو ماحول پرسڪون هوندو هو اتي آفيسرن کي ڏاڍو آرام ايندو هو. انهيءَ آرام ده ماحول سبب عموماً انگريز ڊپٽي ڪمشنر هن بنگلي تي ايندا هُيا، آرام وٺڻ سان گڏ علائقي جي حال احوال کان بہ واقفيت وٺندا هُيا. هڪ دفعي جيڪب آباد جو انگريز ڊپٽي ڪمشنر مسٽر بڊ صاحب اتي منزل انداز ٿيو تہ منهنجو چاچو وٽس ملڻ ويو. ان زماني 'امين الملت' کي انگريز حڪومت سکر ۾ نظر بند رکيو هو. بڊ صاحب چاچي جي وڏي عزت ڪئي ڪانئس همدردي سان حال احوال ورتا ۽ دلداري ڏني، هُن چيو: "مسٽر ڪوسو سياسي ماڻهو آهي ۽ انگريز حڪومت جي خلاف آهي، سو مجبورن ڪيس سياسي سلوڪ هيٺ رکيو اٿئون. ڪيس ٻي ڪا تڪليف ڪانهي، باقي سندس خاندان کي ڪو الڪو نہ ٿئي. اسان هر خدمت لاءِ تيار آهيون. هٿيارن جا ليسن ڪپن تہ ڏيون، ڍل جي معافي ڪپي سا بہ ڏينداسون." وغيره وغيره. مطلب تہ چاچي کي دلاسن سان مطمئن ڪري ڇڏيائين. آزادي کان پوءِ هڪ مسلمان ڊپٽي ڪمشنر مسٽر عبدالرحيم عقيلي صاحب بہ اچي انهيءَ بنگلي ۾ ٽي ڏينهن منزل ڪئي. آئون ساڻس ملڻ ويس. بنگلي جي پرسڪون فضا ۾ اڪيلو ورانڊي ۾ آرام ڪرسي تي ويٺو هو. سنڌي نموني خوش خيرعافيت ڪيائين، ماحول جي: "سُڪون کان ڏاڍو متاثر هيو، چي ماحول جي مانائي مان مزو اچي پيو، دل ٿي چاهي تہ هتي ڪجهہ وقت زياده رهجي" مون سان ڪچهري تہ چڱي ڪيائين پر انگريز جي برعڪس اهو چئي موڪل ڏنائين تہ ڍلون ڇو نہ ٿا ڏيو!

اهو بہ وقت هو جو آفيسر سنهڙي بنگلي تي اچي آرام وٺندا هيا. ڪين سڪون ملندو هو. هاڻي شاهي واه گويا 'سرحدي حد' آهي. ان کان ٻاهر ڄڻ تہ دشمن ملڪ آهي، جتان هروقت حملي جو خطرو آهي. انگريزن جي وقت ۾ بہ ان طرف مري ۽ بگٽي قبيلن جي ڦورو ماڻهن جو خطرو هوندو هو. پر انگريزن جي 'حڪمت عملي' ۽ انتظام جي پختگيءَ سان امن لاءِ 'خاطر خواه' بندوبست ٿيل هوندو هو. انگريز پنهنجي مدمر سوڌو گهوڙن تي چڙهي بنا 'باڊي گارڊ' جي شاهي واه جي 'انسپيڪشن پاٿ' سان هلندا نظر ايندا هُيا. انگريزن انهيءَ شاهي واه جي ۷-۱۹-۲۷-۲۹-۴۴ ميل ۽ ۵۲ ميل تي عاليشان وڏا انسپيڪشن بنگلا نهرايا هُيا. تاڪ سنڌ - بلوچستان جي سرحد تي انتظامي لحاظ کان ايندڙ عملدار اتي اچي آرام وٺن ۽ انتظامي ڪاروائين جي نگراني ڪن، هينئر انهن بنگلن جا فقط نشان باقي آهن، الله لوڪ انسانن دريون، دروازا، گارڊر، ٽي آر پٽي وڃي پنهنجا آستانہ نهرايا. هاڻي ٻيا عملدار تہ پنهنجي جاءِ پر 'آب پاشي' جا آفيسر بہ ڪونہ گهمندا آهن، پل شاهي واه کي ڪنڌ پون.

سنهڙي بنگلي کان اوريان هڪ ڳوٺ آهي جنهن جو نالو ڳوٺ باهو ڪوسو آهي. اتي ايامن کان ديره جات، کان تاجو خان، ڪوسو ٻٽجي هن تر ۾ آيو ديهہ ۾ ڳوٺ ٻڌي ويٺو، ڪوسن سان مٽي مائٽي ڪيائين، هُن جو پُٽ باهو خان درويش انسان هو. هُن جيئري ئي پنهنجي قبر نهرائي. جنهن ۾ هو هر صُبح جو ويهي ڪلام الاهي جي تلاوت ڪندو هو. هُن کي نرينہ اولاد ڪونہ ٿيو. تازو ۱۹۹۴ع ۾ باهو ڳوٺ ۾ سيلابي پاڻي آيو. پر اُن ٽُڪري تي پاڻي ڪونہ چڙهيو جتي باهو خان جي قبر هئي ۽ سندس گهر هو. حالانڪ پاڻي 'مڙسئون تار' آيو هو. وڏا وڏا ڏڙا ٻوڙي رکيائين پر هن درويش جي قبر سيلاب کان محفوظ رهي. ٻن هفتن تائين پاڻي هلندو رهيو پر درويش جي جاءِ تان رخ ئي ڦيرائي ڇڏيائين، باهو خان، درويش ۽ سخي انسان هو سو اڄ بہ هن افراتفري واري دؤر ۾ باهو ڳوٺ جي بازار برسيل آهي، جوءِ جو مرڪز بڻيل آهي. آئون سڄا سارا ويهہ سال يونين ڪونسل جو چيئرمين ٿي رهيس. هن درويش جي ڳوٺ ۾

گهٽيون پکيون ڪرايم. واٽر سپلاءِ، هاءِ اسڪول، اسپتال، منظور ڪرايم، ڳوٺ ڪي چڱي رؤنق ۾ آندم، ڪجھ وقت اهي ادارا ڏاڍا چڱا فاعده مند هليا. هينئر اسپتال ۾ ٽاٽو. واٽر سپلاءِ جا موٽر گم، ٽيليفون جون تارون ڪپجي ويون، بئنڪ بند ٿي وئي. انهن 'تعدين' هوندي درويش جو ڳوٺ اڃان آباد آهي سندس بازار پئي هلي، اهو سڀڪجھ باهو خان جي ڪرامت سبب آهي.

درگاهي جکراڻي جو ڳوٺ

ڊسمبر ۱۹۴۶ع ۾ جيڪا صوبائي اليڪشن ٿي هئي. تنهن ۾ اسان جي پِٽي جي پولنگ اسٽيشن درگاهي ڳوٺ ۾ ٿي هئي. اسان ڳوٺان بيل گاڏيءَ تي رات جو روانا ٿيا سون ۽ ڏينهن جو پهچي ووٽ ڏنوسون. اها اليڪشن مشهور هئي، جنهن ۾ سڄي سنڌ مان فقط هِن ٽڪ تان مسلم ليگ هارايو هو. وڏيرو درگاهي خان جکراڻي منهنجي والد جو دوست هو. هو 'پلين گهوڙين جو رکندڙ هو. هڪ اڌ گهوڙي والد صاحب سان ٻه شريڪ هُيس، اُن زماني ساريال پوک فقط درگاهي خان.وٽ ٿيندي هئي. پاڻي جو دارو مدار درياه جي لاهه چاڙهه تي هوندو هو. درگاهي خان جون زمينون شاهي واه جي ڪڇ ۾ هيون ۽ تمام هيٺاهين ۾ هيون سو ساريون پڇي ويندڙيون هُيون. اِن طرف ڪتارا قسم جون بسون' هلنديون آهن، جيڪي رات جو درگاهي ڳوٺ ۾ بيهنديون آهن. سوارين جي سهوليت سان گڏ 'لُچ، لنب' قسم جا ماڻهو ٻه انهن تي چڙهي واٽ تي ڪا واردات ڪري وري ٻي ورندڙ بس تي چڙهي واپس ٿي شاهي واه ٽپي ويندا آهي، سنڌ جي پوليس ڪي مجال ناهي جو شاهي واه ٽپي بلوچستان حد ۾ وڃي سگهي.

گامڻ سندراڻي ڳوٺ

ديهه ٻاڙي ٻه قديمي ٻڌل آهي. هن ۾ تمام پراڻي زماني جا قبا ٻه ٺهيل آهن. انگريزن ڪان اڳ جو ڳوٺ آهي گلاب خان سندراڻي بگٽي قوم مان هو. شايد ڪيس خان قلات ڪان اها ايراضي مليل هئي جو سندس وفات ڪان پوءِ سندس قبر تي قبو ٺرايل آهي. قبو تمام قديمي پيو نظر اچي. جديد زماني ۾ ٻه قبرن تي وڏو 'سائبان' ٺهيل هيو. تازو و وهابيت جي لهر اچڻ سبب ڳوٺ جي وڏي اهو 'سائبان' پٽائي لوهه گاردر ۽ سرن سان پنهنجي اوطاق ٺرائي چڏي. زماني گذرڻ بعد ٻه گامڻ ڳوٺ جو قبو تمام پري ڪان نظارو ڏيندو رهي ٿو. صدر ايوب خان جي دؤر حڪومت ۾ بگٽين جي تخريب ڪارين سبب گامڻ ڳوٺ وارن تي ٻه سختي ٿي پر وقت جي ڪمشنر جو مون تي اعتبار هو. مون ڪيس ٻڌايو ته هي سندراڻي بگٽين ڪان الڳ آهن هي هنان جا اشراف زميندار آهن بلوچستان وارن بگٽين سان سندن ڪنهن ٻه قسم جو واسطو ڪونهي نه انهن جا هم صلاح آهن نه هم پيشه نه هم آواز آهن سوهنن تعلقه ٺل جي سندراڻين تي سختي نه ڪئي وڃي. ڪمشنر صاحب منهنجي ڳالهه مڃي، هنن غريبن تان ڏولاوا لهي ويا. هي بگٽي، ڪنهن زماني ۾ وڏا زميندار هُيا، هينئر اولاد جي گهڻائي سبب ڏاڍا ڏکيا آهن، وينر سمَ جي ڪري سندن زمينون آباديون ڏيڻ ڪان جواب ڏيون بيٺيون آهن، وقت تي وٽن پاڻي ٻه ڪونه ٿو پهچي، سو زمينون بيڪار ٿي ويون اٿن.

ڳوٺ خدا بخش لُغاري جو احوال

اُنڙ واه ريلوي اسٽيشن پرسان خدا بخش خان جو ڳوٺ انگريزن ڪان اڳ جو آهي، منهنجي ڏاڏي جا ڪڙيا فال راڄ واه تان ٻنهي پاسي انهيءَ ڳوٺ وٽان نڪتل هُيا. خدا بخش خان ۽ واحد بخش خان ڏاڏي جا پاڙيسري دوست هُيا. خدا بخش خان جو پُٽ هيئبت خان وڏو هوشيار ۽ چاٽو ماڻهو هو. تنهن پنهنجا ٻار پڙهايا اُن وقت ڳوٺ ۾ مسلم اسڪول هو. جنهن ۾ قابل استاد هُيا. جن شاگردن ڪي پڙهائي پختو ڪيو هيئبت خان ڪان پوءِ سندس پٽ خدا بخش خان وڏو محنتي آهي. هن سموري خاندان ڪي تعليم يافته بڻايو، هينئر ڳوٺ جا سمورا ماڻهو (عورت خواه مرد) سڀ پڙهيل ۽ نوڪرين ۾ آهن. مون پنهنجي چيئرميني واري دؤر ۾ هن ڳوٺ ڪي ڪافي مدد ڪئي. هاءِ اسڪول تائين ڪولائي ڏنم، انهيءَ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن مان فقط منهنجا ٻه ڇوڪرا ناپاس ڪرايائون. زمانو ائين چوي ٿو ۽ ائين سيڪاري ٿو ته نيڪي جو صلِو نه ملٽو هوندو آهي. ڪم از ڪم انسان مان اِها اميد ڪرڻ اجائي آهي.

گُلِ نوءِ اُميد کوکيا خبر چوهلاڪتين جو قباحتين
دل ناتوان پرگذر گئين خزان سي فصل بهار تک.
’وقت جون پچارون‘ وسرنديون ڪونہ آهن، ڪڏهين نہ ڪڏهين اهي داستان ماضي دهرائجي وينداآهن.

باغ فردوس:

’باغِ فِردوس‘ انهيءَ ڳوٺ جي عين سامهون شاخ اوريان هوندو هو. محمد شفيع شجّري نالي هڪ بگتي هو جنهن، ڪو وقت افغانستان ۽ ايران ۾ گذاريو هو. پارسي ٻولي اُتان سِکي آيو هو. شجري جو اکر بہ پاڻ تي اُتان لڳايون آيو. عام طرح ’آغا شجّري‘ سڏيندا هُيس، وڏو داناءُ انسان هو. ايران ۽ افغان جون عجيب ڪهاڻيون بيان ڪندو هو. هُو چوندو هو تہ ڪيس ٻنهي ملڪن ۾ ڏاڍا تلخ تجربا ٿيا هيا. اُتان جو هڪ مثال ڏيندو هو تہ بس جنهن اڏي تان هلندي هئي تہ اول بس اندر وينل ماڻهن کان پوليس وارا زوري ڏنديون هٽي پيسا وصل ڪري پوءِ بس روانہ ٿيڻ جي اجازت ڏيندا هُيا. چي: ”هينئر ’خيرانہ‘ ادا ڪيو اٿو سو خيرَ سان روانا ٿيو“ وري ٻي ڪنهن اسٽاپ تي بس پهچندي تہ اتي بہ پوليس وارا چڙهي، ايندا تہ ’خيرانہ‘ ڏيو. اوهان جي بس جاءِ روانگي کان هن اسٽاپ تائين ’خير سان‘ پهتي آهي سو ’خيرانہ‘ ڏيو. اهڙي طرح منزل مقصود تائين پهچندي پهچندي مسافرن کي ڪيترن جاين تي ’خيرانہ‘ ڏيڻو پوندو هو. شجري انهيءَ اسلامي مُلڪن ۾ ڪيترا سال رهي بس شوفري ڪئي. جڏهين سالن پڇاڻان وطن وريو تہ هتي ڪانگريس ۽ سوراج جو شور شروع ٿي چڪو هو. ’امين ملت‘ بہ اُن وقت ڪامريڊ هو. هي بہ اچڻ سان ’امين ملت‘ جو سنگتي بڻيو. ’ٽوپلو‘ لاهي گانڌي ٽوپي‘ پائڻ لڳو.



محمد شفيع شجري

هن کي باغ تيار ڪرڻ جو شوق هو سو ’امين ملت‘ کيس پنهنجي ڪڙين جي ڪناري تي هڪ ڪوه ڪٽائي ڏنو ۽ زمين باغ لاءِ منظور ڪرائي ڏني. ڪوه جو ’افتتاحي ڪوڏر لپو“ حضرت پير شيخ عبدالرحمان صاحب پرچوندي شريف

واري اچي هنيو. بلوچي زبان جو مشهور شاعر 'جوانسال فقير' پرچوندي شريف جي درگاهہ جو فقير هو ۽ شجّري جو ماٿيلو پاءُ هو. شجّري هتي بہ ڪُجهہ وقت نواب محراب خان بگٽي ۽ سردار شير محمد خان بجاراڻي جي ڊرائيوري بہ ڪئي هئي. وڏو داناءُ ماڻهو هو. دلچسپ گفتگو ڪرڻ جو ماهر هو. وقت جي گهرج مطابق گفتگو ڪندو هو. هتان جي وڏن ماڻهن جي خانگي زندگي بابت وڏي ڄاڻ رکندو هو. هي بہ پرچوندي شريف جو فقير هو. حضرت شيخ ثاني حافظ عبدالله رحمت الله عليه جو دست بيعت هو. هي بهادر ۽ دانا ماڻهو آخرين وقت ڪنهن ظالم جي ظلم کان ڏاڍو متاثر ٿي عليل ٿي پيو. هڪ رات ڪنڌڪوٽ ۾ انهيءَ زخمي دل هلڻ کان جواب ڏنو، سندس جسد کي صُبح جو ڪانگريس جي جوانن ٽرين ۾ ڪٽي گهر پيڙو ڪيو جتان ڪيس بگٽي علائقي جي قبائلي قبرستان 'ڪٽڻ' ۾ وڃي دفن ڪيائون. سندس مرڻ پڄاڻان بہ انهيءَ ظالم سندس روح کي تڙپائڻ ۾ ڪين گهٽايو 'بي ترس' کي تہ جيترو بہ ترس ڪونہ آيو. شجري جي روح کي تہ ضرور تاءُ آيو هوندو پر پوين مٿن مائٽن جي دلين ۾ بہ گهاوَ پئجي ويا هيا.

ڳڙهي حسن سرڪي جو ڳوٺ

هي ڳوٺ جعفرآباد-جيڪب آباد ويندڙ سڙڪ ڪناري آهي. اوائلي فوجي ڪئيمپ 'ڏوڙ' جي نزديڪ ٻڌو هئائون. ٿل جا اصلي باشنده سرڪي آهن. وڏي زميندار هُين. هينئر بہ سرڪين وٽ اوائلي ايراضي موجود آهي. هِن ڳوٺ جو وڏيرو، صاحب ڏنو خان هو ۽ عودي جو وڏيرو عبدالرحمان خان هو. صاحب ڏني خان سرڪي جي منهنجي ڏاڏي صوبيدار امين خان سان گهاٽي دوستي هئي. ڏاڏي سائين جي چوڻ تي هُن مهر علي خان ڪوسي کي پنهنجي زمين مان واهہ ڪڍڻ جي اجازت ڏني جيڪا ٣ ڪلوميٽر هن سخي مرد جي زمين مان نڪتل آهي، وقت جي دستور موجب هُن ڪو عيوضو وغيره بہ ڪونہ ورتو هو. اڄ ڪلهہ بہ اهو واهو اتان وهي رهيو آهي. سرڪين جا وڏا ٻروچن وانگر ڏاڙهين ۽ وڏن وارن سان هوندا هُيا، بلوچ اسٽيٽ ۾ وڏا زميندار هُيا ڪين ڊل جي اڳاڙڻ تي ڪجهہ رقم بہ ملندي هئي. سرڪي وڏيرن، ڳڙهي ۽ عودي ۾ شڪارپور جي مشهور عالم سومرا خاندان مان چونڊ عالم آڻي مسجدون آباد ڪرايون. مشهور مولوي نبي بخش صاحب، عودي ۾ ۽ سندس فرزند مولوي شير محمد صاحب، ڳڙهي ۾ درس ڏيندا هُيا. انهن عالمن جي ادب ڪرڻ ۾ سرڪي ڪا ڪوتاهي ڪونہ ڪندا هُيا نڪي سندن مزاج خلاف ڪو ڪم ڪندا هيا،

سنڌ ۾ لوڪل ادارا وجود ۾ آيا تہ منهنجي والد، خان صاحب سهراب خان کي تعلقہ چيرمين بڻائڻ ۾ مدد ڪئي، سهراب خان سان اَبي مرحوم، وڏن جي دوستي سانگي ساٿ ڏنو،جڏهين آزاد سنڌ جي پهرين ضوبائي اليڪشن ٿي تہ ابي مرحوم، خان صاحب سهراب خان جو ساٿ ڏنو،ابو مرحوم پُراڻي دوستي ۽ تعلقاتن نڀائڻ جو ڏاڍو خيال رکندڙ هو، ڳڙهي حسن ۾ هن دور جون سڀ سهولتون موجود آهن، پُراڻي دور جي زميندارن مان هن وقت فقط سرڪي 'ساهہ پريا' زميندار آهن، باقي هرڪو 'ٻاري وال' ٿي ويوآهي.

پتاڳڙهي

پتا ڳڙهي بہ ڪنهن زماني ۾ ڏاڍو وڏو ڳوٺ هو. پتا وڏا وڏيرا هوندا هُيا. هاڻي ڳوٺ بلڪل ويران ٿي ويو آهي. فقط مسجد شريف آهي جنهن جي مرمت ڪو الله جو بندو ڪرائيندو آهي اُن سبب بيٺي آهي. ڳوٺ جو اندازو هن وقت اُن جي قبرستان مان ڪري سگهجي ٿو. تمام وڏو قبرستان آهي. ڳڙهي رحيم داد جا پتا وڏيرا، ڏاڍا عياش هُيا. شراب ۽ شباب ۾ ٻنيون ڪپائي ڇڏيائون. پٽن جون زمينون تعلقہ ڳڙهي خيرو، تعلقہ جيڪب آباد، تعلقہ ٿل ۽ تعلقہ ڪشمور ۾ هُيون. انهن مان فقط ٿل تعلقہ جون زمينداريون ختم ٿيون. ڪشمور جي ڪڇي جو زميندار حاجي بلند خان پتو مشهور ٿي گذريو آهي. هينئر بہ سندس پويان سڪيا ستابا ۽ اثرائتا آهن. حاجي بلند خان جي منهنجي چا-ي

حاجي محمود خان سان دوستي هئي سو مون حاجي صاحب جي زيارت ڪئي. حاجي صاحب عجيب طبع ۽ ضرورت کان وڌيڪ محتاط، ڪفايت شعار انسان هو. هڪ دفعي پاءُ کي فقط پنجاهه روپيه ڏئي ڪراچي ڪنهن ڪم سان روانو ڪيائين، تاڪيد ڪري چڙيائينس: "رهجاءِ وڃي مولو مسافرخانه ۾، ڪم لٿي بعد موٽڻ ۾ لحظو به دير نه ڪجانءِ". پاءُ کي روانو ڪري وري ڪراچي جي ڪنهن واقف ڪار ڏانهن ڪارڊ لکي ٽپال ۾ روانو ڪيائين ته پاٿو ڪراچي اچيوَ ٿو. سوڪيس سمجهائيندا ته "اِن المُبذرين ڪانو اخوان الشياطين" سو خرچ مڙيوئي سمجهه سان ڪري. ڪم ٿئي ته جلدي واپس ڪجوس وغيره وغيره. انهيءَ احوال ڪان علاوه سندس هڪ ٻيو قصو به مشهور ٿي ويل هو. چاچي حاجي محمود خان جي اِها چشم ديد ڳالهه هئي. حاجي بلند خان ڪنهن شادي جي 'ڪاند' ڪئي. اوڙي پاڙي ۽ واقف ڪارن ڏانهن دعوتون موڪليائين 'سنڌي' واري تاريخ تي ڪچي جي سپني 'پاڳين' تي بار رکيائين ته اجو ڪو سڄي مال جو کير مِٽن ۾ وجهي ڪيس پهچايو وڃي تاڪ "ڪاج جو ڪارج ٿئي" پوءِ ڪانڌتي آيل مهمانن کي پنيءَ مان نهيل ٺوٺرين تي ويهاري هڪل ڪندو هو ته پري اچو پاٿرن لاءِ کير وٺيون ۽ مانيءَ جون ڇپيون! سو ان نموني سمورن مهمانن کي کير ماني سان ڏؤ ڪرائي اوڳرايون ڏياريائين. ڏندن ڪوٽڻ جو ته سوال ئي ڪونه اُٿيو، ڇاڪاڻ ته حاجي صاحب ڪنهن 'ساهه واري' کي سير وجهي ٻوٽيون ڪارائي ها ته ڏندن ڪوٽڻ جو موقعو پيدا ٿئي ها.

حاجي بلند خان پورو پورو حاجي هو. مٿو سدائين ڪوڙيل رکندو هو. ڏاڙهي وڏي ٻروچڪي نموني واري، مولوي واري بنهه نه

ٻڙهي پٽا جي ذڪر ڪان پوءِ وري ڦري اچجي ٿو فال راج واه جي نقش نشانن تي، فال راج واه شاهي واه جي ٢٧ ميل تان ١٩١٠ع ۾ ڪوٽايو ويو هو. هي شاخ ٢٥ ميل ڊگهي هئي، سندس ١٩ ميل تي اسان جو ڳوٺ عزيز آباد هو ۽ هن وقت مستري مائنر نالي 'شاخڙي' جي انين آر ڊي تي ڳوٺ آهي. فال راج واه جڏهين اُوَج سان پرپور ٿي وهندو هو. اهو وقت مون کي چڱي طرح ياد آهي. منهن ڪان پڇڙي تائين ٻنهي ڪڙن سان ٻبرن جا وڻ هوندا هُيا، هر هڪ وڻ جي درميان ڏهن فوٽن ڪان وڌ فاصلو ڪونه رکيل هو. گهاٽا ۽ ڊگها وڻ ايڏو ته 'ڇانورو' رکيون بيٺا هُيا جو اُس ڪڏهين به ڪڙ تي ڪانه ايندي هئي. شاخ جي ١٠ 'ميل ۽ ١٨ ميل تي 'داروغه لانڍيون' هونديون هيون جيڪي پڪيون لوه گارڊر سان سنواريل هونديون هُيون داروغا، بيلدار گهٽو ڪري هميشه حاضر هوندا هُيا. رات گذاري اسان جي نهيل اوطاق تي ڪندا هُيا، جيڪا شاخ جي ڪناري هئي، سب ڊويزنل آفيسر مهيني ۾ هڪ اڌ دفعو ضرور ايندو هو. اُن جي سواري ڪندا هُيا. ايڪس اي اين، هر ٽين مهيني دورو ڪندو هو. آب ڪلياٽي ۾ هر ڏهين ڏينهن پروگرام رکندا هُيا. ١٨ ميل پل وٽ لاڙو هو جتان لاڙو ڪري انڙواه ڪئنال طرف ويندا هيا جي پڇڙي جي شڪايت ٿيندي هئي ته ضرور پڇڙي کي ڏسڻ ويندا هُيا. ٽيل جي 'فل سپلاءِ گيج' ٢ فوٽ ضرور رکڻ جي تاڪيد ڪندا هُيا. اسان جون زمينون ڊاهي واريون هيون سو پاڻي جي گهٽ ليول تي اسان جا ڪڙيا ڪونه وهندا هُيا. وقت جوهر انجنيئر اسان سان همدرد هوندو هو. سندن آمد جو پتو اڳواٽ پئجي ويندو هو. ١٨ ميل تي 'ونگائين پل' نهيل هئي، جنهن جو هڪ دروازو سرن سان بند ڪيل هيو، سو اهو دروازو هڪ وڏي ڪمري جي صورت ۾ ٿي پيو هو. انجنيئر صاحبن جي آمد جو ٻڌي آئون 'خورد نوش' جو سامان ڪٽي اُن پل تي ويندو هوس. اُتي دعوت شيراز جهڙو بندوبست ڪري رکندو هوس. آئون پاڻ کي خوش قسمت سمجهان ٿو جو نهايت اعليٰ اخلاقن وارن انجنيئر صاحب، سان ملاقاتي ٿيس. اِتي مون، مرحوم محمد سليمان پتو صاحب، مرحوم شير محمد بلوچ صاحب، مرحوم گل حسن طاهراڻي صاحب محترم حاجي محمد هاشم ميمڻ صاحب، محترم قمرالدين سهتو صاحب، مرحوم اميد علي قريشي صاحب، مرحوم عبدالحميد ميمڻ صاحب، آنجهاني سيٺ صاحب جهڙا انجنيئر ڏٺا، اِتي موٽرن تان لهي جهٽ پلڪ ساهي ڪندا هُيا. 'بر ۾ بازار'

سمان هوندي هئي اُها گهڙي. اهڙا اشراف آفيسر مون مسڪين جي دعوت شيراز ۾ خوشي سان شريڪ ٿيندا هيا. بعد ۾ انهن مان ڪيترا چيف انجنيئر ٿيا. اُن مهل بہ هي جڏهين هن شاخن سان آيا تہ پيرو ڪري بنده جي ڳوٺ هليا ايندا هيا. سندن شرافت، ڪين مون خادم وٽ لنگهي اچڻ لاءِ آماده ڪندي هئي. عجب 'وفع دار' نياءُ ڪندڙ هُيا. الله تعاليٰ سندن مرقدن تي پنهنجا انوار جاري رکي. اهو عجيب وقت هو. آب پاشي جا آفيسر ڏاڍا فرض شناس پنهنجي فن جا ماهر ۽ ضابطي وارا هوندا هُيا. هنن نوڪريءَ جي ساري عرصہ اندر ڪا اهڙي ڪوتاهي ڪا نہ ڪئي، جنهن مان سندن ڪاتي اندر ڪو نقص نڪتو هجي. اڄ بہ انهن جون ڳالهيون نيڪي سان پيون ڳائجن. انجنيئري ڪاتي جي عملدارن جي آمد جو پتو اسان کي پئجي ويندو هو. چاڪاڻ تہ بيلدارن جو قيام اسان جي اوطاق ۾ هوندو هو. انهن بيلدارن مان هڪ جت قوم جو بيلدار تمام گهڻو عرصو هتي رهيو هو. عجيب ڳالهير ماڻهو هو. پنهنجا ۽ پرايا زندگيءَ جا اهم قصا سُڻائيندو هو. پنهنجي آفيسرن جا ڪچا چٽا بہ ٻڌائيندو هو. عموماً هندو "ننڍا سروير" ۽ "وڏا سروير" جون ڪهاڻيون ڪندو هو. "ننڍي سروير' ڪون ڪُڪڙ کُهہ ڪاوان تہ پي آکي 'مون چا ڪاڏو' !؟ چڙيون بہ ٽنگون بہ ڪانپاٽيون ۽ جيري گجي ذري، باقي هڙئي ڪڪڙ توهان ڪائي ويا" ، وغيره وغيره جهڙا قصا روز ڪندو هو. پنهنجا ذاتي تجربا بہ ٻڌائيندو هو. جيڪي لکڻ جهڙا نہ آهن، هڪ دفعي سياري جي مند ۾ صُبح جو مچ تي وينا هُجون تہ هي هلي آيو. اچڻ سان پير مٿي ڪري باهہ سيڪڻ لڳو، مون ڏٺو تہ سندس پير جي 'ڪرونڊڻ' ۾ ڪا لنڊي نانگ اٽڪيل آهي، چيومانس: "بيڙي ٻُڏا' ! نانگ چڪ هنيو اٿئي، مري ويندين" ڏسي چيائين تہ "ميڪون ڪيا مريسي آپ مرڳئي هي" چڪي چڪي مس ڪڍيائين، لُنڊي جا ڏند ڪرونڊن، ۾ ڦاسي پيا ها سو پاڻ ويچاري لتاڙجي مري وئي هئي باقي بيلدار کي ڪجهہ بہ نہ ٿيو. اهڙي قسم جا 'بلهوش' ، ماڻهو بيلدار هوندا هيا. انهيءَ قسم جي 'سخت طبع' هوندي بہ 'انسان آزار' ڪونہ هوندا هُيا. شاخ جي وٽن تي ساهہ ڏيندا هُيا. پاڙون وڍائڻ جي عادت کان خالي هُيا، ڏنارن پنهوارن کي اجازت ڏيندا تہ پل ڀڪريون ڪاهي اچن. ڪريل 'پلڙا' چاري، باقي وقت تي ڪڙ کي ڀهاري ڏيارڻ ۾ مدد ڪرڻ واسطي دير نہ ڪن. جي دير ڪيائون يا ڪوتاهي ڪيائون تہ سندن ڌڻ سڌو ڊڪ ۾ هوندو.

هاڻي تہ ڪلور ٿيا پيا آهن، سڄي شاخ تي هڪ وڻ بہ پوکيل ڪونهي، پلا بيلدار اچي ڪم ڪن تہ وڻ بہ ٿين. وڻ پوکڻ ۽ وڻ سنڀارڻ جو ڪم ئي ختم ٿي ويو، سروير تہ پنهنجي جاءِ، داروغا بہ مهينين منهن ڪونہ اچن. پگهارون ڪين هيڊڪوارٽر ۾ ملنديون آهن سب ڊويزنل آفيسر کي طاقت نہ آهي جو بيلدارن جو پگهارون روڪ ڪري. سب ڊويزنل آفيسر يا سب انجنيئر حد ۾ اصل ڪونہ اچن، بيلدار اهو ڏيکاءُ ڏيندا تہ صاحب، شاخن سان هٿيار بند ڌاڙيل گهمندا آهن، متان سائين جن کي ڪا تڪليف ٿئي، سو سنڀار لاءِ اسان وينا آهيون. اوهان ڪو الڪو نہ ڪريو ڪئنال وائر سسٽم بہ انهيءَ قسم جي بيلدارن فيل ڪيو تارون پٽي ڇڏيائون نہ تہ فون تي بہ حاضريون وينديون هيون.

فال راڄ واهہ جي ڪڙڪان گهاٽن وڻن ۾ پکين جا آشيا نا هوندا هُيا. هر قسم جا تاريخي پکي ڏسبا هيا، ڪانگ، ڪبر، ڳيرا، ڀيريون، ڪبوتر، ڊڪڻ پکي، ڪٽچيون، ۽ وهين جا ولر هوندا هُيا. هينئر اهي پکي بہ لاڏاڻو ڪري ويا، پلا ويهڻ ۽ آکيري لاءِ وڻ ڪونہ هوندو تہ پوءِ پکي ڇو آسرو ڪن، انهيءَ پُراڻي نالي سان فال راڄ واهہ جي ١٩ ميل سامهون عزيز آباد جو ڳوٺ آهي.

عزيز آباد جو ڳوٺ نل تعلقہ ۾ تاريخي ڳوٺ آهي. برصغير جي آزاديءَ جا داستان هن ڳوٺڙي سان وابستہ آهن. اهي واسطيدار 'مجاهد' هاٽي چوڪ جي جامع مسجد جي پاسي ۾ 'اَبدي آرام گاهہ' ۾ آرامي آهن.

خدا جون مٿن رحمتون هجن.

اسان هن ڳوٺ جا هاٺوڪا باشندا انهن مانجهي مردن جا 'ناخلف' نمونا ۽ "ڪنيل ديرن جا ترا" 'بہ پيرا'

جانورن وانگر پيا ڏسجون

١٨٩٥ع ۾ صوبيدار امين خان شهادت حاصل ڪئي، سندس فرزند عبدالعزيز خان، هتي ڳوٺ ٻڌو. ١٩٢٨ع ۾ پڪيون جايون ٺهيون، ١٩٣٥ع ۾ مسجد شريف جُڙي.

منهنجو والد حاجي عبدالعزيز خان مرحوم، مولانا عبيدالله سنڌي رح ۽ حضرت مولانا امروٽي رح جي صحبت ۾ رهيو. اُن ڪري انقلابي طبع هو. هو تحريڪ هجرت جي دؤر ۾ ڪابل طرف هجرت جي خيال سان ويو هو. ١٩٢٢ع ۾ ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد مسٽر سمائيٿ، عزيز آباد آيو هو تاڪ عزيز آباد انقلابي مرڪز بابت معلومات حاصل ڪري پر اُن وقت هي ڳوٺ اجان رهائش لاءِ ڪونه هو. سمائيٿ لاءِ چوندا هُيا ته ڏاڍو زورآور آفيسر هو. جنهن طرف وڃڻ ٿيندو هوس ته اول نقشو گهرائي مقصود جاءِ تي نشان ڪري پوءِ روانگي واري جاءِ تان سڌو ليڪو اُن منزل جي نشان تائين ڪڍندو هو. حڪم ڪندو ته ليڪ نڪتل جاين تان زمين کي هموار ڪيو وڃي جهنگ، پوک وغيره ڪان صاف ڪيو وڃي. جئين گهوڙي کي ڪا رڪاوٽ نه ٿئي ۽ انهيءَ ليڪ سان نهيل گهرن جا سيئي ڪتا مارايا وڃن. متان ڀؤنڪ ڪري گهوڙن کي تاهه ڏين. اُن زماني ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي منزل تي هڪ هزار روپيه روز جو خرچ هوندو هو. سمائيٿ، رات عزيزآباد ۾ تنبو هڻائي رهيو. هتي ڪنهن بغاوت جي بوءِ ڪيس ڪانه محسوس ٿي. مان ڪري واپس هليو ويو.

١٩٢٩ع ۾ اُتر سنڌ کي بارشن جي ڪري ٻوڏ ٻوڙي رکيو هو. لڳاتار پورو آگسٽ جو مهينو بارشون هليون. اُترين جبلن جو پاڻي هيٺ لهي آيو هو، عزيزآباد کي هفته اندر هڪ وڏو بند ڏنو ويو هو، ابي مرحوم ڪامين کي ڪنڌ سان ڪٽڪ جي ماني جون ڪُٽيون' ڪري کارايون، چانورن جو زمانو ڪونه هو، نڪي هتي چانور پوکبا هُيا. انهيءَ ٻوڏ ۽ بارش جي پاڻي 'اجايل زمين' کي ٺاري رکيو هو. ربيع جو فصل ڏاڍو پلو ٿيو. خاص طرح سرنهن، جانٻو ميلن جا ميل گُل ڪري بينا، هزارين جريبن ۾ انهيءَ پوک جي ڪري جابلو پکي به سرءُ جي موسم ۾ هلي آيا. 'تلور' ۽ 'قرنا' پکي ڏاڍا آيا. مقامي پکي ٽترن جي تنوارن به ڏاڍي لئي ڪري ڇڏي هئي. تنهن زماني ۾ جيڪب آباد ۾ پهريون مسلمان ڊپٽي ڪمشنر آيو هو. 'صاحب زاده محمد خان' نالو هوس، حافظ القرآن هو، ابي مرحوم جو دوست هو. ڪيس هتي عزيز آباد وٺي آيو ته گُلن جي هٻڪار ۽ ٽترن جي تنوارن سان گڏ اهو به ڏسي ته ڪاري ڪلر کي قدرت پنهنجي نموني هن قسم جي بهار ڏني آهي ۽ الله سائين جي رحمت هن اُجايل علائقي کي ڪيئن شادابي عطا ڪئي آهي. صاحب زاده صاحب رات رهي قدرتي رنگ پسي محفوظ ٿي صبح جو واپس وريو.

١٩٢٩ع کان پوءِ عزيز آباد جي زمينن ۾ پوک سني ٿيڻ لڳي. ابو مرحوم پئدائش مان باقاعده 'عشر' ڪڍي جُدا رکندو هو. انهيءَ اَن مان پنهنجي غريب عزيزن ۽ غريب پاڙيسرين جي امداد ڪندو هو. ڪين اينرو ان ڏيندو هو جو ڇهه ماهي گذر سفر ٿي سگهين، اَن وقت اگهه به چڱا ملڻ لڳا، بچت ٿيڻ لڳي ته زڪواة به حساب سان باقاعده ڪڍندو هو ۽ ''مُستحقين' کي سنڀاري سنڀاري زڪواة ادا ڪندو هو. اُن زماني ۾ ڪپڙو نهايت سستو هوندو هو. 'چلوار' روپئي جا ويهه هٿ ملندو هو ۽ 'هرڪ' ٢٠ وال تاڪيو چئين روپين ملندو هو. هينئر چيئرمين اسي روپيه گز ملي رهيو آهي.

١٩٢٥ع ۾ حرمين شريفين جي سرزمين تي تجدي خاندان 'آل سعود' جو قبضو ٿيو. هن حڪومت سالن اندر حرمين شريفين ۾ امن امان قائم ڪري ڇڏيو. ابو مرحوم به ١٩٣٢ع ۾ حج تي ويو. حضرت مولانا عبيدالله صاحب سنڌي رح جي خدمت ۾ به حاضر ٿيو، جيڪو اُتي رهيو پيو هو. اُن زماني 'سفينه حجاج' ذريعه سمنڊ جو پنڌ اُٺارنهن ڏينهن هڪ پاسي جو ٿيندو هو ۽ سادا ٽي مهينا لڳندا هُيا.

ابو مرحوم زراعت جي معاملن جو ماهر هو، وٽس ٻاجهري جي هڪ اهڙي جنس پوکبي هئي جنهن جو سنگ ٽي فوٽ ڊگهو هوندو هو. هي نيڪ نمازي، خيراتون ڪندڙ انسان هو. آخري وقت ۾ پنهنجي پٽ 'امين ملت' کي سڏي چيائين ته 'گانڌي ٽوپي' لاهي پٽڪو ٻڌي اچ جو پير سائين بادشاه آيو آهي. انهيءَ حالت ۾ ذڪر جاري ٿي ويس. ذڪر ڪندي سندس پساهه پرواز ڪري ويو. ابو مرحوم نڍي زميندار هوندي به وڏي ڏڪ وارو انسان هو. امين ملت جي اليڪشن ۾ ڪاميابي. 'ڪانگريسي ڪرشمن' ڪري نه پر ابي مرحوم جي رهائي، رسائي جي اثر سبب ٿي هئي. 'امين ملت' عزيز آباد جي شخصيت هئي جنهن حضرت امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي جي ارشاد مطابق سوباش چندر بوس کي هندوستان مان نڪري وڃڻ ۾ مدد ڪئي. جيئن مولانا ڪابل ۾ 'حڪومت مؤقته هند' نالي هئي ۽ فوج 'جنود الله' تشڪيل ڏني هئي، تيئن سوباش چندر بوس 'آزاد هند فوج' ۽ آزاد هند حڪومت جوڙي ان ذريعه هندستان تي جاپان جي مدد سان حملو ڪيو هو. مولانا صاحب ١٩٤٤ع ۾ وفات ڪئي ۽ هندستان به ٽن سالن بعد آزاد ٿيو، حضرت پير صاحب پرچوندي شريف وارن جي ڪوشش ۽ دعائن سان پاڪستان قائم ٿيو. حضرت 'امين الملت' ان جو 'پاسبان' ٿي بيٺو. پٽي صاحب جي دؤر حڪومت ۾ ملڪ جي بچاءَ استحڪام لاءِ 'امين الملت' ڪليدي ڪردار ادا ڪيو. سندس وفات بعد پٽي صاحب جيڪب آباد ۾ اظهار ڪيو ته ڪيس صلاحون ۽ مددون حضرت 'امين الملت' جون هُيون. نواب اڪبر خان بگٽي گورنر بلوچستان عزيز آباد پهچي جنازه ۾ شرڪت ڪئي ۽ چيو ته "هن منهنجي پڳ جي مالڪ مون کي اڪيلو ڪري وڌو آهي". بگٽي صاحب ڪوئٽه واپس پهچي گورنري تان استعفا ڏئي ڇڏي هئي.

حضرت 'امين الملت' اسلام جي آزاد مُلڪ جي خدمتن ۾ ٿي بيمار ٿي پنهنجي رب ڏانهن هليو ويو. هُن وٽ فقط پنهنجي جان هئي جنهن کي نذرانو ڪري سرخرو ٿيو.

چون رفتي بزم برهم ساختي.

سنڌين کي سندس پورو سماءُ ڪونه پيو ۽ پاڪستانين کي به سندس پورو پتو ڪونه لڳو، سيني کي سندس ڪماليت جو قدر تڏهين پيو، جڏهين هو هي جهان ڇڏي ويو.

جي جيءَ کي جيارين – سي لاهوتي لڏي ويا.

ٿُل هميشه سياسي مرڪز رهيو آهي، هن جا زميندار 'زبرا' ۽ 'سياستدان' سچا انسان هوندا هُيا. زميندارن ۾ هنين ٻارن جي نگهباني ڪان علاوه مسجدن جوڙائڻ، پيرن فقيرن کي آٿي اگهڻ تي قدمن گهمائڻ، 'خير خيراتن' ۽ ٻارهن ڪرڻ جي خوبي هوندي هئي. سياست وارن کي سچي رهڻ جي ساڃهه هئي، مطلب ته سٺ سٺر سال اڳ جو وڏيرو 'چوري ڀال' هوندو هو. خدا خوفي ۽ سهڻين عادتن وارا انسان عام جام هوندا هُيا، پير فقير قدمن گهمائڻ لاءِ نڪرندا هُيا. سيد سگهورا چاليهي وصول ڪرڻ لاءِ سياري جو ٽيچار خليفا ڪٺي گهوڙن تي نڪري پوندا هُيا. آل رسول سبب ماڻهو حُب سان کين نذرانو ڏيندا هيا. هُو به دعا ڪندا هُيا. تنهن زماني انهن پيرن فقيرن ۽ سيدن جي صدقي نڪي 'مال ۾ مهاڙو' ٿيندو هو نڪي پوکي راهي کي ڪو جيت جٽيون لڳندو هو. محنتون ضايع ڪونه ٿينديون هُيون. بسم الله سان پوکي کي برڪت پوندي هئي. اُن زماني جي چڱن ماڻهن جو ذاتي ڪردار به صاف هوندو هو. ڪنهن جي ڪک اوڏو ڪونه هوندا هُيا. زميندار ماڻهو بي ماڻهو جي هر چيز ونڌ پاڻ لاءِ ميار ڄاڻندا هُيا. سياسي ماڻهو بدخواهه ڪونه هُيا، نڪي پلاٽن جو نڪي پئسن جو ڪو داغ لڳل هون، نه ڪرولا نه ڪميشن جو ڪو نشان لڳل هون.

حق مغفرت ڪري عجب مرد آزاد ٿي.

گذريل زماني جون هي "نيڻ نار' ڳالهيون ۽ 'نظارا' ياد پون ٿا ته دل نپوڙجي اکين مان آب ٿي نڪرڻ لاءِ

چاهيندي آهي. ڇا زمانو هو. گلاب جي گلن جهڙا ماڻهو ڪهڙا نہ سچا هوندا هُيا. ڪهڙا نہ 'اشراف' عيبن کان خالي هوندا هُيا. ڪهڙي نہ سندن سُهڻي شبيھہ هوندي هئي. اڇا پٽڪا، اڇو اجرو ڏگهو لباس پايون 'شرافت' ۽ 'سخاوت' جا پريا ماڻ نظر ايندا هُيا. سندن وقت ۾ ڪيڏو نہ سُڪار هو. ڪيڏي نہ برڪت هئي، ڪٿي مان ڪيچ ٿي پوندا هُيا. نہ سمر نہ سيڪ، هر جاءِ ساوڪ ۽ وڻ باغ بهاري لڳل هوندي هئي. انبن ۽ ٽارين جي گهاٽن ڇانورن هيٺ نہ گرمي جو اثر نہ ايئرڪنڊيشن جي گهرج هوندي هئي. هرڪو 'صحت مند' 'سياڻو' ۽ 'ڇوَ وان' هوندو هو. هاري ناري هميشہ هر ڦار ۾ ۽ ڪيتن ۾ رڌل، زميندار ٻنين ۾ سٽيي ڪِل سان سُهڻن گهوڙن تي گهمندي ڏسبا هُيا. مُلان مولوي مدرسن کان ٻاهر ڪونہ هُيا. نہ ڪين واعظن جو شوق هو، سندن ڪم هو طالبن کي پڙهائي 'پختو' ڪرڻ ۽ مسجد شريف کي آباد رکڻ. 'چندن' يا پڳهارون تي سندن گذر سفر ڪونہ هو. خدائي عنايت تي پروسو ڪيون دين جي خدمت ۾ مشغول هوندا هُيا.

حاڪمن ۽ عملدارن ۾ بہ هروپرو رشوت کائي 'بي انصافي' جي عادت ڪانہ هئي. ڪڏهين بہ ڪنهن جو 'حق ماري' ٻي کي ڪونہ ڏيندا هيا.

ڪاريگرن کي بہ 'بي ايماني' يا 'من پڳي' سان ڪم جي عادت ڪانہ هئي. ڪين سازوسامان کي اڌورو ڇاهڻ جي 'اڌ' پيل ڪانہ هئي. جيڪا چيز ٺاهيائون يا تيار ڪيائون، اُن ۾ 'نُقص' وجهڻ جي 'چندائي' ڪانہ هُين. خراب مصالحو ٺاهڻ يا 'جڳاڙ ڪرڻ ڪين ايندو ئي ڪونہ هو.

واپارين ۾ "ملاوٽ ڪرڻ جو منحوس مرض" ڪونہ هو. نڪي 'اگهہ مارڻ' جو ڪو اڪرهون، نڪي 'ڪساد بازاري' جي سڪيا ملي هُين، خالص چيز، مناسب اگهہ سان فروخت ڪندا هيا. ٿوري ڪٿي گهٽي برڪت تي عمل ڪري وڏا شاهوڪار بڻجي ويندا هُيا. سندن ڪمائي 'حلال' هوندي هئي.

خاص ماڻهن کي سياست جو سلهہ ڪونہ لڳو هو، هر ڪنهن ۾ 'محبت' اعتماد ۽ احترام جا جذبا موجود هُيا. اليڪشني عذاب اڃان نازل ڪونہ ٿيو هو، ماڻهو يڪ سخنا هيا. ووٽن لاءِ قرآن ڪريم تي قسم کڻڻ جو رواج ڪونہ آيو، هو نڪي ڏوڪڙن تي ووٽ وڪڻبو هو. هر ڪنهن کي پنهنجي 'مان جو 'مرم' هو.

مون اهڙي ماحول ۾ 'مشاهدي' جون اکيون کوليون هيون. اهو وقت ۽ اجوڪو لقاءُ ڏسي 'جيءُ جهورين ۾' پئجي وڃي ٿو. دانهن نڪريو وڃي تہ يا خدا! هيءُ ڇا ٿي ويو آهي. اهو 'برڪتن ڀريو زمانو' ڪاڏي غائب ٿي ويو!؟ هاڻي جي اثر سبب ماڻهپو موڪلايون وينو آهي.

منهنجا مالڪ! هن دؤر تي تنهنجو ڪو ڏمر ٿيو آهي، جو انساني اوصافن سان گڏ ٻيو سڀ ڪجهہ بہ ختم ٿي چڪو.

مون پنهنجي احساسات جي دائري کي في الحال 'نئين نل جا پراڻا گل' جو عنوان ڏيئي لکيو آهي. هي داستان ماضي ڪير پڙهندو؟ اهو چئي نٿو سگهان. مون گذريل وقت جي 'ويرن' جي ياد ۾ بہ "ويا وڳر وهي" ڪتاب تفصيلاً لکيو آهي. جنهن ۾ انهن انسانن جي سوانح تي روشني وڌي اٿم جن جي مون زيارت ڪئي هئي. بس انهيءَ الله لوڪ انسانن ۽ گذريل زماني کي ياد ۾ رکي باقي حياتي پيو گذاريان!

داستان عهد گل را، از نظيري مي شنو
عندليب آشفتہ تر گفتہ است اين افسانہ را.

•